خبرون کيڙائن جون

(سفرنامو)

الطاف شيخ


روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو

1998ع

ڊجيٽل ايڊيشن

2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر



سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"خبرون ڪيڙائن جون"** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب ناميارو سفرناما نگار ۽ مئرين انجنيئر **الطاف شيخ** جي ملائيشيا جي سفر تي مشتمل آهي.

الطاف شيخ اٽڪل پندرهن سال کن دنيا جي مختلف سمندن ۾ بندرگاهن ۾جهاز هلائڻ بعد اٺ سال کن ملائيشيا جي شهر ملاڪا ۾ مئرين اڪيڊمي ۾ جهازن جي "ڪئپٽن، انجنيئرن ۽ ڪئپٽنن کي پڙهايائين. هن ڪتاب (خبرون ڪيڙائن جون) جا گهٽا تٽا ليک ملاڪا (ملائيشيا) وارن ڏينهن جون يادون آهن. ڪتاب ۾ ليکڪ ملائيشيا جي اهم ماڳن، مڪانن، هنڌن جو ذڪر نهايت سهڻي پيرايي ۾ معلوماتي مواد سان درج ڪيو آهي.

هي ڪتاب 1998ع ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سائين الطاف شيخ جا جنهن هي ڪتاب نئين سر ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر لاءِ موڪليو.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڈيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

انتساب

پنهنجي پياري دوست ۽ پاڙيسري، سنڌ جي اهم اديب، شاعر، ڪالم نويس، ڊرامہ نويس، مزاح نگار ۽ دل جي مريض قمر شهباز لاءِ

_الطاف شيخ

موڙي ويا مڪڙيون، ڪاڏي ڪشتيبان
نہ سي، دؤر درياهہ جا، نہ سي سڙهہ سڪان
لٽيا اتر واءُ ۾، ناتاريون، نيشان
ڪنهن تڙ ملي ڪانہ، خبر ڪيڙائن جي
(تاجل بيوس)

books.sindhsalamat.com

فهرست

	انتساب .... قمر شهباز	04
	هن ڪتاب جو ليکڪ ... ادارو	06
	پيش لفظ ... جمال ابڙو	07
01	جانورن سان ويرنہ اٿم	12
02	جن سان نڪاح	19
03	ايمان جو جذبو	27
04	مشرق منهنجي لاءِ سپ ڪجهہ آهي	31
05	لاش کي ڳجهن حوالي ڪرڻ	43
06	ملائيشيا مان نڪرندڙ پنجابي اخبار	50
07	پاڪستان جو هيرو ملائيشيا جي هيروئن	57
08	چا توهان بہ فيشني نالي جي ڳولا ۾ آهيو.	64
09	جت نانگن جا ديرا	74
10	1988 چينين لاءِ پاڻ پريو سال	83
11	ملائيشيا وارا چا ٿا چون...	88
12	نالن جو تڪرار	95
13	ڪئپٽن جو غائب ٿيڻ...	102
14	ملئي _ ڏُور اوپر جي سولي ۾ سولي ٻولي	105
15	نالن جو تڪرار	118

www.sindhsalamat.com

16	ڪئپٽن جو غائب ٿيڻ...	125
17	ملئي _ ڏُور اوپر جي سولي ۾ سولي ٻولي	128
18	عورتن ۽ مردن جون ڇمارون	141
19	ڪجھ Toilets **بابت ...**	145
20	ملئي ٽوئليٽ ...	154
21	ڳالھ دل سان نڪي لڳي...	156
22	سئٽزرلئنڊ ھڪ نرالو ملڪ	161
23	هي پنگياٽيون...	167
24	گرم گرم حلوو کارايوس...	170

هن ڪتاب جو ليکڪ

الطاف شيخ جو جنم تاريخ 14 نومبر 1944ع تي ٿيو. ابتدائي تعليم هالا مان حاصل ڪرڻ بعد ڪئڊٽ ڪاليج پيتارو مان ميٽرڪ ۽ انٽر ڪيائين. ان بعد چٽاگانگ_بنگلاديش (تن ڏينهن ۾ مشرقي پاڪستان) مانمئرين انجنيئرنگ (جهاز جي مشينن جي انجنيئري) ۾ مالمو سئيڊن جي "ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي" مان مئريٽائيم ائڊمنسٽريشن (انجنيئرنگ) ۾ ماسترس ڊگري حاصل ڪيائين.

اٽڪل پندرهن سال ڪن دنيا جي مختلف سمندن ۾ بندرگاهن ۾جهاز هلائڻ بعد اٺ سال ڪن ملائيشيا جي شهر ملاڪا ۾ مئرين اڪيڊمي ۾جهازن جي "ڪئڊٽن. انجنيئرن ۽ ڪئپٽنن کي پڙهايائين. هن ڪتاب (خبرون کيڙائن جون) جا گهٽا ٽٽا ليک ملاڪا (ملائيشيا) وارن ڏينهن جون يادون آهن.

الطاف اڃڪلهه PNSC طرفان ڊيپوٽيشنتي پاڪستان مئرين اڪيڊمي ڪراچيءَ ۾ Post Sea (جهازي آفيسرن) کي پڙهائي ٿو. الطاف گذريل ٽيهن سالن کان لڳاتار لکندو اچي.

2 مارچ 1998ع

ادارو

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پيش لفظ

الطاف شيخ تي مون هميشہ رشڪ ڪيو آهي تہ هو ڪيئن محض سفرنامن ذريعي مسلسل ترقي پسند ادب ڏئي رهيو آهي. ترقي پسند ادب تي ڪنهن وڏي نامياري جگادري قسم جي اديب جي نڪي هڪ هٿي آهي تہ نہ ميراث. نہ وري ترقي پسندي کو مشڪل افلاطوني فلسفو آهي جنهن تي ڪنهن خاص گروهہ يا ڪنهن مخصوص آئديالاجي جو ٺپو لڳل هجي. بس سڏو سنئون معلوماتي ادب، جو سوچڻ تي مجبور ڪري، بهتريءَ جيچاهنا پيدا ڪري ۽ ان لاءِ راهون کولي ڏئيتہ اسان جهڙي ملڪ ۾ ان کان وڌيڪ ترقي پسند ادب ڪهڙو ڇئبو. انڪسوٽيءَ تي الطاف شيخ جو ڏنل ادب نج سون ثابت ٿيندو. سندس نگاهہ تمام گهري، خلوص واري، چند چاٽڪرڙ واري، ميناج ۽ مزاح سان پلائي ۽ برائيءَ جون آندا گجيون ڪيڙ واري ۽ پيار سان ڏاهہ ۽ ڏس ڏيڙ واري آهي.

کو دؤر هو جو ڪيئي ڪنڊ ڪائو مجنون ٻرن مان نڪري ترقي پسند جو ٺپو هٽائي هنبوچيون هٽندا وتندا هئا. نہ علم نہ ڄاڻ، نہ مسئلن تي نظر، نہ عوام سان ڳوڙهي وابستگي، نہ ايثار ۽ قرباني‌ءَ جو جذبو. پنجاهہ ۽ ست واري ڏهاڪي ۾ حقيقي ترقي پسند تہ وڃي جيلن ۾ پيا يا عذاب ڏيئي ماريا ويا. پوءِ مڪو متو هٿرادو ليڊر پسند، شهرت پسند ۽ ناماچار پسند جامڙن جو جن جي پيداوار اڇڪلهہ جا ڏاڙيوال يا خوشامندي سرڪاري صلاحڪار آهن. لفاظي ۽ نعري بازي ڪري، پئسا ڪمائيندا، ڏاڪڙ چڙهندا وڃي ليڊري ۽ صلاحڪاريءَ تي پهتا. انهن جا بہ ڪيئي نمونا هئا. ڪي مهذب، ڪي بڪواسي، ڪي چرچائي۽ گاريل. مقصد سيني جو هو سرڪار سان سنمڪ ٿيڻ ۽ ماٺهن ۾ معتبر بڻجڻ. سچو ترقي پسند ۽ انقلابي ٿيڻ تہ سندن پهچ کان ٻاهر هو چو تہ ان لاءِ قرباني، تڪليفون، عذاب، مفلسي ۽

books.sindhsalamat.com

پڪڙ پچاڙ ڪانسواءِ ڪجهہ پلئہ نٿي پيو. ان لاءِ سولو بنهہ آسان طريقو ايجاد ڪيائون تہ مذهب ۽ الله تبارڪ تعاليٰ جي شان ۾ گهٽ وڌ ڳالهايو تہ هڪدم ترقي پسند ۽ جي ڪنهن سرڪاري ڪاتي يا سپاهي صوبيدار ڪي هيسائڻ لاءِ مٿس جلهہ ڪيو يا ڪنهن شريف جي ڏاڙهيءَ پٽ ڪيو تہ توهان انقلابي. انهيءَ دور ۾ مولوي نذير حسين جتوئي جا توٽڪا ڏاڏا مقبول ٿيا ۽ مولوي صاحب لٽ ڪنيو ڏاڏائي ۽ زبان جي زور تي ڪليڪٽري ۽ انجنيئري ڪاتي جي آفيسن ۽ ماٺهن لاءِ لانڊ وٽيو ڪم ڪرائيندو وتندو هو. ٻئي پاسي ڪامريڊ عبدالقادر، ڪامريڊ حيدر بخش، ڪامريڊ سوپي گيانچنداڻيءَ ۽ ڪامريڊ رسول بخش پليجو جهڙا سلجهيل، سمجهدار، چيڙهالا ورڪر ورهين جا ورهيہ جيلن ۾ پيڙجندا رهيا. ٻيا تہ نهيو پر شيخ اياز جهڙو نج اديب ۽ پيارو ماٺهو پڪاري اٿيو تہ "سچ وڏو ڏوهاري آهي"، "سنڌڙي تنهنجو نانءُ ورتو جڳ ڪاريءَ تي پير پيو". ٻاهري ڪنڊ تي هلندي رتو چاڻ ٿي گهرٻار ڏنڏو ڏاڙي رلائي وڃي جيلن جو واسي ٿيو. هن صديءَ جو هڪڙو عظيم اديب ۽ عجب انسان بہ اهو مقام ئي پائي نہ سگهيو جيڪو ٻيا سڏڙيا پائي ويا. مٽيان سپ عظيم ۽ سچا ترقي پسند اڄ تائين لعن طعن جو شڪار آهن ۽ هرڪو ڪائنڪ چرڪي ٿو. ڪامريڊ عبدالقادر ۽ حيدر بخش تہ الله ڪي پيارا ٿي ويا تہ بہ اڃتائين لوئجن پياتہ اٻوجهہ هئا، چنده خور هئا وغيره وغيره. اها وڏيڪاسرڪاري چال هئي جا اسان سمجهي نہ سگهياسين. اهڙيون قداور شخصيتون مشڪل سان ڪنهن ملڪ ۾ پيدا ٿيندیون آهن. قادر بخش نظاماڻي غضب جو ذهين ۽ با عمل انسان تہ ماڳهين ملڪ ڇڏي ٻارين ٻچين وڃي لنڊن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪو. جمال الدين بخاري بہ چريو ٿي مري ويو. اڃلاڙڪاڻي پريس ڪلب تان سندس نالي جي تختي بہ لاٿي وئي آهي. عثمان بلوچ روهہ رلا مٽي ڪلا، برڪت آزاد گمنامي، گوشہ نشينيءَ ۽ بيماريءَ ۾ گهاري رهيو آهي. محترم محمد ابراهيم جويو تہ هڪ مثالي ڪردار آهي جنهن کي مان ۽ اياز ڪرائسٽ (Christ) چوندا

www.sindhsalamat.com

آهيون.

هند ويل انيڪ ساڻين جو ذڪر ڪري پاڻ کي ٻوهي ۾ وجهڻ وارو مان ٻه ناهيان. ڪامريڊ غلام محمد لغاري جنهن کي اسين نانگو سڏيندا هئاسين، بک ڏک ۾ برن برپٽن۾، جهنگن نانگن بلائن ۾ غريبن ۽ هارين نارين جو ساٿاري ٿيو ٻيڙو هوندو هو. گهٽن فرعونن قارونن سان مهاڏا ڏنائين ۽ نيٺ هٿين خالي هليو ويو. تاج صحرائي انگريزن جا جيل ڪاٽي اڄ ٻه صحرا بيابان ۽ جيل پيو جهاڳي.

آزاديءَ کان پوءِ ادب جي ميدان ۾ پختو ۽ پائدار جاکوڙي محنت جو سهرو آهي ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ مرحوم پير حسام الدين ۽ پير علي محمد راشديءَ تي. انهيءَ ٻڙ ٻڙياد کي ڇڏيناسين ته يتيم ٿي رلي ويناسين. انهن نئون رخ ۽ نئون موڙ ڏنو. انهي کان انڪار موڪيائي آهي. ڪن جوانڙن جو چوڻ آهي ته انهن صاحبن تخليقي ادب نه ڏنو. اهو بحث طلب معاملو آهي. انهيءَ بحث کي سنڌيءَ ۾ چوندا آهن بنڀش. انهن پهاڙ جهڙين هستين تي بنڀش ڪرڻ آهي، جبل سان مٿو ٽڪرائڻ. مٿي ذڪر ڪيل صاحبن کي ترقي پسند اديب ئي چئبو. اهي صاحب توڙي ڪاکو پيرو مل ۽ ڪشنچند بيوس (انهن بن جا نالا نه کڻان ها ته پاڻ کي ڪڍهن معاف ڪري نه سگهان ها.) ترقي پسند ادب جو ٻڙ ٻڙياد وجهندڙ آهن. اها بي ڳالهه آهي جو مٿن ڪڍهن عتاب نازل نه ٿيو ۽ هميشه معزز رهيا. انهن جو سبب اهو آهي ته انهن مزاحمتي ادب پيش نه ڪيو. پوءِ ائين ته ڪونه چئبو ته ترقي پسند ادب صرف مزاحمتي ادب آهي. ائين سوچڻ ۽ چوڻ سان ڏاڍا عجيب نتيجا نڪرندا. مثال طور: پوءِ ائين چئبو ته هوندراج دکايل ترقي پسند شاعر هو ۽ ڪشنچند بيوس رجعت پسند. اها موڪپائي آهي.پوءِ ته والٽ وٽمن جهڙو عظيم اديب به جڏهن چوي ٿو ته "آڻون وينو آهيان ۽ ماڻ ڪري وينو ڏسان" ۽ معيار ڪانڪري پوندو. ائيننهآهي، سندس ان "وينو ڏسان" ۾ به وڏو انقلابي نياپو آهي. شاهه سائينءَ

books.sindhsalamat.com

ٻه چيو ته "سي ستا ئيسونهن، نند عبادت جن جي." يا ملتن ٻه چيو ته "جي چپ ٻيٺا آهن ۽ ترسيا پيا آهن سي ٻه ڪرت سان آهن." (They also serve who only stand and wait) سچل سائينءَ چيو ته "ماڻ ڪريان ته مشرڪ ٿيان، ڪچان تان ڪافر". سيني عظيم انسانن جي سوچ هڪ ٿيندي آهي.

ٻيو ته اڇڪلهه ائين ٻه سمجهيو وڃي ٿو ته هراديب دانشور آهي، ائين ناهي. اديب ته سونهن پسي ونڊي ٿو ۽ ان جي جهلڪ ٻين کي پسائي ٿو. اڄ جنهن صاحب جي ڪا تخليق اخبار يا رسالي ۾ ڇپجي ٿي ته هو اديب ۽ دانشور ٿيو پوي. مان ته پاڻ لاءِ اعلان ٿو ڪريان ته پائي مان دانشور ڪونه آهيان. اسان علم جي راهه جا پانڌيئڙا آهيون. شل الله علم زياده ڪري. ها ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شيخ اياز، رسول بخش پليجو، محمد ابراهيم جويو ۽ سوپو گيانچنداڻي وڏا اديب ۽ دانشور آهن. چو ته هو عالم ۽ اسڪالر ٻه آهن. پويان چار ساٿاري آهن. سچو اديب آهي ئي اهو جيڪو عوام جو آواز ۽ ضمير ٻڌجي ۽ سندن جدوجهد جو ساٿاري هجي ۽ عوامي تحريڪن کي صحيح لاڙا ۽ موڙ ڏئي. ڪجهه ڏينهن اها گونج ٻڌڻ ۾ آئي ته جيڪا ٻه ست لکجي ٿي سا ادب آهي ۽ لکندڙ اديب.هاڻي ڏيو منهنjاهو بندش کان آزاد جيڪو وڻيوَ سو لکو. جانسن چيو هو ته ڊجو ان ڏينهن کان جڏهن هر جاهل کي لکڻ اچي ويندو. الحمدلله هاڻ اهو رجحان ختم ٿيڻ لڳو آهي.هاڻ وري نئون چوپول هليو آهي ته هر اديب لئڙيو هئڻ گهرجي. جڻ سندس لفظ لٽ، بندوقيا گولين کان گهٽ آهن. امر جليل ته چوي ٿو ته ڏاڙيل سان منهن ٻه اديب ڏين. پائي ڏاها ٿيو. پوءِ ته هاري هر قٽو ڪري، پورهيت مترڪو هٿوڙو ڇڏي ڏئي. ڪامورو نوڪري ڇڏي نعريباز يا سياستباز ٿئي. ٻيلي هرڪو وس ۽ وت آهر پنهنجي مخصوص دائري ۾ ڪم ڪندو ته هو اتي ڪارائتو ۽ لاپائتو آهي. سياستدان جڏهن جندا پٽ ڪري ناڪام ٿا ٿين ته رُخ موڙين ٿا اديبن ڏانهن. ادب ۽ ترقي پسنديءَ جو مطلب فوجي سپاهي يا بندوق باز ٿيڻ نه

www.sindhsalamat.com

آهي. هو سڀ ڪجهه هوندي به محض اديب آهي.

مون ڳالهه پئي ڪئي الطاف جي لکڻين جي. سفرنامه ٻين به گهڻا لکيا پر انهن مان پڌڻپائي ۽ پنهنجي ذات جو اظهار ٿيڪا پيو ڏئي.الطاف وٽ اها ڳالهه نه آهي. هو اجايو عالماڻو اظهار به ڪونه ڪري. هو ٻين ماڻهن ۽ ٻين ملڪن جون اوڻايون خوبيون چگيءَ طرح جاچي پرکي پنهنجا نتيجا ڪڍي اسانکي چگائي منائي جا ڏس پتا پيو ڏئي. معمولي موضوع مان اهڙا سبق ڪڍي ٿو ڏئي جو واڌ وڃي وجن. سندس "ڪجهه ڪاڪوسن بابت" پڙهي ڏسو پوءِ چئو ته، ڪپاڻ ڪلي وجن ٿا ڪِ نه.

الطاف هڪ منفردليکڪ آهي.هو منهنجي ديرينه ۽ معزز دوست گل محمد شيخ جو فرزند آهي. شيخ صاحب به هر ڳالهه ۾ منفرد. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "گڏهه" تي هڪ معلوماتي ڪتابڙو لکيو ته شيخ صاحب ڪاليج جي زماني ۾ ئي "ماکيءَ جي مک" تي اهڙو ئي معلوماتي ۽ لاجواب ڪتابڙو لکي ڇپائي ڇڏيو ۽ ان بعد "ماکوڙي" ۽ " ڪوريئڙي" تي پڻ. شيخ صاحب نهنو، ٿورو ڳالهائو، ڳوڙهي سوچ رکندڙ، خوش مزاج ۽ سچ جو ساڻاري هئو ۽ آهي. سادي طبيعت ۽ سادگي پسند. آفيسري ۾ به گيڙي ڪاڏيءَ جا ڪپڙا پائيندو. مونکي الطاف ۾ شيخ صاحب واريون سڀ جهلڪيون نظر اچن ٿيون. سندس زور قلم اجا به زياده آهي.

هن سڄي پتاڻ جو مقصد آهي ته الطاف جون لکڻيون_ ترقي پسند ادب جو لاجواب حصو آهن.

جمال ابڙو

ڪراچي 27-7-1992

House no. 70th Street
e Badban Off Khayaban
Phase V. Defence Society
Karachi. (Tel. 5777333)

books.sindhsalamat.com

جانورن سان ويرنه اٿم

پنهنجي ملئي دوست ڪمال سان گڏ ڪوالالمپور کان ملاڪا موٽي رهيو هوس. ڪمال "گٽري ايگريڪلچر ڪمپني" ۾ ڪم ڪري ٿو. ملائيشيا ۾ گٽري، سائيم ڊربي، فلچرا جهڙيون ڪيتريون ئي ڪمپنيون آهن جن جو ڏنڏو ۽ واسطو پوک سان آهي. ملائيشيا جي وڏي ڪمائي رٻڙ، پام آئل، ناريل ڏونگهي ۽ ڪوڪا چاڪليٽ مان آهي. مٿيون ڪمپنيون پوک جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ريسرچ ڪري نه فقط سنا سنا پاڻ ۽ جيت مار دوائون تيار ڪن ٿيون، پر ملائيشيا جي مختلف رياستن ۾ جاگيرن جون جاگيرون خريد ڪري ان ۾ سڀ فصل اپائي اهو فصل ۽ ان سان واسطو رکندڙ شيون By-Products ناهي ٻاهرين ملڪن ۾ وڪڻن ٿيون. مثال طور پهانگ رياست ۾ گٽري وارن جي هزارين ايڪڙ رٻڙ ۽ ناريل جي پوک آهي. ۽ پوءِ اهي نه فقط رٻڙ ۽ ناريل ڪچي مال جي حيثيت ۾ وڪڻن ٿا پر رٻڙ ۽ ناريل جون ٻيون شيون جهڙوڪ: رٻڙ جا راندڪا، رٻڙ جا بوٽ، ڦيٽا وغيره ۽ ناريل جو تيل، کير ۽ ڏونگهي جي ڪاتر پڻ ناهي وڪڻن، ان سڄي ڪاروبار کي هلائڻ لاءِ هنن وٽ هارين نارين، ڪمدارن ڪڙن کان وٺي ريسرچ ورڪ لاءِ ايگريڪلچر جا ۽ واپار هلائڻ لاءِ مارڪيٽنگ ۽ بزنس ائڊمسنٽريشن جا ڄاڻو ڪم ڪن ٿا.

ڪمال گذريل چوڏهن سالن کان گٽري وارن وٽ ڪم ڪري ٿو. هينئر هڪ ئي هنڌ آفيس ۾ مارڪيٽنگ جو وڏو عملدار آهي نه ته هن کان اڳ ڪيترا سال هن فيلڊ ۾ پڻ ڪم ڪيو. تڏهن هن کي ڏينهن جا ڏينهن گهاٽن جهنگلن ۾ رهڻو پوندو هو. ميلن جا ميل پام آئل ۽ ڪوڪا جي پوک ۾ هلي فصل جي رپورٽ ونڊي پوندي هئي.

www.sindhsalamat.com

ڪوالالمپور کان ملاڪا جو ڏيڍ سئو ڪلوميٽر ڪن سفر پورو ڪرڻ لاءِ اسين ڪڏهن ڪهڙي عنوان تي ته ڪڏهن ڪهڙي تي ڳالهائيندا رهياسين. بانگي شهر لتاڙڻ بعد رستي تي هڪ هنڌ ڪار هينان چيپاتيل نانگ ڏسي پچيومانس : "يار تنهنجو ڪڏهن نانگن سان واسطو پيو؟"

"ڪيترائي دفعا." هن وراڻيو.

"ضرور پيو هوندءِ. هتي ملائيشيا ۾ ايترا نانگ آهن جو آفيسن جي پڪين عمارتن ۾ ئي گهڙيو اچن. خاص ڪري هڪ سائي رنگ جو نانگ ته ڏاڍو نظر ٿو اچي. مارڻ لاءِ مالهي يا ملئي نوڪر کي جڏهن به گهرائيندو آهيان ته هر دفعي ماري چوندو آهي: "سائين ڪو خاص وڏو ته نه هو." يعني هتي ته الائي ڪهڙا ڪهڙا نانگ پيا هلن. بهرحال هتي نانگن کان بچڻ لاءِ ڏينهن ڏني جو به هلڻ وقت هيٺ مٿي ڏسي وائسي هلڻو پوي ٿو. توسان جهنگلن ۾ ته نسورو ويل هوندو."

"نه يار، نانگ کي مون ڪڏهن به نقصانڪار نه سمجهيو آهي. ڏٺو وڃي ته نانگ نه هجن ته ڪوئا هٽي فصل کي چٽ ڪري ڇڏين. نانگ ماڻهوءَ کي فقط تڏهن نقصان رسائي ٿو جڏهن هن کي پنهنجي جان جو خطرو لڳي ٿو. نه ته نانگ جي پاسي کان لنگهي وجو تڏهن به هو ڪجهه نه ڪندو. ڪڏهن ڪڏهن ته سندس پڇ تي لت اچي ٿي تڏهن به ڪڇي نڻو جيسين ڪا گهٽي ڇپَ رسيس. يا بند ڪمري ۾ جڏهن هن کي پڇڻ جي ڪا واهه نٿي ملي ته پوءِ ڏنگي ٿو_ سو به اسان جي ڊپ ڪري. جيڪڏهن اسان ڊڇڻ بدران نارمل ٿي وينا هجون يا پنهنجو ڪم ڪندا رهون ته نانگ به ماڻ ڪري وينو هوندو يا پنهنجو گس وٺي هليو ويندو. پر جنهن وقت نانگ کي ڏسي اسان ڊڇون ٿا ته نانگ کي خبر پئجيو وڃي ۽ نانگ ڇا پر ٻيو ڪو جانور به پوءِ ان صورت ۾ حملو ڪري ٿو. جيئن ڪتو آهي، ماڻ ڪري لنگهي وڃڻ تي ڪجهه نه ڪچندو پر جنهن وقت توهان جي اندر ۾ خوف پيدا ٿيندو ته پوءِ هو توهان کي ضرور ڏاڙهيندو ۽ چڪيندو."

books.sindhsalamat.com

"نانگ يا ڪتي کي اسان جي اندر جي جذبات جي ڪهڙي خبر؟" مون ڪمال کان پڇيو.

"خوف جي وقت انسان جو جسم ڪجهه اهڙيون رتوبتون پيدا ڪري ٿو جنهن جي بوءِ نانگ ۽ ٻيا ڪيترائي جانور هڪدم سونگهي اندازو لڳايو وڃن. هڪ دفعي منهنجو نوڪر ٽوائليٽ ۾ وينو هو ته اوچتو سندس نگاهه ڪنڊ ۾ وينل نانگ تي پئي جيڪو رات جي وقت ٽوائليٽ جو در ڪليل هجڻ ڪري ڪنهن وقت اندر اچي ويو هو. نوڪر نانگ کي ڏسي نارمل رهيو ۽ پوءِ واندو ٿي آرام سان ٻاهر نڪتو ۽ باننو ڪٽي نانگ کي ماري ڇڏيائين. اهو به ان ڪري جو گهر ۾ گهڙي آيو هو باقي ٻاهر نانگ نظر اچي ته ان کي ڇو مارجي؟"

"ڇو نه مارجي؟" مون تعجب مان پڇيو.

"هڪ ته ڪيترائي نانگ- خاص ڪري وڏا Python جيڪي سڄو ٻڪر، رڍ ڳهي وڃن، ان جي نسل کي ملائيشيا جو Wild Life ڪاتو بچائڻ چاهي ٿو ۽ انهن کي مارڻ ڏوهه جو ڪم آهي پر جي حڪومت طرفان بندش نه به هجي ته به نانگ کي ڇو مارجي. خاص ڪري جهنگ ۾، جتي هن جو پنهنجو منهن آهي اسان جو پنهنجو! هو پنهنجي ڪم سان ڄُري پُري ٿو اسان پنهنجي ڪم سان! نانگ اسان تي ڪڏهن به هروپرو حملو نٿو ڪري. ها، فقط هڪ قسم جو نانگ آهي جيڪو تمام ڏنگو آهي ۽ ڏوهه ٿو ڏڪائي- اهو آهي ڪنگ ڪوبرا- نانگن جو مهاراجا. سندس ڄَرَ نه ڪر ته به مڇرجيو وڃي ۽ پڇ تي اپو ٿي ماڻهوءَ جي مٿي ۾ چڪ هڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. منهنجو هڪ دفعو ٻيلي ۾ ڪنگ ڪوبرا سان مهاڏو ٿيو هو. هن حملو ڪيو پر آئون بچي ويس. باقي ٻيا ڪيئي نانگ ڪيئي دفعا ڏٺا هوندم. پاسن کان لنگهندي، وٽن تان لڙڪندي، دريائن جي ڪناري تي سرندي- پر هنن جو منهن هنن ڏي منهنجو منهن مون ڏي. هونءَ ته نانگ ڪوبرا (واسينگ نانگ) سان به جن کي پيار سان هلڻ اچي ٿو انهن جو هو نالو نٿو وٺي. هينئر

www.sindhsalamat.com

ڪوالالمپور ۾ ته ڏٺئي نه ڪيئن دستگير هڪ ئي وقت هڪ سئو زهريلن واسينگ نانگن سان رهيو پيو آهي".

ڪمال جنهن دستگير جو ذڪر ڪيو اهو ملائيشيا ۾ نانگن جو راجا سڏيو وڃي ٿو. هو شيشي جي هڪ بند ڪمري ۾ پنڌرهن ڏينهن کان هڪ سئو زهريلن نانگن سان رهيو پيو آهي. چوويهه ڪلاڪن ۾ فقط اڌ ڪلاڪ ٽوائليٽ پاڻي لاءِ نڪري ٿو. هيستائين هو دنيا جو رڪارڊ پيچي چڪو آهي ۽ رات ٽي وي تي پڻ اها خبر هئي ته سندس نالو هن سال جي Guinness Book of Records جي نئين چاپي ۾ ايندو. ڪمري جي باهران هر وقت هشام ماڻهن جا دستگير کي ڏسڻ لاءِ اچن ٿا. هو اڃا به چار پنج ڏينهن ان ڪمري ۾ رهندو.

"پلا ٻئي ڪنهن جانور سان ڪڏهن مهاڏو ٽيو ائٿي؟" مون ڪمال کان پڇيو.

"اسان جو ملڪ ملائيشيا ته سڄو جانورن ۽ پکين سان ڀريو پيو آهي.. جهنگلن ۾ ڪيترائي جانور هلن پيا. پر هرهڪ پنهنجي موج ۾ رهي ٿو. ڪو به ٻئي سان تيسين نٿو وڙهي جيسين ڪيس پنهنجي جان جو خطرو محسوس نه ٿئي. پوءِ انسان ئي آهي جو وتي حدون لتاڙيندو. هنن کي ماري ٿو. سندن گهر (جهنگل) ساڙي ڪين هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڏي پڃائي ٿو. مطلب ته جڏهن جانورن جو جيئڻ جنجال ٽيو پوي ته پوءِ هو به چتا ٿي ماڻهن کان بدلو وٺن ٿا. هاڻ جيئن هاڻي آهي هن کي کائڻ لاءِ تمام گهٽ جهنگ ڪپي. هرهڪ هاڻي روزانو اٽ نو مڻ پن ۽ گاهه کائي ٿو ۽ ٽيهن کان پنجاهه گيلن تائين پاڻي پيئي ٿو. ايتري کاڌي لاءِ هن کي وڏو جهنگ ڪپي ۽ هو پنهنجي مناسب جاءِ تي سالن کان ديرو جمايو وينو آهي، جتي هن کي کائڻ، پيئڻ ۽ رهڻ جي آزادي مليل آهي. هاڻ انسان پنهنجين وڌندڙ ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ وڃي ٿو ٻين جا گهر تباهه ڪندو. جهنگل هاڻي ۽ ٻين جانورن جو "گهر" ئي ته ٽيو. پر اسان پوک خاطر يا عمارتي ڪاٺ حاصل ڪرڻ لاءِ

books.sindhsalamat.com

وڻن جهنگلن جا وڻ ڪپيندا ۽ گاهه ساڙيندا. نتيجي ۾ پوءِ هاڻي به چتا ٽين ٿا ۽ جٽن جا جٽا اسان جي پوکن ۽ گهرن ڏي ڪاهيو پون. ملائيشيا ۾ هر سال هاڻي لکين ڪروڙين ڊالرن جو فصل تباهه ڪن ٿا. هڪ هڪ هاڻي روزانو پنج سئو ڪن پامر آئل جا لڳل ڪڇڙا وڻ ڪايو وڃي. پوءِ ڪنهن جي فصل ۾ اٽ ڏهه سگهارا هاڻي گهڙي پون ته چا ٿا پانيو ته ڪيڏو نقصان ڪري وجهندا."

"مون ٻڌو آهي ته هاڻيءَ جو يادگيرو تمام گهٽو چٽو ٽئي ٿو."

"بس سندن ٻچن کي يا ڪيس نقصان رسائجي ٿو ته پوءِ هو چڏي نڏو. يادگيرو چٽو هجيس يا نه، آڻون ته چوندس ته هو تمام ذهين جانور آهي، ان جهڙو سياڻو جانور مون نه ڏٺو آهي. بچاءُ لاءِ اليڪٽرڪ لوڙهو ڏبو ته لوهي تارن مان به اندر هليو ايندو. چا ڪندو جو ڍگهو بند يا سڪل وڻ جو ٽڙ ڪٽي تارن کي هٽي شارٽ سرڪٽ ڪري، پوءِ مٿان ٽپي فصل جي ٻيڙي ٻوڙي چڏيندو آهي. يا پنهنجي نيشن (Tusks) سان تارون چني چڏيندو. ڪيس اها سمجهه آهي ته سندس بدن ۾ نيش ئي آهن جن مان اليڪٽرسٽيءَ جو ڪرنٽ نڏولنگهي. چوجو عاج Bad Conductor of Electricity آهي.

ڪي زميندار وري پنهنجي ٻنيءَ جي چوڌاري اونهي کاهي (خندق) کوٽي چڏيندا آهن. ايڏي وڏي جنهن ۾ سڄي ڪار به پورجي وڃي. پر هاڻي اهڙو هوشيار جانور آهي جو هڪدم سمجيو وجي ته ائين وڃڻ سان ان ۾ ڪري پئبو. سو اوسي پاسي کان ڊينگر ۽ وڻن جون تاريون ۽ ٽڙ ريڙهي ريڙهي ان کاهيءَ کي ڪنهن هڪ هنڌ تي ڀري، پوءِ ان مٿان ٽپي ويندو. هاڻي ورلي ڪو اڪيلو نظر اچي نه ته هو هميشه ٽولن ۾ هلن ۽ هڪٻئي جي مدد ڪن. سندن ڪو ٻچو اهڙي کڏ ۾ يا اونهي درياهه ۾ ڪري پوي ته هڪٻئي جون سونڊون ملائي کيس چڪي وٺن."

"پلا ائين پوک ۾ يا ڳوٺ ۾ هاڻي گهڙي اچن ته چا ڪجي؟" مون پڇيو.

"جيئن پوليس استيشنون آهن جتي چور ڏاڙيل جي رپورٽ ڪري

www.sindhsalamat.com

سگهجي ٿي. تيئن ملائيشيا ۾ وائيلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ جون آفيسون جتي کٽي آهن. انهن کي اطلاع ڪرڻ سان هنن جا جاٽو ماڻهو هڪدم پهچيو وڃن ۽ انهن جانورن کي پوکن ۽ ڳوٺن مان پڃائي اهڙي جهنگ ۾ موڪليو ڇڏين جتي هو به سڪ چين جي زندگي گذارين ته ڳوناڻا ۽ هاري ناري به بي فڪر ٿي پنهنجي ڪِرت ۾ لڳا رهن."

"پلا سپ ته نه پر ڪي ڪي_ خاص ڪري چيني، جانورن جي پرگهور لهندڙ ڪاتي کي ٻڌائڻ بدران ٿي سگهي ٿو اتي جو اتي هاٿيءَ کي ماري، وڏي ڪڏ کوٽي پوري ڇڏيندا هجن. ڪنهن کي کهڙي خبر."

منهنجي دماغ ۾ ان وقت شايد نسيم ڪرل جو افسانو "پهرين مراد" ڦري رهيو هو جنهن ۾ چوريءَ جي مينهن کي ڪُهي، گهر اندر ئي ڪڏ کوٽي پوريو ٿو وڃي ۽ پاڻين کي خبر به نٿي پوي. هاٿي ڪٽي مينهن کان وڏو آهي، پر هڏن گهاٽن ۽ اٿاهه ٻيلن ۾ ڪنهن کي کهڙي خبر پوندي.

"ٿي سگهي ٿو" ڪمال وراڻيو. "پر جي حڪومت کي خبر پئجي وجي ته وڏي سزا آهي. پهريون دفعو ڳرو ڏنڊ آهي ۽ ٻئي دفعي جيل پڻ. ٻيو ته هاٿي جهڙي وڏي جانور کي مينهن وانگر نه سير وجهي سگهجي ٿي ۽ نه ڪنهن عام بندوق سان ماري سگهجي ٿو. عام بندوق جي گولي هن کي فقط معمولي زخم رسائي ٿي."

"پلا وائيلڊ لائيف وارا رکي رکي اخبارن ۾ اها خبر ڏيندا آهن ته فلاڻي جانور جو نسل گهٽبو وڃي. هيترا يا هيترا جانور وڃي بچيا آهن. هنن کي اها جاڻ ڪيئن ٿي پوي؟" مون پڇيو.

"ملائيشيا جي هرهڪ رياست ۽ ان جي هر ضلعي جو هر هڪ حصو ان کاتي جي عملدارن ۾ ورهايل آهي جيئن روينيو کاتي طرفان ٻيلا تعلقا، تپا ۽ ديهون مختيارڪارن، تپيدارن ۽ داروغن جي هٿ ۾ آهن. تيئن وائيلڊ لائيف جا عهديدار پنهنجي علاقي ۾ هلندڙ جانورن جي ڇُر پر تي نظر رکن ٿا. گهٽي خبر هنن جي پيري مان پوي ٿي. وڏو پير معنيٰ هاٿي وڏي عمر جو

books.sindhsalamat.com

آهي. ننڍو پير معنيٰ ٻچو آهي. وڏو ۽ اونهون کتل پير معنيٰ ڪنهن ڏُکي (پيٽ سان) مادي‌ءَ جو ڳرو پير آهي ۽ ڪجهه مهينن بعد قُرڙيٽ تي هاٿين جو هيترو تعداد ٿي ويندو. اهڙي طرح ٽلهي ليکي سڄي ملڪ ۾ رهندڙ هاٿين جو ڳاٽيتو ڪيو وڃي ٿو ۽ ان مان سال ۾ ٽيندڙ واڌ يا کوٽ جو سيڪڙو ڳڻي سگهجي ٿو."

"پلا توهان جو هاٿيءَ سان ڪڏهن مهاڏو ٿيو؟"

"گذريل سال ملائيشيا جي اوپر واري رياست ترينگانو وڃي رهيو هوس. رستي تي بينل هاٿيءَ سان ڪار جو ٽڪر ٿي پيو. هاٿيءَ جي ڪل ۽ ڏامر واري پڪي رستي جو رنگ هڪ جهڙو ٽٽي ٿو. خاص ڪري سج لٿي مهل مينهن يا هاٿي سڃاڻي نٿو سگهجي. منهنجي ڪار جو ساٽس آمهون سامهون ٽڪر ته نه ٿيو پر تڏهن به چگو گهڪو آيو. جيتوڻيڪ منهنجي گاڏي ان هاٿيءَ جي پاسي کان لنگهي وئي پر سندس ٻاهر نڪتل نيش (Tusk) منهنجي گاڏيءَ جو ڪاپو پاسو سڄو چيري ڇڏيو. شيشي مان پنيان ڏٺم، ڪيس جڏ ڪجهه به نه ٿيو. پر مون کي گاڏي مرمت ڪرائڻ جي راهه ويندي پنج هزار رِنگِٽَ (ملائيشيي ڊالر) چٽي پئجي وئي.

"هڪ ٻئي دفعي هڪ جهنگل جي ٽوئر دوران منهنجي ڪار کي هڪ پيرو وري هاٿيءَ کان نقصان رسيو. ٽيو ائين جو منهنجي ڪار لاڪ هجڻ ڪري ڊرائيور پنهنجي ڳوڻان آندل ڪيلن جي ڪاري، ڪار هينيان ڊِڪي رکي. هن پنهنجي خيال کان پولڙن باندرن جي حملي کان ته بچائي رکي، پر نه جاڻ اتان کي هاٿي اچي لنگهيا. ڪين سونگهڻ جي تمام گهٽي قوت آهي. ويندي ماڻهوءَ جي پيري مان ان ماڻهوءَ جي خوشبوءِ به سمجهيو وڃن. سو ڪين ڪيلن کائڻ جو شوق ٿيو. پر ڪار هينان ڪيئن گهڙي ڪڍن؟ سو هڪ هاٿيءَ ڪار کي نيشن تي مٿي کٽي اونڌو ڪيو. ڪيلا ته ويا پر ڪار جي ڇت سڄي ڇپي ٽي پئي. سو اهڙن نقصانن هوندي به مون کي ڪنهن جهنگل جي جانور سان ويرناهي."

www.sindhsalamat.com

جِنَ سان نڪاح

گذريل مهيني، ملائيشيا جي شرعي ڪورٽ ۾، جڏهن نور سياح نالي هڪ غير شادي شده مسلمان ملئي چوڪريءَ کان سندس حرام ۾ بابت پڇيو ويو ته هن وراڻيو: "منهنجي شادي انسان ذات سان نه پر "اورانگ بونيئان" سان ٿي آهي. جيڪو هن وقت ۾ موجود آهي، پر توهان هن کي ڏسي نٿا سگهو."

اورانگ بنيئان (Orang Bunian) ملئي زبان جو لفظ آهي جيڪو جِنَ، پوت، پريت، پاڇي، روح، غيبات وغيره لاءِ استعمال ٿئي ٿو.

نورسياح وڌيڪ ٻڌايو ته هوءَ پنهنجي جِنَ گهوٽ سان ٻن سالن کان زال مڙس واري سکي زندگي گذاري رهي آهي. بهرحال ڪورٽ کيس زنا ۽ حرام جو ۾ جڙڻ جي ڏوهه ۾ ڇهه مهينا جيل يا پنج سئو ڊالر ڏنڊ ۽ ڀرڻ جي سزا ٻڌائي.

پاڻ پنج سئو ڊالر ڏيڻ قبول ڪيائين.

روحن، غيبياتن ۽ جنن پوتن سان مري ويل چينين جون شاديون ۽ دوستيون ياريون هانگ ڪانگ توڙي چين ۽ تائيوان ۾ ڪڏهن ڪڏهن ضرور ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون، جو اهو سڀ ڪجهه چينين جي مذهب توڙي ڪلچر جو حصو آهن، پر مسلمانن لاءِ ان قسم جي ڳالهه بيحد نرالي آهي. اڄ ڪلهه اهو واقعو هتي جي اخبارن جي گرما گرم خبر آهي. آفيس توڙي گهرن، دڪانن ۽ بس اسٽاپن تي ان جو ذڪر هلندو رهي ٿو. هر هڪ جي وات تي Orang- Bunian بابت بحث آهي.

پهرين پهرين اها ڳالهه، مهينو کان اڳ، هتي جي هڪ انگريزي اخبار ٿي ڪالمي خبر ذريعي عام ڪئي. خبر جو عنوان هن ريت هو:

books.sindhsalamat.com

ڪوالاڪنگسار جي چوڪري جنهن غيبات سان شادي ڪئي.

"آئون پنهنجي ڏيءُ کي ٻئي ڪنهن سان شادي ڪرڻ لاءِ نه چوندس". پيءُ جو بيان."

۽ خبر هن ريت هئي:

ڪوالاڪنگسار: هڪ ماڻهوءَ اها دعويٰ ڪئي آهي ته هن پنهنجي ڏيءَ اورانگ بونيئان (جن) سان پرڻائي آهي ۽ هو نٿو چاهي ته سندس ڏيءَ جِن کان طلاق وٺي ڪنهن انسان ذات سان شادي ڪري.

الياس مت شاهد نالي هن سٽ ورهين جي همراهه ڪورٽ ۾ بيان ڏنو ته هن جي ايڪيهن ورهين جي ڏيءَ نور سياح هڪ جن سان خوش ازدواجي زندگي گذاري رهي آهي. جيڪو جِنُ ديواهنگ ساتريا جي نالي سان سڏجي ٿو.

مسٽر الياس ٻڌايو ته سندس نائي، يعني جِنُ، هنن جي گهر ۾ باقاعدگيءَ سان ايندو رهي ٿو. عام طرح هو رات جو ئي اچي ٿو، پر سندس ڏيءُ کيس ٻڌايو ته هو ڪڏهن ڪڏهن ڏينهن جو ب اچي ٿو. اها غيب جي هستي فقط نور سياح ۽ کيس نظر اچي ٿي.

الياس جيڪو اڻ ٻارن جو پيءُ آهي ۽ ڪوالاڪنگسار شهر جي ويجهو رهي ٿو تنهن ٻڌايو ته هن جي ديوا هنگ ساتريا (جِن) سان ملاقات، سندس ڏيءُ جي شاديءَ کان مهينو کن اڳ ٿي. هنن جي شادي باقاعدي انسانن وانگر ٿي. هڪ رات، جنن جو هڪ نمائندو ساڻن اچي مليو ۽ کيس ٻڌايو ته سندس دوست ديوا هنگ ساتريا سندس ڏيءَ نور سياح سان شادي ڪرڻ جو خواهشمند آهي.

"منهنجي ڏيءَ ان وقت ستون درجو پاس ڪري هاڻ گهر جو ئي ڪم ڪار ڪيو ٿي. کيس وڌيڪ پڙهڻ جو شوق نه هو ۽ نه هن نوڪريءَ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن رلڻ چاهيو ٿي. هوءَ سجو ڏينهن پنهنجي ماءُ کي گهر جي رڌ پچاءُ ۾ مدد ڪري ٿي ۽ منجهس (نور سياح ۾) ٻين وانگر اجائي سجائي

www.sindhsalamat.com

بَڪ ۽ گِلا جي عادت ناهي.

"شايد اهي گڻ اهڙا آهن جن تي ديوا هنگ جهڙي جِنَ موهت ٿي هن سان شادي ڪرڻ ٿي چاهي. ان بعد جِنَ جي نمائندي مون سان گهوٽ کي ملايو."

چوڪريءَ جي پيءُ ٻڌايو ته سندس نائي ديوا هنگ ساتريا ڏسڻ ۾ چگو خاصو سهڻو آهي. عمر ستاويهه ورهيه ٿيندیس. هو هڪ مسلمان جِنُ آهي جيڪو انڊونيشيا جي ٻيٽن کان هتي ملائيشيا آيو آهي.

"منهنجي ڏيءُ جو به ساڻس شادي ڪرڻ جو اِرادو هو. ان ڪري مون ان رشتي لاءِ هائوڪار ڪئي. ان بعد اسان جي گهر ۾ ئي نڪاح پڙهايو ويو. عقد نڪاح تن شاهدن اڳيان ٿيو جيڪي مڙيئي غيب جي دنيا جا هئا. مون پنهنجي ڇوڪ جي ماڻهن کي ان ڪري نه گهرايو جو هو نه گهوٽ کي ۽ نه شاهدن کي ڏسي سگهن ها.

"شاديءَ بعد منهنجي نائي منهنجي ڏيءُ کي انڊونيشيا وٺي وڃڻ چاهيو ٿي پر منهنجي دل اهو نه مڃيو. مون کين هتي ئي رهڻ لاءِ چيو."

الياس ٻڌايو ته هي جِنُ نه فقط شڪل شبيهه ۾ پر اٽڪي وهڻيءَ ۾ پڻ اسان عام انسانن وانگر پيش اچي ٿو. کيس کاڏو پيتو ڏنو وڃي ٿو ته وٺي ٿو نه ته ان بنا به گذارو ڪريو وڃي.

شرعي ڪورٽ ۾ الياس کان جڏهن جنن پوتن جي زندگيءَ بابت وڌيڪ تفصيل پڇيا ويا ته هن وراڻيو ته هن کي وڌيڪ خبر ناهي جو هو جِنن جي دنيا بابت گهڻي ڪوٽ ڪوٽ ڪرڻ نٿو چاهي ۽ نه هو پنهنجي نائي جِنَ جي خاندان جي وڌيڪ معلومات رکڻ گهري ٿو.

ڪانئس جڏهن پڇيو ويو ته جيڪڏهن نور سياح وري پيٽ سان ٿي پيئي ته هو ڇا ڪندو؟ تنهن تي هن وراڻيو ته اهو هو وقت کان اڳ چئي نٿو سگهي.

بهرحال هتي جي مذهبي ڪاتي کيس تنبيهه ڪئي آهي ته

جيڪڏهن ائين وري ٿيو ته نور سياح کي ڳري سزا ڏني ويندي.

انسان جي ڪنهن جِن سان شادي ٿيڻ ۽ ان مان پيٽ ۽ ٻار جمڻ ۽ ڪورٽ طرفان ان ڳالهه کي قبول نه ڪرڻ ۽ زنا قرار ڏيئي ڏنڊ وجهڻ تي اڇڪلهه هتي ملائيشيا ۾ ڪافي چؤ ٻول آهي.

جنهن ڳوٽ ۾ اها واردات ٿي آهي ان رياست پيراق جي مذهبي پيشوا مفتي حاجي هاروساني بن حاجي ذڪريا عوام کي تلقين ڪئي آهي ته هو جنن پوتن جي ڳالهين مان گهڻو اثر نه وٺن. رب پاڪ انسان ذات کي جنن پوتن کان اتاهون خلقيو آهي. انسان اشرف المخلوقات آهي. ان قسم جون ڳالهيون ته جن پوت انسان تي حاوي آهن. اسان جي ايمان کي ڪچو بڻائين ٿيون. ان ڪري مسلمانن کي ڪنهن جن، پوت، روح پريت کان ڊڄڻ نه ڄڳائي. هڪ مسلمان، قرآن جون آيتون لڳاتار پڙهڻ سان جِنَ پوت يا شيطان جي شر کان – پاڻ کي هر وقت محفوظ رکي سگهي ٿو. حاجي صاحب ان ڳالهه جي به اميد رکي ته اسان جون اخبارون اهڙين ڳالهين کي حد کان وڌيڪ اشاعت ڏيڻ کان پاسو ڪنديون. ڇو جو اهڙيون خبرون_ حقيقي يا هٿ گهڙيون هر هر پڙهي انسان جو انهن ۾ پڪو يقين ٿي سگهي ٿو جيڪا ڳالهه اسان مسلمانن جي ايمان کي ڪمزور بڻائي ٿي.

هن جنن جي موجودگيءَ کان انڪار ته نه ڪيو، پر اهو چيو ته ان کان وڌيڪ طاقتور رب پاڪ مٿي وينو آهي.

شرعي ڪورٽ جي چيف قاضي حاجي حسب اللّٰه بن حاجي احمد هن ڪيس جي ڏوهاڑ نور سياح جي سزا جو اعلان ڪرڻ وقت ٻڌايو ته ڪا به مسلمان عورت ائين ٻار جڻي جيڪڏهن چوي ٿي ته هن جِنَ سان شادي ڪئي آهي ته ان جو اهو قدم زنا جي خاني ۾ شمار ڪيو ويندو. چو جو Muslim-Law ۾ اهڙين شادين جو وجود ناهي. حاجي حسب اللّٰه اهو پڻ ٻڌايو ته، عقل اهڙين ڳالهين کي نٿو مڃي. ڏوهاڑ نور سياح پيراق رياست جي اسلامي ڪوڊ جي قانون نمبر (3) 155 جي پيچڪڙي ڪئي آهي. هونءَ به اهڙي

معاملي ۾ ڏيڙ سان بچڑائي وڏي ويندي ۽ پوءِ جيڪا اڻ شادي شده چوڪري غلط ڪرتوتن ڪري پيٽ سان ٿيندي ته اها به ان لاءِ جوابدار ڪنهن جنَ کي ئي ٻڌائيندي.

جنهن ڳوٺ ۾ اهو واقعو ٿيو آهي ان جي ڪيترن ئي ماڻهن کي ان واردات تي سخت ڪاوڙ لڳي آهي ته سندن ڳوٺ جي چوڪري (نورسياح) سان هڪ جِنَ شادي ڪئي ۽ هوءَ پيٽ سان ٿي پيئي. هنن کي ان ڳالهه جو سخت ڏک آهي ته اهڙو واقعو سندن ڳوٺ ۾ چو ٿيو جنهن ڪري ظاهر آهي ته سندن ڳوٺ جي بدنامي سڄي ملڪ ۾ ٿي. پر نورسياح ۽ سندس پيءُ الياس جي اها دعويٰ آهي ته نور سياح کي اهو ٻار ديوا هنگ ساتريا نالي انڊونيشيا کان آيل هڪ مسلمان جِنَ مان آهي- جيڪو اجا تائين هفتي ۾ ٽي يا چار ڀيرا نور سياح سان رات جو ملڻ ڇاهي ٿو. جنهن جِنَ کي فقط نور سياح ۽ سندس پيءُ الياس ڏسي سگهي ٿو. گذريل هفتي پينانگ ويندي ڪوالاڪنگسار- (جيڪو رستي تي اچي ٿو)، جي هڪ هوٽل ۾ ڇانهه پيئڻ لاءِ گهڙيس جتي ڪجهه ماڻهن کان جڏهن ان قصي جي حقيقت جو معلوم ڪيم ته سيني اهو ئي چيو ته هنن جي خيال موجب نورسياح کي پيٽ ٿيڻ جو جوابدار ڪو اورانگ بونيئان (جِنُ) نه پر انسان جو ئي ٻچو آهي، جنهن جو هوءَ ڏَڪُ ڏَڪَي رهي آهي.

يونيورسٽي ملايا جي ملئي پروفيسر محمد تائب بن عثمان کان جِنَ پوت غيبات_يعني Orang Bunian بابت خيال پڇيم.

"ملئي زبان ۾ اورانگ معنيٰ ماڻهو ۽ بونيئان معنيٰ جيڪو نظر نه اچي_ غيبات"، هن ٻڌايو. "اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ته ان قسم جي غيبات هتي موجود آهي يا نه. چو ته ان بابت نه ته ڪي پڪيون حقيقتون ملن ٿيون ۽ نه وري ٺوس بيان، جن ذريعي ثابت ڪري سگهجي. پر ملئي ماڻهن ۾ گهڻي عرصي کان کي قدر اهو وهم يا عقيدو هلندو اچي. نه فقط ملائيشيا ۾ پر برونائي، انڊونيشيا، فلپين، ڏکڻ ٿائلينڊ ۽ ٻين ملڪن ۾ -جتي جتي

books.sindhsalamat.com

تهذيب جو اثر رهيو آهي."

هڪ ٻئي پڙهيل، گڙهيل همراهه ٻڌايو:

"غيبات جي موجودگي کي ثابت ڪري ڏيکارڻ جو جيتوڻيڪ ڪو سائنسي طريقو نه آهي، پر اهڙيون ڪيتريون ئي شيون هن دنيا ۾ ٿيندين رهن ٿيون جن کي سائنسي نموني ثابت نٿو ڪري سگهجي. جيئن اڻ شادي شده بي بي مريم کي حضرت عيسيٰ جو جنم."

اسان جي شهر ملاڪا کانپنجاهه ڪن ميل ڪوالالمپور ڏي هڪ شهر "لنگي" آهي جنهن ۾ ميگات عباس نالي هڪ مشهور يوناني طبيب حڪيم رهي ٿو. جتي ٻين نور سياح ۽ سندس پيءُ جي ڳالهين کي خيالي، من گهڙت ۽ ڪوڙو پئي سڏيو اتي هن ان ڳالهه کي سچائيءَ تي مبني قرار ڏنو آهي.

هڪ ڏينهن ڪوالالمپور ويندي رستي تي لنگيءَ ۾ هن حڪيم کان ان بابت پڇيم:

"جيڪڏهن تون مون کانغيبات بابت ڪا ثابتي گهرندي ته آئون ڪا به ڏيئي نه سگهندس. پر اها حقيقت آهي ته آئون انهن سان ملي چڪو آهيان." هن ٻڌايو.

1961ع جي ڳالهه آهي ته هي حڪيم هتي جي هڪ گهاٽي جهنگل ۾ پنهجين دوائن لاءِ ڪي نايابب ٻوٽا ۽ ڇوڙا گڏ ڪري رهيو هو ته هن کي هڪ جهوني وڻ جو ڪريل ٽڻ نظر آيو. جنهن مان ڪيس هڪ مٺي خوشبوءِ اچڻ لڳي.

"مون کي ائين محسوس ٿيو جڻ آئون خوابي دنيا ۾ هليو ويو هجان. ايتري ۾ هڪ ڪراڙو ماڻهو منهنجي اڳيان اچي بيٺو. جيتوڻيڪ مون کي اها سڌ نه پيئي ته هو ڪٿان آيو. چوڻ لڳو ته ان ٽڻ کان هٽي پري ٿي بيهه ۽ جيڪڏهن هن جو چوڻ نه مڃيم ته مون کي ڪجهه ٿي پوندو. مون هن جي ڳالهه کي بلڪل ڪٽ ۾ نه آندو ۽ پنهنجي ڪم ۾ لڳو رهيس. ايتري ۾

www.sindhsalamat.com

مون کي گھوماٽي آڻي ۽ ان ڏڻ تي وڃي ڦھڪو ڪيم."

حڪيم صاحب ٻڌايو ته پوءِ هن جي جڏهن اک کلي ته هن پنهنجو پاڻ کي هڪ ٻي دنيا ۾ محسوس ڪيو_ جيڪا غيبات جي دنيا هئي. ميگات عباس کي جنهن پراڻي ڏڻ کان پاسو ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو اهو جنن جي سردار جي محلات جو حصو هو. ڪيس سزا طور سردار جي ڏيءُ- يعني جنڙيءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ چيو ويو.

حڪيم ميگات عباس ان جنڙيءَ سان شادي ڪئي ۽ ڪجھ عرصي لاءِ پاڻ کي بيحد خوش محسوس ڪيو. ان عرصي دوران هي پاڻ ۾ غيبات وانگر ماڻھن کي نظر نه ايندو هو.

"ڪڏهن ڪڏهن آئون تنغقق (ملاکا ۽ جاسن جي وچ ۾ هڪ نندڙو شهر) جي مارڪيٽ ۾ شيءِ شڪل لاءِ ويندو هوس. خريداريءَ وقت دڪاندار مون کي ڏسي سگھندو هو پر دڪان تان لھڻ بعد آئون هن جي نظرن کان اوجھل ٿي ويندو هوس."

بھرحال ڪجھ عرصو ان غيب جي دنيا ۾ رھڻ بعد هن کي اوچتو پنهنجي اصلي زندگي ۽ گھر ٻار ياد اچڻ لڳو. سندس جنڙي زال ان کي محسوس ڪري ورتو ۽ ڪيس آگاھ ڪيو ته جيڪڏهن هو پنهنجي دنيا ۾ پنهنجي پھرين زال وٽ هليو ويو ته پوءِ وري هن دنيا ۾ اچي نه سگھندو ۽ نه ساڻس ملاقات ٿي سگھندي. پوءِ جڏهن حڪيم صاحب گھڻو زور پريو ته سندس جنڙي زال ۽ اها دنيا سندس اکين اڳيان آهستي آهستي ائين ميسارجي ويئي جيئن پاڻيءَ ۾ لھرون پيدا ٿيڻ سان اولڙو. هڪ دفعو وري حڪيم صاحب پنهنجو پاڻ کي ساڳي جھنگل ۾ ڏٺو. پر ائين ٿيڻ کان اڳ هن جنڙيءَ کان ڪنن جا ايئرنگ کسي ورتا.

"اڄ ڏينهن تائين مون وٽ هن جا ايئرنگ موجود آهن." حڪيم ميگات عباس ايئرنگ ڏيکاريندي وڌيڪ ٻڌايو ته هن کي ان جنڙي زال مان ٻه ٻار آهن ۽ انسان زال مان چار ٻار. جنن جي زندگي اسان انسانن جي زندگيءَ

books.sindhsalamat.com

سان گھڻو ملي ٿي. اهي اسان انسانن وانگر لڳن ٿا ۽ اسان وانگر زندگي بسر ڪن ٿا. جنن ۾ کي مسلمان آهن ته کي ڪافر يا ٻين مذهبن جا. اهي گھرن ۾ رهن ٿا ۽ ڪارون هلائين ٿا. شادي مرادين جا ڪاج ۽ ڪندوريون (دعوتون) ڪن ٿا. ويندي اسان وانگر رڌين پچائين ٿا ۽ سندن اسان وانگر پوليس ۽ فوج آهي."

اڄ جي اخبار ۾ ضلعي قاضي حاجي احمد بخاريءَ جو بيان آيو آهي ته نور سياح تسليم شده شاديءَ بنا جيڪڏهن وري پيٽ سان ٿي ته اسان جو مذهبي ڪاتو سندس خلاف سخت قدم کڻڻ کان هرگز نه ڪيھائيندو. هن چيو ته ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسلام جنن، شيطانن جھڙين Super Natural شين کان انڪار نٿو ڪري، پر هو ساڻن شادي ڪرڻ لاءِ نه اجازت ڏئي ٿو. نه همٿ افزائي ڪري ٿو ۽ نه وري اهڙي شادي اسلامي نقطه نگاھ کان قابل قبول آهي.

www.sindhsalamat.com

ايمان جو جذبو

دنيا جي مختلف هوائي ڪمپنين مان روس جي ايئروفلوٽ جو پاڙو سڀ ۾ گهٽ آهي. مثال طور ڪوالالمپور کان ڪراچيءَ تائين KLM، PIA يا سنگاپور جي SIA ۽ ملائيشيا جي MAS هوائي جهازن جو اوٽ موٽ پاڙو اڇڪلهه (1989ع ۾)، ڏهه هزار رپيا کن آهي پر ايئروفلوٽ جي جهاز جو ساڳي فاصلي لاءِ پاڙو فقط ڇهه هزار رپيا آهي. ڪجهه سال اڳ تائين ته اڃا به گهٽ هو. ان ڪري هتي جو عام ماڻهو ۽ شاگرد ان روسي ڪمپنيءَ کي وڌيڪ پسند ڪري ٿو. اها ڪٽي ٻي ڳالهه آهي ته ٻين ملڪن جي هوائي جهازن جون سيٽون وڌيڪ آرام واريون آهن. ماني ٿوري گهٽي سني آهي پر چند ڪلاڪن جي سفر ۾ اسان جهڙن غريب ماڻهن کي کهڙو فرق ٿو پوي جن کي ايئر پورٽ تي لهي وري بس يا ٽئڪسيءَ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ اس ۾ سڙڻو ۽ انتظار ڪرڻو پوي ٿو.

روسي هوائي ڪمپنيءَ جي اها پڻ خوبي آهي ته سندس هوائي جهاز مقرر وقت تي اڏامن ٽا ۽ مقرر وقت اندر سفر پورو ڪري منزل تي پهچائين ٽا. انهيءَ ڪري ملائيشيا ۾ رهندڙ اسان جي ڪيترن ئي پاڪستاني دوستن ايئروفلوٽ ذريعي هر سال پنهنجي خرچ تي وطن جو چڪر پئي هنيو. پنهنجي خرچ تي ان ڪري جو هن پاسي (ملائيشيا، انڊونيشيا، برونائي، سنگاپور) نوڪري ڪندڙ ڏارين کي ٽن سالن ۾ فقط هڪ دفعو پنهنجي وطن وڃڻ لاءِ سرڪار ٽڪيٽ مهيا ڪري ٿي. سعودي عرب، ڪويت، دبئي، دوحا ۽ ٻين عرب ملڪن ۾ اها سهوليت هر سال ملي ٿي.

گذريل هفتي ڪوالالمپور کان PIA جو مئنيجر اسرار شاهه مون

books.sindhsalamat.com

وٽ ملاکا گهمڻ آيو ۽ اچڻ سان ٻڌايائين ته روس جي هوائي ڪمپني ايئرو فلوٽ پنهنجي اڏام ڪوالالمپور کان ڪراچيءَ تائين بند ڪري ڇڏي آهي.

"يار ڏاڍي ٻڌايئي،" مونچيومانس. "اها غريب نواز هوائي سروس ته بند نه ٿئي ها. جهڙي به هئي پاڻ جهڙا ان ۾ سواري ڪري ڪيس دعائون پيا ڪندا هئا. هاڻ پلا ٻي ڪهڙي هوائي ڪمپني سستي آهي؟"

"ڪا به اهڙي سستي ڪانهي." اسرار شاهه وراڙيو.

"پلا پنهنجي ملڪ جي پي آءِ اي؟" مون پچيومانس.

"اها ته مڙني ۾ مهانگي آهي."

"پوءِ پلا ريل، بس يا پنڌ هلڻ جوئي سوچجي. هتان ٽائلنڊ، ان بعد برما ۽ پوءِ بنگلاديش ۽ انديا مان ٽي هلي ڳوٺ پهچبو." مون چرچي ڪارڻ اسرار کي چيو.

"يار چرچو نه سمجهجانءِ. ڪي ڪي اهڙا مڙس مانجهي ۽ خدا جا نيڪ ٻانها به اٽئي جيڪي هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ پيرين پنڌ وڃيو نڪرن." اسرار چيو ۽ پوءِ هڪ واقعو ٻڌائڻ لڳو. "ڪجهه سال اڳ جڏهن آئون ڪراچي آفيس ۾ هوس ته عطا محمد مري صاحب ڪجهه ڳوٺائي موڪليا جن جو حج وڃڻ لاءِ ڪو نڪتو هو ۽ هوائي جهاز رستي اوڏانهن وڃڻا هئا. ويچارا پيرسن ڳوٺاٽا پهريون دفعو ڪراچي آيا هئا ۽ خبر ناهي ڪٿان ڪٿان پڇائيندا اچي مون وٽ آفيس کان نڪتا. حج جي سيزن هئي، آئون به سخت مشغول هوس. پر دل ۾ چيم ته ڪجهه به ٿي پوي ته هنن غريب ڳوناٽن جي هن نيڪ ڪم ۾ رهنمائي ڪبي. سو سڀ فارم وغيره پرائي، ٽڪيٽون، پاسپورٽ ۽ ٻيا گهربل ڪاغذ پٽ ۽ پرڏيهي ناٽو ونڻائي ڪين هٿيڪا ڪري ڏنم ته جيئن پلي پٽ ڏي روانا ٿي وڃن ۽ اسان گنهگارن کي به دعائن ۾ شامل ڪن."

"جنهن ڏينهن سندن هوائي جهاز کي جدي وڃڻو هو ان کان سمجهه ته هفتو سوا ڪن بعد ڏسان ته اهي ساڳيا مهاندا آفيس ۾ پيا اچن. ڏسي وائڙو

www.sindhsalamat.com

ٽيويس. "ابا ڪريو خبر؟ آهي ته خير؟" مون حيرت مان پڇيومانِ. "حج لاءِ نه ويائو چا؟"

هنن غريبن جو ڪو شاهينگ ڪراچيءَ ۾ ڪيسو ڪتي ويو هو ۽ سڀ ڪجهه غائب ٿي وين. ٽڪيٽون، پئسا، پاسپورٽ، ڪاغذ پٽ، سيڪجهه. گهر ٽيل ٽڪيٽ جا ڪجهه پئسا ملي سگهيا ٿي جنهن لاءِ هو هاڻ مون وٽ آيا هئا. اهو ڪم ڪو ڏکيو نه هو پر اهو سوچي مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو ته غريب ويچارا، جن سڄي عمر جنهن پلي ڪم لاءِ پئسو پئسو ڪري گڏ ڪيو اهو ٿي نه سگهين.

ٽڪيٽ جي پئسن جو ڪجهه حصو واپس حاصل ڪرڻ لاءِ مون سندن فارم پريا ۽ جاڻ سڃاڻ وارن دوستن کي ان جي جلد اڪلاءُ لاءِ پارٽ جا فون ڪري ڪين آفيسن جا پار پتا ٻڌائي اوڏانهن روانو ڪيم- جيئن ڪين ڪراچيءَ ۾ وڌيڪ رهي اجايو خرچ پکو ڪرڻو نه پوي. ۽ پوءِ دل ئي دل ۾ انهن لاءِ دعائون گهرندو اچي پنهنجي ڪم ۾ لڳس.

"ان ڳالهه کي ٽي چار ڏينهن گذري ويا. هڪ ڏينهن آفيس ۾، فائلن مان ڪنڌ مٿي ڪٽي دروازي ڏي ڏٺم ته سامهون وري سڀ بيٺا هئا. 'چاچا! گهر ٿي ويل ٽڪيٽن جا پئسا مليا؟' مون اٿي بيهي، اڳيان بيٺل هڪ ڪراڙيَ سان هٿ ملائي پڇيو. 'ها، سائين' هن وراڻيو. 'بروبر مليا. بس هاڻي آيا آهيون موڪلائڻ. شاهه صاحب دعا ڪجو.' "

"موڪلائڻ! چاچا ڪيڏانهن وڃڻلاءِ؟" مون پڇيو مان.

"سائين، ان پلي پار ڏي جنهن جو ارادو ڪري ڳوٺان نڪتا آهيون."

" پر پوءِ هاڻ ته نه اٽانو ٽڪيٽون ۽ نه هوائي جهاز ۾ خالي سيٽون. ويندئو ڪيئن؟"

"بس سائين هاڻ دعا ڪجو. هتان پنڌ ئي پنڌ وينداسين."

"پنڌ ئي پنڌ؟ ڪهڙو رستو وٺي ويندائو. ڪا ميل ٻن ٽي ته منزل ناهي." مون اچرج مان ڪانئن پڇيو. پر ادا الطاف! مان چا ٻڌايان۽ انهن نيڪ

books.sindhsalamat.com

انسانن جو جذبو- سچ ته هنن جي همٽ کي داد ڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي، چيائون: "بس سائين هتان اهو ڪيچ مڪران وارو رستو وٺي هليا ويندا سين ايران. جتان پوءِ عراق جي بغداد بصري ۽ ڪويت کان قري اچي سعوديه جي عرب کان نڪرنداسين. اسان سان گڏ ٻيا به همراهه هلڻ لاءِ تيار ٿيا آهن. بس پوءِ بکون ڪاٽيندا، جبل جهاڳيندا، جنهنجو جيڪو نصيب هوندو اهو وڃي آخر ته اتي پلاري پَٽ تي پهچندو. باقي هاڻ ڳوٺ وري ڪهڙا موٽڻ، جتان هر هڪ کان موڪلائي نڪتا آهيون."

www.sindhsalamat.com

مشرق منهنجي لاءِ سپ کجهه آهي

ملائيشيا جي شهر ڪوالالمپور ۾ هڪ ڏينهن تاڪ منجهند جو اوچتو هڪ انگريز "ليڊيءَ" سان ملاقات ٿي. ڪوالالمپور ۾ سير سپاٽي لاءِ آيل ڪيترائي انگريز نظر اچن تا. پر ڏُور اوپر جي هن ملڪ ملائيشيا تان "پنهنجو اباڻو ملڪ انگلنڊ قربان ڪندڙ هيءَ پهرين "مئدم" ملي جيڪا ڪڏهوڪو هتي جي ٿي وينئي آهي. ائين به نه آهي ته ڪو سندس مڙس هتي جو ملئي آهي جنهن ڪارڻ هن انگلينڊ کي ڇڏي ملائيشيا کي پنهنجو وطن بڻايو. سندس مڙس به هن جهڙو نج انگريز هو. (هو ڪجهه سال اڳ گذاري ويو) جنهن کي پاڻ چوٿو صدي سالَ اڳ چڪي هتي وٺي آئي هئي ۽ هاڻ هن ٽراپيڪل، ٻارهوئي گرم ملڪ ۾ هلي ٿي ته پگهر ويجيو ڪڙيون ڪٽيس. ان هوندي به هوءَ هتي جي ملڪ، ماڻهن، ماحول ۽ موسم مان خوش آهي.

آئون هيڪاندو وائڙو ٿي ويس ۽ هوءَ مون کي بيحد نرالي ۽ دلچسپ شخصيت لڳي، جڏهن هن پاڪستان جي ڪيترن ئي پراڻن فوجي آفيسرن، سياستدانن ۽ اهم شخصيتن جي خبرچار پڇي جن مان ڪيترن کي مون ئي نٿي سڃاتو.

"ڇا توهان پاڪستان ۾ به رهيون آهيو؟" مون پڇيو مانس.

"آئون پاڪستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ رهي آهيان، پر ان وقت جڏهن اڄا نندي ڪنڊ جو ورهاڳو نه ٿيو هو ۽ اهو يڪو برٽش انڊيا سڏبو هو."

"توهان جي قوميت ڇا آهي؟"

"آئون ملائيشين آهيان. 1952ع کان جڏهن آئون 30 سالن جي هيس هتي ملائيشيا ۾ رهان ٿي ۽ هتي جو ئي پاسپورٽ اٿم. منهنجا ماءُ پيءُ ضرور انگلنڊ جا هئا، پر آئون هن ملڪ کي پنهنجو وطن سمجهان ٿي."

تنهنجي معنيٰ ته هيءَ مئدم داتن پيگي ٽيلر 1923ع ڌاري جائي ۽ هن وقت ڇاهٺ سالن جي ٿيندي- مون دل ئي دل ۾ سندس عمر جو حساب ڪري سندس صحت ۽ ڦڙتائي جو ڪيس داد ڏنو.

ڪلندي وراٽيائين: "گهٽو مناڻ ڪائڻ ڪري هاڻ ٽلهي ٽي پئي آهيان، نه ته ڪجهه سال اڳ تائين ته پاڻ کي بنهه سنهو رکندي آيس."

مون ڪانئس انگلنڊ ۾ گذاريل نندپڻ جي ڏينهن جو پڇيو:

"منهنجو نندپڻ انگلنڊ جي شهرن ۾ نه پر ايشيا ۽ هن ڏُور اوپر جي گهٽين ۾ گذريو"، هن وري زور زور سان ڪليو. ۽ پوءِ سگريٽ جو ڪش هڻي چيو. "آئون برما ۾ ڄايس ۽ اتي ئي شروع جي تعليم حاصل ڪيم."

ان ڏينهن داتن پيگي سان وڌيڪ خبرچار ٿي نه سگهي. هن ٽي ڪجهه لکڻ لاءِ هڪ دفعو وري ساڏس مليس. تيسين مون کي خبر پئي ته هو واقعي نه فقط ملائيشيا پر برما، سنگاپور ۽ نندي ڪنڊ جي هڪ اهم ۽ رنگين شخصيت آهي. هوءَ سياست ۾ به رهي آهي ته فوج جي آفيسر پڻ. هن کي آرٽ سان به دلچسپي آهي ته خدمت خلق جهڙي نيڪ ڪم سان به.

ملائيشيا ۾ داتن (Datin) ان عورت کي سڏبو آهي جنهن جي مڙس کي داتڪ (Datuk) جو خطاب مليل هجي. اهو خطاب ڪنهن اهم ڪم يا ملڪ جي خدمت ڪرڻ جي اجوري ۾ ملڪ جي بادشاهه يا ڪنهن به رياست جي سلطان طرفان ملندو آهي. اهو ائين آهي جيئن ڪنهن زماني ۾ انگريز بادشاهه کان نندي ڪنڊ جي هندن مسلمانن کي راءِ بهادر يا خان بهادر جهڙو خطاب ملندو هو.

گذريل هفتي عيد جون موڪلون هيون. سو پنهنجي شهر ملاڪا کان هلي ملي ڪوالالمپور ساڏس ملڻ ويس. پاڻ ائمپنگ روڊ تي هڪ پراڻي انگلش نموني جي گهر ۾ رهيٽي جنهن جي چوڌاري ڪافي خالي پٽ ۽ پراڻا گهاٽا وڻ آهن. ڪوالالمپور جي ائمپنگ روڊ جهڙي مشغول رستي تان لنگهندڙ ٽرئفڪ جي آواز بدران سندس گهر اڳيان جهرڪين ۽ ڪيرن جي تنوار

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اچي ٿي. پاڻ ۾ن نوڪرياڻين سان گڏ رهي ٿي، جن مان هڪ آح_ لان (Ah-lan) نالي چينياڻي ته ويهن سالن کان هن وٽ ڪم ڪري ٿي جيڪا گهر جي ڪم ڪار کان علاوه سندس ڪاغذ پٽ ۾ روزمره جي مشغولين کي پڻ ترتيب ڏئي.

شاديءَ کان اڳ داتن پيگي ٽيلر جو نالو پيگي ليما هو.

"منهنجي ڏاڏاڻي خاندان جو جهازن سان گهٽو واسطو رهيو آهي"، هن ٻڌايو. "منهنجو پيءُ B.I.S.M ڪمپنيءَ ۾ مرچنٽ نيويءَ جو ڪيپٽن هو ۽ منهنجو ڏاڏو انگلنڊ جي رايل نيويءَ ۾ Pay – Master چيف هو. منهنجي پيءَ جي نالي سان Lima ۾ ڏاڏاڻي آڪهه جو جهازراني سان گهٽو تعلق هجڻ مان لڳي ٿو ته اسان جا وڏا پورچوگالي هئا، جيڪي ڪنهن دور ۾ پورچوگال کان لڏي انگلنڊ آيا هوندا."

داتن ٽيلر ٻڌايو ته سندس ماءُ جو وري سياست سان واسطو رهيو آهي. 1920ع ڌاري انگلينڊ ۾ جيڪا Women – Suffrage جي تحريڪ هلي هئي ان ۾ سندس ماءُ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. جنهن بعد عورتن کي ووٽ ڏيڻ جو حق ڏنو ويو.

"سو شايد ان ڪري منهنجي رت ۾ به سياست شامل آهي ۽ سياست جو اهو شوق ماءُ طرفان مليو اٿم."

ملائيشيا جي ائڊمو پارٽي Alliance Direct Member Organization Party جيڪا 1960 ۾ ٺهي انجي داتن پيگي ٽيلر پهرين ۽ ايجا تائين واحد عورت ميمبر آهي. ان کان اڳ ۾ حڪومت جي Alliance پارٽيءَ ۾ فقط ملئي ماڻهن جي UMNO، انڊين جي MIC ۽ چينين جي MCA پارٽيون هيون.

"اسان جهڙا انگلنڊ ۽ يورپ کان آيل يا يوريشين، جن جو مٽين ٽن پارٽين سان ڪو به واسطو نه هو ۽ هو فقط ملائيشين هئا ۽ سندن وفاداريون حڪومت سان هيون، انهن لاءِ اسان جي نئين ٺهيل پارٽي ADMO اهم

ڪردار ادا ڪيو. آئون ان پارٽيءَ جي قومي ليول تي وائيس چيئرپرسن ۽ سلينگور رياست جي پارٽي چيئرپرسن ٿي رهيس. رڳو سلينگور ۾ اسان جي پارٽيءَ جا پنج هزار ميمبر هئا. جيتوڻيڪ اسان جي پارٽي ڪا وڏي جماعت نه ماڻي سگهي ۽ سياسي پارٽيءَ بدران اها هڪ قسم جي سوشل آرگنائيزيشن ٿيندي ويئي. پر جيترو وقت آئون رهيس، مون اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته نه فقط مرد پر عورتون پڻ ملڪ ۽ عوام جي خدمت ڪري سگهن ٿيون.

"Politics is a Greek word meaning 'To Care' & if you do, it is simple."

هن مون کي ڪيترن ئي غريب ماڻهن جا تعريفي خط ڏيکاريا جن جي ڏُورانهن ڳوٺن ۾ هن وچي سندن مسئلا ٻڌا ۽ حڪومت تي زور آڻي اهي مسئلا ۽ ڏک ڏُور ڪيا.

داتن پيگي ٽيلر برما ۾ جائي، جتي سندس پيءُ انهن ڏينهن ۾ نوڪري ۾ هو. ٻي وڏي لڙائيءَ تائين هن رنگون (برما) ۾ ئي تعليم ورتي. لڙائيءَ ۾ سندس پيءُ مارجي ويو ۽ سندس ماءُ کي سرڪاري گهر ڇڏي پنهنجي ذاتي گهر ۾ رهڻو پيو، جنهن ۾ داتن پيگيءَ جنم ورتو هو.

"برما ۾ اسان جو اهو Hill House ائين مٿائين ۽ ٽڏي جڳهه تي هو جيئن هتي ملائيشيا ۾ ڪئمرون هاءِ لئنڊس يا پاڪستان ۾ ڪوهه مري يا نٿيا گلي وغيره آهن. آئون تن ڏينهن ۾ ڪالج ۾ هيس ۽ ڪالج جي هاسٽل ۾ ئي رهندي هيس. برٽش چيو ته جپان ڇهه مهينا کن به مقابلو ڪري نه سگهندو. هو کين رستي تان ئي پڃائي ڪيندا، پر پوءِ هرهڪ ڏٺو ته ائين نه ٿي سگهيو. هو ويو هڪ ٻئي پٽيان ملڪ فتح ڪندو ۽ برما تائين ٽوڪي آيو. انگريز ۽ سندس سپاهه-جنهن ۾ برما ۽ ملايا جي ماڻهن سميت ننڍي ڪنڊ جا سولجر پڻ هئا، سپ ڪٽو ڪٽو ٿي ويا. ان سان گڏ شهري آبادي پڻ. اسان کي ماءُ جي ۽ ماءُ کي اسان جي خبر نه پيئي. هر ڪو پنهنجو سر بچائي سلامتيءَ جون واهون ڳولڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

"اسان جي ڪاليج جي چوڪرين جي هڪ جٿي کي انگريز سرڪار هڪ پاٽيءَ جي آگبوٽ ۾ چاڙهي هندستان روانو ڪيو. هندستان جڏهن جي جنگي باهه ۾ ڇپين کان اڳ بچيل هو."

"پوءِ آرميءَ ۾ توهان ڪڏهن پرتي ٿيون؟" مون پڇيومانس.

"اندين پهچي مون 1941ع ۾ Women's Auxiliary Service ۾ داخلا ورتي. ان وقت آئون ارڙهن سالن جي هوندیس. جتان پوءِ مون کي ملٽري تعليم لاءِ ڪوئيٽا جي اسٽاف ڪاليج ۾ موڪليو ويو. ملٽري سڪيا دوران بلوچستان ۾ سنڌ جا ڪافي حصا گهميس."

ڪوئيٽا (پاڪستان) جي اسٽاف ڪاليج بعد ڪيس ليفٽيننٽ بٽائي چٽگانگ (هاڻ بنگلاديش) جي آرمي ڪئمپ ۾ رکيو ويو. جتي پوءِ ڪجهه عرصي بعد هن جي پروموشن ٿي ۽ ليفٽيننٽ مان ڪئپٽن ٿي.

"مرد آفيسرن ۾ ان وقت آئون واحد عورت هيس. ڊيوٽي جي سلسلي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ته نيپال ۽ يوتان کان به وڃي نڪرڻو پوندو هو. بس يا ريل تي جيڪي منهنجي آڏر پاءُ لاءِ ايندا هئا اهي مون کي ڳولڻ بدران ڪنهن مرد ملٽري آفيسر کي ڳوليندا وٽندا هئا. يا ڪڏهن ڪڏهن ڏهليءَ کان لاهور تائين يا ڪوئيٽا کان ڪراچيءَ تائين ريل جي ساڳي ڊبي ۾ مرد فوجين سان سفر ڪرڻو پوندو هو.

"انهن ڏينهن ۾ هندستان ۾ سپ ڪان تڪليف وارا آفيس جا توائليٽ هوندا هئا. اهي اڪثر آفيس پنيان ليچي يا گيدوڙي جي وڻ هيٺيان تختن جا ٺهيل هئا. مرد آفيسرن لاءِ ته مڙيئي خير هو پر مون کي موڪل تائين پنهنجو پاڻ کي ڪنٽرول ۾ رکڻو پوندو هو."

"پلا توهان جي شادي ڪڏهن ٿي ۽ مڙس سان ملاقات ڪٿي ٿي؟"

"منهنجو مڙس ايرڪ ٽيلر آرميءَ ۾ ميجر هو. هو انهن ڏينهن ۾ هندستان جي ڪوسٽ گارڊ سروس ۾ هو. پوءِ اتان هن جيڪا ريجمينٽ پرتي ڪئي ان کي مشرقي بنگال (اڄ جي بنگلاديش) ۾ رکيو ويو. اتي هن ان

books.sindhsalamat.com

مشهور جنگ "انفال" ۾ حصو ورتو جنهن ۾ جپاني انگريزن کي وڪوڙي ويا هئا. اتان پڇڻ بعد هن کي چٽگانگ ۾ رکيو ويو. جتي انهن ڏينهن ۾ آئون پاڻ بدلي ٿي آئي هيس. اسان جو چٽگانگ ۾ عشق ٿيو ۽ پوءِ 1946ع ۾ ڪلڪتي ۾ شادي ٿي."

چٽگانگ ۾ هنن جي پوسٽنگ ۽ رهائش پٽنگا علائقي ۾ هئي جتي هينئر چٽگانگ جو ايئرپورٽ به آهي. اهو علائقو چٽگانگ شهر کان ڪجهه ميل پري ڪرنا ڦلي نديءَ جي ساڃي ڪپ تي آهي جتي اها ندي خليج بنگال ۾ ڇوڙ ڪري ٿي، اتي ئي ٻئي ڪپ تي جُلديا نالي هڪ ٻيٽ آهي جتي تن ڏينهن جي انگريز فوج جا فوجي نوعيت جا ڪيترائي يادگار آهن. مارڪنگ ٽاور، لائيٽ هائوس کان وٺي رهائش جون بئرڪون ۽ ڪلب وغيره. ان ٻيٽ تي 1962ع ۾ پاڪستان حڪومت ملڪ جي پهرين مئرين اڪيڊمي ٺهرائي جيڪا پوءِ بنگلاديش ٽيٽ بعد ڪراچيءَ ۾ الڳ ٺهرائي ويئي. شروعاتي شاگردن مان آئون پڻ هڪ آهيان جنهن ان مان مئرين انجنيئرنگ جي تعليم ورتي. چٽگانگ جي هن ٻيٽ جُلديا ۽ پٽنگا بابت داتن پيگي ٽيلر جي يادگيري قابلِ داد آهي. ان کان علاوه هوءَ پر وارن علاقن: چندرگنا، ڪپتائي پهاڙتلي، رنگا متيءَ جو پڻ ذڪر ڪندي رهي. مون کي سندس وقت جو خيال ٿيو جو هن وٽ ويني مون کي ڪافي دير ٿي ويئي هئي.

" آئون اتفاق سان اڄ بنهه واندي آهيان. مون کي هڪ يوريشين ساهيڙيءَ ملڻ لاءِ چيو هو، پر اتفاق سان اڄ ئي هن جي مڙس رچرڊ ڊالائلا کي ملائيشيا جو جج مقرر ڪيو ائٿن، ان جي مبارڪ ڏيڻ لاءِ ايندڙ مهمانن ۾ هوءَ بزي آهي. هن کان اڳ هو آسٽريليا جي شهر پرٿ ۾ ٻارن جي تعليم ڪارڻ، سترهن سال رهيا جتي سندس مڙس سينئر رجسٽرار هو. هن جو پاءُ البرٽ واشنگٽن ۾ ملائيشيا جو سفير آهي، سو تنهنجي اچڻ کان اڳ هن مون سان رکيل ملاقات ڪئنسل ڪري ڇڏي."

www.sindhsalamat.com

ڏڏي ٽي ويل چانهه کڻي وڃڻ ۾ ٻي گرم آڻڻ لاءِ هن پنهنجي نوڪرياڻيءَ آح_ لان کي سڏيو:

"فرينچ چوندا آهن ته چانهه ناهڻ بعد ڪتليءَ ۾ ڪلاڪ کن ضرور رکجي. خبر ناهي ايتري دير چانهه ڪيئن ٽي گرم رهي سگهي." داتن ٽيلر ڳالهه بعد پنهنجا روايتي ٽهڪ ڏيندي رهي. نوڪرياڻيءَ کي تيسين ڪئميرا ڏنم ته اسان جا فوٽو ڪڍي.

"جلدي ڪرو، جلدي ڪرو" داتن ٽيلر هن کي اڏڻءَ ۾ چيو.

"So, You can speak Urdu Also?"

مون کانس پڇيو.

"ٽوڙا ٽوڙا اردو هندي سب بول ليتا هَي." داتن چيو. ۽ پوءِ ٻڌايائين ته هوءَ جڏهن به ڪنهن دعوت يا فنڪشن ۾ افتخار سان ملندي آهي ته هن سان اڏڻءَ ۾ ڳالهائيندي آهي. افتخار ڪرڪيٽ جو مشهور ڪمينٽري ڪندڙ ڪجهه سالن کان هتي ڪوالالمپور ۾ سنگر سلائي مشين واري ڪمپنيءَ ۾ هڪ وڏيءَ پوسٽ تي آهي.

"افتخار جتي به ملندو آهي ته رڙ ڪري ڪيڪارينڊو آهي. 'ميم صاحب، ڪَيسا هَي؟' ۽ آئون به جواب ڏيندي آهيانس 'ٹيڪ هَي، ٹيڪ هَي. تم اپنا خبر ڪرو.'" هوءَ وري کلڻ لڳي. مون محسوس ڪيو ته هن عمر ۾ ايترو صحتمند رهڻ جو راز نه فقط ڪاڏو پيتو ۽ ورزش آهي پر هر حال ۾ خوش رهڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن نه ڪنهن ڪِرت ۾ رڌل رکڻ پڻ ضروري آهي. جنهن تي داتن ٽيلر پورو پورو عمل ڪري ٿي.

"پلا پوءِ هتي ملائيشيا ڪيئن اچڻ ٿيو؟" مون پڇيو.

"ها. اهو هن ريت. پاڪستان هندستان جي ورهاڱي ڪانپوءِ سگهو ئي اسين انگلنڈ هليا وياسين. منهنجي مڙس کي آرڪيٽيڪٽ ٿيڻ جو شوق هو، پر اسان کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته آيا هوائين ڪري يا آرميءَ ۾ ئي رهي. پر پوءِ جيئن اسان ٻڌو ته هن جي فلسطين بدلي ٿيڻ واري آهي ته پوءِ

books.sindhsalamat.com

آرمي چڏي آرڪيٽيڪچر پڑهڻ ۾ لڳي ويو. انهن ئي ڏينهن ۾ آئون پيٽ سان ٽيس. انگلنڈ ۾ جيڪو وقت رهياسين مزو نه آيو. اتي جي هڏ هڻان واري زندگي ۽ مشرق جي پرسڪون زندگيءَ ۾ وڏو فرق محسوس ڪيوسين. آئون مشرق جي پيداوار هيس. مشرق منهنجي لاءِ سڀ ڪجهه هو. رنگون، ڪوئيٽا، چٽگانگ، ڪلڪتو، ڪتمنڈو، دهلي، لاهور- ڪنهن شهر ۾ جايس ته ڪنهن ۾ پڑهيس. ڪٽي پنهنجي نوڪريءَ جي ابتدا ڪيم ته ڪٽي عشق جو آغاز ۽ شادي رچايم. هن مشرق سان منهنجو اول ڪان چاهه هو. منهنجي مڙس ايرڪ جو به هاڻ مشرق سان من لڳي چڪو هو ۽ ڪيس مشرق ۾ رهڻ پسند هو. 1948ع ۾ هن سنگاپور ۾ هڪ نوڪريءَ لاءِ درخواست موڪلي ۽ ڪيس اها نوڪري ملي وئي."

اهڙي ريت ايرڪ سنگاپور آيو ۽ هن اتي عمارتن جا نقشا ناهڻ جو ڪم شروع ڪيو. ان دوران سندس زال داتن پيگي ٽيلر ماڊلنگ ڪئي. سهڻي ۽ سنهي جسم ڪري هوءَ ان ۾ تمام گهڻو ڪامياب رهي.

ان بعد 1952ع ۾ اٽن مهينن جي موڪل تي جڏهن هو وري انگلنڈ ويا ته اتي ڪين خبر پئي ته ڪوالالمپور جي ميونسپل ڪائونسل ۾ آرڪيٽيڪٽ جي جاءِ خالي آهي. هن ان نوڪريءَ لاءِ اپلاءِ ڪيو. " ۽ اهڙي طرح اسين ان وقت ڪان هتي ملائيشيا ۾ آهيون. ڪوالالمپور پهچي پهريان ڏينهن مون کي سنگاپور ڏاڍو ياد ايندو هو پر پوءِ آهستي آهستي هن شهر ڪوالالمپور سان به دل لڳي وئي. انهن ڏينهن ۾ هتي سڀ کان بهترين جاءِ Griffin Inn هوجتي ڊانس کان علاوه انهن ڏينهن جي مشهور ڳائٽي ٽوني شوليانو (Tony – Sollano) سان ڳائيندا هئاسين. اها جاءِ هاڻ به آهي پر ان کي هاڻ Intan – Bow سڏين ٿا."

داتن پيگي ٽيلر ۽ سندس مڙس داتڪ ايرڪ ٽيلر کي ملائيشيا جي آزاديءَ ڪانپوءِ سگهو ئي 1960ع ۾ هن ملڪ جي شهريت Citizenship ملي.

www.sindhsalamat.com

"اسان لاءِ ملائيشيا انگلينڊ کان وڌيڪ هئي جتي جي ماڻهن ۽ ماحول سان اسان کي پيار ٿي ويو هو. منهنجي زندگيءَ جي سڀ کان اڻ وسرندڙ گهڙي اها آهي جڏهن 31 آگسٽ 1957ع تي ملائيشيا کي خودمختياري ملي ۽ آڌي رات جو سلينگور ڪلب جي ميدان Padang تي اسان انگلينڊ جو جهنڊو لهندو ۽ ملايا جو چڙهندو ڏٺو."

"اولاد چا اٿانوَ؟" مون پڇيومانس.

"مون کي هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ آهي. مڙس جو 1977ع ۾ انتقال ٿي ويو. وڏو پٽ انگلينڊ ۾ رهي ٿو ۽ اتي ئي شادي ڪئي اٿس. هڪ ڀار ٻه اٿس. منهنجي ڌيءَ کي ميوزڪ ۽ راڳ جو شوق هو. هوءَ جهانسبرگ (ڏکڻ آفريڪا) ۾ رهي ٿي ۽ ڪمپوزر آهي. هو ٻئي ايندا رهن ٿا يا خبرچار لهڻ لاءِ آئون هنن وٽ ويندي آهيان."

داتن ٽيلر کي جهوني جڳ جون شيون Antique گڏ ڪرڻ جو شوق آهي ۽ اهڙين شين سان سندس گهر پريل آهي. متيءَ جون مورتيون، پٿر جا بت، پتل ۽ تامي جون هٿ جون ٺهيل شيون، تصويرون ۽ گلدستا- جن مان ڪيتريون شيون ته خود انهن جي آرٽسٽن ڪيس تحفي طور ڏنيون آهن. انهن شين ۾ برما ۽ ڪمبوڊيا آرٽ جون سڀ کان گهٽيون ۽ تواريخي شيون شامل آهن- خاص ڪري Angkor Wat جي ڪپڙي تي ٺهيل تصوير جيڪا سندس گهر ۾ گهڙڻ سان سامهون نظر اچي ٿي.

انهن آرٽ جي شين وانگر هن وٽ اهم ماڻهن کان مليل ڪيترائي سرٽيفڪيٽ، خط ۽ فوٽو آهن جيڪي ڳالهين دوران غور سان ڏسندو رهيس. هڪ سرٽيڪفيٽ جيڪو سپ ۾ اهم چٽي سگهجي، اهو آرميءَ ۾ سني طرح ڊيوٽي ڏيڻ جي عيوض فيلڊ مارشل ويول (Wavell) جي حڪم سان 1946ع ۾ انڊيا جي شهر دهليءَ ۾ ڪيس ڏنو ويو هو. انگريز بادشاهه طرفان تن ڏينهن ۾ ڏنل ان قسم جو سرٽيفڪيٽ مون به پهريون دفعو ڏٺو. جنهن جي شروعات گلن وارن اکرن ۾ ڪجهه هن طرح آهي:

books.sindhsalamat.com

"جارج ڇهون جيڪو الله جي فضل سان عظيم برطانيا، آئرلينڊ ۽ ست سمونڊ پار حڪومتن جو بادشاهه، مذهب جو رکوالو ۽ هندستان جو شهنشاهه آهي..." وغيره وغيره.

سبحان الله! بلي بلي! اڄ به ان قسم جا سرٽيفڪيٽ هند سنڌ جي ڪيترن ئي خان بهادرن ۽ راءِ بهادرن وٽ سونن فريمن ۾ محفوظ آهن، پر هن متوالي عورت داتن ٽيلر جي چينياٽي نوڪرياٽيءَ ان کي هڪ پلاسٽڪ جي فائل ۾ وجهي هيڏانهن هوڏانهن ڦٽي رلايو.

داتن ٽيلر جڏهن برما ۾ پڙهندي هئي ته هن جي ڪلاس ۾ هڪ برمي چوڪري سندس تمام سڻي ساهيڙي هئي. اڳتي هلي اها چوڪري برما جي انقلابي ڪائونسل جي چيئرپرسن ٿي ۽ سندس مڙس فوج جو جنرل ۽ برما جو ليڊر ٿيو. منهنجو اشارو برما جي جنرل ني ون (Ne – Win) جي زال مئڈم ني ون ڏي آهي. 1968ع ۾ جڏهن جنرل ني ون ملائيشيا جي سرڪاري دوري تي ڪوالالمپور آيو ته سندس زال تن ڏينهن جي ملائيشين پرائيم منسٽر تنڪو عبدالرحمان کان پنهنجي ڪلاس ميٽ داتن ٽيلر جو پڇيو ۽ هن سان ويهن سالن بعد ملاقات ٿي. اها خبر ان ڏينهن جي اخبارن تفصيل سان ڇپي هئي. داتن کان اها اخبار ۽ ڪجهه فوٽو به ورتم. هڪ ۾ هوءِ اڳوڻي ملائيشيا جي بادشاهه کان سند وٺي رهي آهي. هڪ ۾ مشهور نيپالي گائيڊ شيرپا تانزنگ سان بيٺي آهي. ايوريسٽ جبل جي چوٽيءَ تي پهچڻ ۾ جن پهرين ماڻهن فتحيابي حاصل ڪئي، اهي آهن: سر ادمنڊ هلاري Sir Edmund Hillary ۽ هي گورکو گائيڊ شيرپا تانزنگ.

تانزنگ ان فتحيابي بعد جڏهن ملائيشيا گهمڻ آيو ته هتي جي وزيراعظم تنڪو عبدالرحمان کيس تحفي طور هڪ خنجر ڏنو. وزيراعظم سان ملڻ بعد هو داتن پيگي ٽيلر سان ملڻ آيو جيڪا آرمي وارن ڏينهن ۾ سندن علائقي جي آفيسر رهي چڪي هئي. هڪ فوٽوءَ ۾ هو وزيراعظم طرفان مليل اهو تحفو داتن پيگي کي ڏيکاري رهيو آهي. ٻئي ۾ هنن سان

www.sindhsalamat.com

گڏ آسٽريليا جو هاءِ ڪمشنر پڻ آهي. داتن ٽيلر جي ان وقت جي جسم ۽ سونهن مان چئي سگهجي ٿو ته هوءَ واقعي مادلنگ جهڙي پروفيشن ۾ ڪامياب رهي هوندي.

منهنجي ان چوڻ تي ته "آرمي بدران توهان کي هالي وود وڃڻ کپي ها،" هن وڏو ٽهڪ ڏنو. سندس انهن سرٽيفڪيٽن ۽ خطن مان هڪ ئي خط جي فوٽو ڪاپي ڪنيم. جيڪو ان وقت اهم وقت جي ياد آهي جڏهن سنگاپور ملايا کان ڌار ٿيو. هي خط 23 آگسٽ 1965ع جو لکيل آهي جيڪو تن ڏينهن جي پرڏيهي وزير مسٽر راجا رتنام پنهنجي نئين ملڪ سنگاپور مان داتن ٽيلر کي لکيو هو. ان ۾ هن سنگاپور جي عليحدگيءَ بابت لکيو آهي ته اها جدائي اهڙي شيءِ آهي جيڪا هنن (سنگاپورين) هرگز نٿي چاهي، پر ملايا جي خوشيءَ ۽ سلامتيءَ لاءِ هنن مجبوريءَ ۾ قبول ڪئي ۽ اميد ته اهو وچوڙو عارضي رهندو.

داتن پيگيءَ سان موڪلائڻ وقت مون سندس گهر ۾ وچايل هڪ جهوني ۽ سهڻي غاليچي بابت پڇيو:

"ها، اها ڳالهه توکي ٻڌائڻ وسري ويئي. منهنجي مڙس ڪوالالمپور شهر جون ڪيتريون ئي عمارتون ڊيزائن ڪيون. "پاڪستان مسجد" به انهن مان هڪ آهي جيڪا جالان راجا مودا (Raja Muda Road) تي آهي. ان مسجد جي نقشي ٺاهڻ جو هن کي به اجورو نه ورتو. ان جي بدلي ۾ هتي جي رهندڙ پاڪستانين اسان کي هي ڪارپيٽ سوغات طور ڏنو جنهن کي دل سان سانڊي رکيو اٿم.

پاڪستان ايمبسيءَ جو جيڪو هتي پهريون سفير نواب شير علي خان هو اهو پڻ اسان جو فئملي فرينڊ هو. هن جي لاهور واري گهر جو نقشو پڻ منهنجي مڙس دوستيءَ ۾ ٺاهيو هو. اسان جي پٽي صاحب سان به ڪافي عليڪ سليڪ هئي. آخري دفعو هن سان 1962ع ڌاري U.N.O ۾ ملاقات ٿي جهن هو ايوب خان جي ڏينهن ۾ پاڪستان جو پرڏيهي وزير هو.

books.sindhsalamat.com

مون کي مئڊم بينظير سان ملڻ جي ڌاڙي سڌ آهي. مون کي اهو پڙهي خوشي ٿي ته هوءَ ان ملڪ جي وزيراعظم ٿي آهي، جيڪو اسلامي رياست آهي. منهنجي خيال ۾ مارگريٽ ٽيچر جو انگلينڊ جو پرائم منسٽر ٿيڻ ايڏي وڏي ڳالهه ناهي جيترو بينظير لاءِ، مون کي مارگريٽ لاءِ به چاهت آهي پر جهڙو مسلمان ملڪ، جتي مرد جي مٿاهين حيثيت آهي، اتي اهو مقام حاصل ڪرڻ لاءِ بينظير کي ضرور گهٽي محنت ڪرڻي پيئي هوندي، ان کري هن جي آئون مارگريٽ کان به وڌيڪ واکاڻ ڪريان ٿي."

"ايندڙ مهيني هتي ڪوالالمپور ۾ ڪامن ويلٿ جي وزيراعظمن جي گڏجاڻي آهي. ٿي سگهي ٿو ته هوءَ هتي اچي ۽ توهان جي ساٿس ملڻ جي تمنا پوري ٿي وڃي." مون کانئس موڪلائيندي، ياد ڏياريو.

"ضرور. شل حياتي ساٿ ڏئي." هن وراڻيو ۽ پوءِ هڪ مشهور ملئي چوستي جون آخري ٻه سٽون چيون:

Kalau Ada Umur Panjag, Bloeh Kita
Berjimpa Lagi.

"ڪلائو ادا عمر پنجانگ بوليح ڪيتا برجمپا لاگي."

(جيڪڏهن عمر ڊگهي رهي ته ضرور هڪدفعو وري ملاقات ٿي ويندي.)

www.sindhsalamat.com

لاش کي ڳجهن حوالي ڪرڻ

ڪوالالمپور کان ڪراچي MAS هوائي جهاز جي اڏام ڪلاڪ ٻن لاءِ دهلي ۾ ترسي ٿي. مون سان گڏ ان ڏينهن سفر ۾ گهٽي ياگي سڪ هئا، جن کي دهليءَ جي "اندرا گانڌي" هوائي اڈي تي لهي پنهنجي وطن امرتسر وڃڻو هو. ڪجهه پنجاب پاسي جا پاڪستاني پڻ هئا. منهنجي بلڪل اڳئين سيٽ تي هڪ پارسي ويڙهه جنهن کي دهليءَ ۾ لهي، پنهنجن مائٽن سان ملڻ لاءِ بمبئي وڃڻو هو.

"توکي ڪوالالمپور سنو لڳي ٿو يا بمبئي؟" ۾ ويڙهه سڪ، شايد وقت گذارڻ خاطر کانئس سوال ڪيو. اسان پڻ پنهنجو ڏيان ان ڏي ڏريو.

"نوڪري يا ڪمائڻ لاءِ سنگاپور، ڪوالالمپور جهڙا هنڌ سڀا آهن، پر رهڻ ۽ مرڻي پرڻي لاءِ بمبئي يا ڪراچي سنو لڳي ٿو." پارسيءَ ٻڌايو.

"اهو پلا ڪيئن؟ اسان سڪن کي ته هِتي توڙي هُتي هڪجهڙو ئي مزو اچي ٿو."

"ان ڪري جو توهان سڪ جتي به رهو ٿا ته سون هزارن جي حساب سان گڏ رهو ٿا. ولايت ۾ به توهان جا پنهنجا عبادت گهر آهن جتي خوشيءَ توڙي غميءَ جون جملي ڏرمي ريتون رسمون پوريون ڪيون وڃن ٿيون. اسان پارسين جو هتي پرديس ۾ ڪو مري وڃي ته اسان لاءِ وڏو مسئلو ٿيو پوي. توهان وانگر نه ساڙي سگهون ٿا ۽ نه مسلمانن وانگر زمين اندر دفن ڪري سگهون ٿا..."

سوال پڇندڙ سڪ کي شايد اها ڄاڻ نه هئي ته پارسي ڏرم جا ماڻهو لاش کي دفن ڪرڻ بدران ڳجهن حوالي ڪندا آهن جنهن جو بندوبست بمبئي ۽ ڪراچيءَ جهڙن شهرن ۾ سالن کان آهي.

پارسي هڪ ننڍڙو ڏرمي فرقو آهي جيڪو باهه جي پوڄا ڪري ٿو. اسلام کان اڳ ايران جو اهو سرڪاري مذهب هو. هنن جو نبي (زورو هسٽر) حضرت عيسيٰ کان ۾ ٽي هزار سال اڳ ڄائو هو. اسلام جي اثر ۽ ايران تي عربن جي ڪاهن بعد، پارسي مذهب ايران جي فقط هڪ ٻن شهرن تائين وڃي رهيو. ٻارهين صديءَ ڌاري، گهٽي ياگي پارسي، ايران ڇڏي هندستان جي الهندي ڪناري وارن شهرن ۾ اچي رهيا، خاص ڪري گجرات ۾. ان ڪري هنن تي گجراتي زبان ۽ ڪلچر جو اثر ٿيو. اڄ تائين هندستان ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ ڪيترائي پارسي گجراتي ڳالهائين ٿا.

شروع شروع ۾ پارسي ايترو اميرنه هئا. هو ٻني ٻارو ڪندا هئا. انگريزن جي اچڻ بعد هنن انگريزي زبان، انگريزي پوشاڪ ۽ ڪلچر کي پنهنجو ڪيو. اوائلي ايران کي پرشيا سڏبو هو. پرشن گلف، پرشن ڪارپيٽ يا ڪراچيءَ جي پرشين بيڪري ان نالي تان آهن.

ڪراچيءَ ۾ به هن وقت پنج هزار ڪن پارسي رهن ٿا ۽ صدر ۾ يونائيٽيڊ هوٽل واري رستي ۽ پاڪستان چوڪ ۾ مينارام هاسٽل سامهون سندن باهه جي پوڄا جا مندر آهن. هو اڄ به پنهنجيون ڪيتريون ئي جهونيون رسمون قائم رکندا اچن. باهه جي پوڄا ڪرڻ انهن مان هڪ آهي. پر سڀ مان عجيب رواج- يا ڏرمي ساڻ سوڻ، پارسيءَ جي مرڻ تي ٿئي ٿو. جنهن ۾ مئل پارسيءَ جو لاش ڳجهن کي ڪارايو وڃي ٿو.

هوائي جهاز ۾ سفر ڪندڙ مٿئين پارسي همراهه ٻڌايو ته بمبئي شهر ۾ (جتي هو رهي ٿو) روزانو چار يا پنج ڪن پارسي مرن ٿا جن جا لاش صبح جو ستين ڌاري يا شام جو چئين وڳي مينار (Tower) تي پهچايا وڃن ٿا. ڳجهن کي تائيم ٽيبل جي خبر آهي ۽ صبح ۽ شام جو انهن وقتن تي بمبئي شهر مٿان انيڪ ڪاربون ڳجهون پَر ڦڙڪائيندیون نظر ايندیون.

انهن مينارن مان هڪ مالابار ٽڪريءَ تي آهي جيڪو اڇڪلهه بمبئيءَ جو خوبصورت رهائشي علاقو آهي. بمبئيءَ ۾ پارسين جا اهڙا نَو

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مينار آهن، جن مان پنج اڄ به استعمال ۾ آهن. اهي ماڻ جا مينار "Tower of Silence" سڏبا آهن. اتي پارسين کان علاوه ٻئي ڪنهن کي وڃڻ جي اجازت نه آهي.

پارسيءَ جي موت تي ڪيس وهنجاري سهنجاري سوتي اڇي ڪپڑي ۾ ويڙهي، ماڻ جي هن مينار وٽ آندو وڃي ٿو. اتي، لاش کي پهرين مينار جي منهن وٽ ٺهيل هال ۾ رکبو آهي جنهن جي اڳيان ڪجهه ٻاوا ڏرمي گيت ۽ منتر پڙهي لاش جي چوڌاري ست ڦيرا ڏيندا آهن، جيڪي جادوءَ جا ست ليکا ٿيا جنهن مان ڪو به بدروح ٽپي نٿو سگهي. ان بعد لاش کي اڳتي ڪٽي وڃڻ لاءِ هڪ گهٽ ذات جا شڪاري ايندا آهن. پوءِ پارسين جي پاڪ باهه، ان لاش جي پرسان رکي ٻاوا وري ڪجهه پڙهي ڇوڪرف شوڪارياندا آهن. مائٽن متن، دوستن يارن کي ان لاش جو پري کان آخري دفعو ديدار ڪرايو ويندو آهي. ان بعد کين هٽ لائڻ جي به اجازت نه هوندي آهي.

هڪ ڪتي کي ان لاش جي ويجهو آندو ويندو آهي جنهن بابت پارسي ٻاون جو چوڻ آهي ته ان سان لاش مان نڪرندڙ شيطاني چقمقي ڪرٽا فقط ڪتي جون اکيون ڏسي سگهن ٿيون ۽ کين زنده انسان ڏي پکڙجڻ کان جهلين ٿيون.

پارسين جو اهو به عقيدو آهي ته ڪتي کي اها خبر پوي ٿي ته آيا ماڻهو واقعي مري چڪو آهي يا نه. اهو تمام ضروري آهي جو جو لاش کي وچ مينار ۾ آڻڻ بعد وري موتائي نٿو سگهجي. پوءِ پلي اتي پهچي خبر پئي ته اهو جيئرو آهي.

بمبئيءَ ۾ اهڙن ڪيترن ئي لاشن جون کهاڙيون آهن، جن کي جنهن وقت ڳجهن حوالي ڪيو ويوته اهي جيئرا ٿي پيا. پر پوءِ کين واپس موڙڻ بدران، لاش ڏوئيندڙ شڪارين خنجر هڻي پورو ڪري ڇڏيو. جو جو هڪ دفعو مينار جو اندريون حصو ڏسڻ بعد ڪو به ٻاهر جي دنيا سان تعلق

books.sindhsalamat.com

نٿو رکي سگهي.

ڪتي جي سونگهي وڃڻ بعد، لاش کي اڳتي ڪٽي وڃڻ لاءِ، ان کي هڪ لوهي ڪٺ تي ليٽايو وڃي ٿو ۽ مئل پارسي ان بعد پنهنجي عزيزن دوستن کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويندو آهي. ويندي ويجهن عزيزن کي به اڳتي وڃ مينار ڏي وڃڻ جي موڪل نه هوندي آهي. مڙدي کي ڪٺ سوڌو ڪٽي وڃڻ لاءِ ٻيا شڪاري ايندا آهن، جن جو سڃي عمر اهو ڪم هوندو آهي. اهي رهن به ان مينار جي آس پاس ۾. سندن مري وڃڻ بعد، اهو ڪم سندن اولاد ڪري. اهي ماڻهو نيچ درجي جا سمجهيا ويندا آهن. اهي نه مندر ۾ اچن ۽ نه ڪنهن پارسيءَ جي شادي مراديءَ ۾ حاضر ٿين.

مينار جي اندر، ڳجهن حوالي لاش ڪرڻ لاءِ، چوتيءَ تي تي گول تلها هڪ ٻئي اندر ٺهيل آهن. مٿانهون ۽ ٻاهريون گهيرو مرد ماڻهن جي لاشن لاءِ آهي. ٿورو هيٺاهون ۽ وچ وارو گهيرو عورتن لاءِ، ۽ بنهه وچ وارو ۽ آخري ڏاڪي وارو، ٻارن لاءِ. اهي ڏاڪا گهٽ اونها نه آهن. چو جو ڳجهه هڪ ڳرو پکي آهي. لاش کائڻ بعد ويتر ڳرو ٿيو پوي ۽ هن کي اڏام لاءِ سنوت وارو پٽ هجڻ ضروري آهي. جيئن هوائي جهاز وانگر ٽيڪآف ڪري سگهي. گهٽ اونهو کوهه ناهڻ تي هن کي ٻاهر نڪرڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي.

لاش هنن تلهن تي پهچائي، شڪاري به پري تي ويندا آهن. پوءِ لاش کي چيرڻ ڦاڙڻ لاءِ فقط ڳجهون هوندیون آهن، پارسين وٽ مرڻي جون رسمون ۽ روڄ راڙو چار ڏينهن هلندو آهي. چوٿين ڏينهن مئل جو دلپسند کاڌو ناهي غربين ۾ ورهايو ويندو آهي. تيسين انهن چئن ڏينهن اندر لاش جو ذرو ذرو کاڄي ويندو آهي. لاش جي چوڌاري ويڙهيل ڪپڙو، ڳجهون پنهنجين طاقتور چنهنبن سان ڦاڙي، لاش جون پهريناکيون ڪيندیون آهن. ان بعد لاش سان جيڪو حشر ٿيندو آهي اهو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

ڳجهون جڏهن پنهنجو ڪم پورو ڪري ويندیون آهن ته ان بعد بچيل هڏا وغيره، اس ۾ ڏينهن ۾ سڪائي پوءِ وچ ۾ ٺهيل کوهه ۾ اڇليا

www.sindhsalamat.com

ويندا آهن. ان وچئين کوهه نما کڏ ۾، وقت به وقت ڇُڻ ۽ گندرف وڏو وڃي ٿو جيئن انسان جا بچيل وڪا، چيچڙا ۽ آندا، گجيون سڙي ڪپي وڃن ۽ چوڌاري گهٽ کان گهٽ ڏپ رهي. سانوٽيءَ جي ڏينهن ۾، جيڪا بمبئي ۾، جون کان سيپٽمبر تائين هلي ٿي، مينهن جو پاڻي ان سڄي بچيل مال کي پاڻ سان ڪٽي گٽرن ۽ زمين دوز پاڻيءَ جي تهن تائين پهچايو وڃي.

پارسي، جيڪي امن پسند چيا وڃن ٿا، پنهنجن وڏن جي لاش سان هن قسم جو وحشي برتاءُ ڇو ٿا ڪن؟ هڪ سوال.

اسان سان هوائي جهاز ۾ سفر ڪندڙ پارسيءَ موجب:

"ڳالهه ساڳي آهي. هر صورت ۾ لاش جيت جڙن، جانورن پکين ۽ مڇين جو کاڄ ٿئي ٿو. زمين ۾ دفن ڪرڻ سان هن کي ڪينئان کائين ٿا، سمنڊ ۾ اڇلڻ سان مڇيون. انهن کان وري به پکين جو کاڄ ٿيڻ بهتر آهي. ڪينئان ته لاش کي ختم ڪرڻ ۾ مهينا لڳائين ٿا، پر ڳڇهون بن ٽن ڪلاڪن ۾ پورو ڪريو ڇڏين."

ڪراچيءَ جي هڪ پارسي ٻائي ان جو جواب هن ريت ڏنو: "پارسي ماڻهن کي هن ڌرتيءَ سان پيار آهي. هو لاش کي ان ۾ دفن ڪري ڌرتيءَ کي خراب ڪرڻ نٿا چاهين ۽ نه وري لاش کي ساڙي ان ڌرتيءَ جي هوا (Atmosphere) خراب ڪرڻ گهرن ٿا ۽ نه سمنڊ يا درياهه ۾ لاش کي اڇلي پاڻي خراب ڪرڻ گهرن ٿا."

پارسين جو اهو يقين آهي ته ڳڇهن کي قدرت ان ڪم لاءِ مقرر ڪيو آهي. ٻين لفظن ۾ هو "آسماني پنگياٽيون" آهن جن جو ڪم آهي ڌرتيءَ تي انسانن ۽ جانورن جي لاش جي صفائي ڪرڻ. ساڳي وقت انهن بکايل پکين حوالي لاش ڪرڻ، هڪ خير جو ڪم آهي. جيڪو ثواب مري ويل، آخري وقت تي ڪمائي ٿو.

پارسي پنهنجي پيغمبر Zoroaster جي نصيحتن تي عمل ڪن ٿا. هو جڏهن ايران کان هندستان جي اولهه ڪناري ڏي، نندڙين ٻيڙين ۾

books.sindhsalamat.com

آيا ته پاڻ سان پنهنجي پاڪ باهه به ڪٽي آيا ۽ ان کي برندو رکندا اچن. هنن جو ان ڳالهه ۾ اعتماد هو، ۽ اڄ به آهي ته باهه سچائي، پاڪائي ۽ عقلمنديءَ جي علامت آهي. اها خراب خيالن ۽ خواهشن کي هضم ڪريو ڇڏي.

پارسين جا ٻار ستن سالن جي ڄمار تي پهچڻ بعد پارسي مذهب ۾ داخل ٿين ٿا. جنهن لاءِ هنن کي هڪ خاص فنڪشن ۾ ٻائي پنيان ڪجهه منتر پڙهڻا پوندا آهن. ان بعد ڊگيءَ جي پيشاب جو ڊُڪ پيئڻو پوندو آهي جنهن کي هڪ قسم جو Purifier صاف / پاڪ ڪندڙ سمجيو وڃي ٿو. پاڪستان ۾ رهندڙ پارسي اها رسم ادا نه ٿا ڪن- يا گهٽ ۾ گهٽ هوان کان انڪار ڪن ٿا.

پارسي هڪ ختم ٿيندڙ قوم آهي جنهن جو لک کن هندستان ۾ رهي ٿو ۽ اڌ لک کن ٻين ملڪن ۾. ۽ ان اڌ لک جو به اڌ ايران جي شهر يزد (Yazd) ۾. باقي بچيل اڌ پاڪستان، اوپر آفريڪا، يورپ ۽ آمريڪا ۾ آهي.

سندن تعداد ۾، هر سال پنج ڇهه هزار ماڻهن جي کوٽ اچي ٿي. ڇو ته هي اهو ڏرم آهي جنهن ۾ ڪو ڏاريون اچي نٿو سگهي. پارسيءَ جو اولاد ئي پارسي ٿي سگهي ٿو. اڄڪلهه جا ڪيترا پارسي نوجوان يورپ ۽ آمريڪا ۾ رهي، پنهنجي مذهب کي وساري وينا آهن. هو لامذهب يا عيسائي (ڪرسچن) ٿيڻ کي فئشن سمجهن ٿا. ان کان علاوه ڪو پارسي ڇوڪرو ٻاهران شادي ڪري ٿو ته هو پارسي رهي ٿو پر پارسي ڇوڪريِ ڏارئين سان شادي ڪرڻ سان پنهنجي ۽ پنهنجن ٻارن ۽ مڙس جي ميمبرشپ وڃايو ڇڏي.

انديا ۾ (۽ پاڪستان ۾ پڻ) پارسي واپار ۽ پئسي ڏوکڙ ۾ هڪ وڏي طاقت رکن ٿا. هو پنهنجن کي ئي ورسائين، همٿائين، خير خيرات ڏين ۽ ٻي جي مدد ڪن ٿا. نتيجي ۾ غريب کان غريب پارسي به عام مڇي ماني واري کان خوشحال نظر اچي ٿو. پارسين جا پنهنجي قوم لاءِ ٺهيل مسافر

www.sindhsalamat.com

خانا، اسپتالون، غريب گهر، اسڪالرون ۽ خيرات جا ڪم عام جام ٻڌڻ ۾ ايندا. ڪجهه پارسين جو اهو به خيال آهي ته خير خيراتن غريب پارسين کي هٿي سست ۽ ڪاهل بٽائي ڇڏيو آهي. ڪيترائي ترقي پسند پارسي لاش جي ان بي حرمتي- يعني "ماٺ جي مينار" کي پڻ ختم ڪرڻ چاهين ٿا، پر پارسي ڏرم جا ٻاوا ان کي مذهب سان لازم ملزوم سمجهن ٿا. هو لاش کي ختم ڪرڻ جو اهو تيز ترين طريقو سمجهن ٿا. ان کان علاوه ان کي جمهوري نمونو پڻ سمجهن ٿا. جنهن ۾ امير توڙي غريب کي، ڳجهن جي ڪاڇ لاءِ، هڪ ئي ٽلهي تي رکيو وڃي ٿو. ڳجهون صحيح معنيٰ ۾ Levelers آهن جيڪي سيني کي ائين سڌو ڪريو ڇڏين جيئن ڳرو رولر ڪڙ ڪٻڙ واري رستي کي.

بهرحال ماٺ جي مينار جي وحشانيت ۽ خوف پنهنجي جاءِ تي، پر هن مرڻي جي رسم جا ڪجهه مسئلا پڻ آهن. مالابار هِل (ٽڪري) واري مينار کي ڇڏي، بمبئيءَ جي ٻين مينارن جو گهير ايترو ته سوڙهو آهي جو ڳجهن کي واپس اڏامڻ ۾ سخت ڏکيائي ٿئي ٿي. جيڪي اڏامڻ وقت، جيئن مٿي لکي آيو آهيان ته هيليڪاپٽر وانگر نه پر هوائي جهاز وانگر سڌو ڊوڙي ۽ پوءِ مٿي چڙهن ٿيون. نتيجي ۾ تمام گهٽ ڳجهون انهن مينارن (ٽاورن) تي لهن ٿيون ۽ لاش مان ڏينهن جا ڏينهن بدبوءِ نڪرندي رهي ٿي.

۽ هيڏانهن ڪراچيءَ جو شهر ۽ ان جي ترئفڪ ايڏي وڏي ويئي آهي جو ڊفينس مارڪيٽ وارو "ماٺ جو مينار" وچ شهر ۾ ٿي پيو آهي. گوڙ گهمسان ڪري ڪيتريون ئي ڳجهون هيٺ لهڻ جي همت ئي نٿيون ڪن ۽ هوائي حادثن بعد، هوائي ڪمپنين ڪراچيءَ جي آس پاس جون ڪيتريون ئي ڳجهون مارائي ڇڏيون آهن. جنهن جي ڪري پڻ، ڳجهن جي سخت ڪوٽ ٽي پيئي آهي ۽ لاش کي ڪائڻ لاءِ فقط ڪانگ ڪٻرون ئي اچن ٿيون جيڪي اهو ڪم ان اڇتائيءَ سان نٿيون ڪري سگهن- جنهن سان ڳجهون ڪن ٿيون.

ملائيشيا مان نڪرندڙ پنجابي اخبار

ملائيشيا ۾ ٽي اهم قومون رهن ٿيون. ملئي جيڪي هتي جا اصل باشندا آهن ۽ پنجاهه سيڪڙو ڪن ٿيندا. ٻئي نمبر تي چالیهه سيڪڙو آدمشماري چينين جي آهي. ٽئين نمبر تي ننڍي ڪنڌ جا ماڻهو آهن جيڪي اندين سڏجن ٿا ۽ باقي بچيل نوڍهه سيڪڙو ۾ اچن ٿا. ان "اندين" ڪميونٽي ۾ منو حصو ته تامل ڳالهائيندڙ ڏکڻ هندستانين جو آهي. باقي چوٽي حصي ۾ هندستان جون ٻيون قومون آهن جهڙوڪ: گجراتي، پنجابي، سنڌي، بنگالي، گورکا ۽ پناڻ وغيره.

ملائيشيا ۾ رهندڙ هنن اندين جو وڏو حصو انگريزن جي ڏينهن ۾ آيو جڏهن هي ملڪ برٽش ملايا سڏبو هو. هتي جي رهڙ جي پوڪ ۽ جهنگلن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تامل، فوج ۽ پوليس لاءِ پناڻ، سک ۽ پنجابي مسلمان، واپار لاءِ گجراتي ۽ سنڌي هندن کي انگريز سرڪار آندو.

هن وقت ملائيشيا ۾ ملئي اسڪولن کان سواءِ چيني ۽ تامل اسڪول پڻ آهن ۽ انهن زبانن جون اخبارون به نڪرن ٿيون. منهنجو هن پاسي پهريون دفعو 1970ع جي لڳ ڀڳ اچڻ ٿيو. ان وقت ڪنهن گائيڊ بڪ ۾ ملايئشيا جي اخبارن بابت انگ اکر پڙهيا هيم ته ملائيشيا مان انگريزي، ملئي، چيني ۽ تامل اخبارون نڪرن ٿيون. ايستائين ته ٺيڪ آهي پر اهو پڙهي تعجب لڳو ته ملائيشيا مان پنجابي اخبارون به نڪرن ٿيون ۽ ڪيترن ڪان اهو به معلوم ٿيو ته پنجابي اسڪول پڻ آهن. جيڪي هتي جي سک ڪميونٽي، پنهنجي خرچ تي هلائي ٿي.

هينئر ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ سک ڪان پنجابي اخبارن ۽ اسڪولن جو پڇيم.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

"پنجابيءَ ۾ ايا به هڪ اخبار "ملايا سماچار" ڪوالالمپور مان نڪري ٿي، باقي پنجابي اسڪول ملائيشيا جي هر وڏي شهر ۾ آهن. هڪ پنجابي اسڪول ته "ملايا سماچار" جي آفيس جي پرسان ئي آهي." هن ٻڌايو.

ان اخبار جي چاهتر سال پوڙهي ايڊيٽر مسٽر ترلوچن سنگهه سان مون ملڻ چاهيو ٿي جنهن جي ادارت ۾ اها اخبار 1961ع کان وٺي اڄ تائين هفتي ۾ ٽي ڏينهن _ اڱارو، خميس ۽ چنچر_ باقاعدگيءَ سان شايع ٿيندي اچي، پر هاڻ آخري پساهن ۾ آهي.

پنجابي اخبار " ملايا سماچار" جي آفيس ڪوالالمپور جي مشهور (يا اڄ ڪلهه جي بدنام) علائقي چوڪٽ (Chow-Kit) ۾ آهي. اها هڪ چاهٺ سال پراڻي گردواري جي احاطي ۾ آهي جنهن جي پر ۾ هتي جو وڏو پنجابي اسڪول پڻ آهي. آئون صبح جو نائين بجي ڏاري پهتس. اخبار جو ايڊيٽر ترلوچن سنگهه اڃا نه پهتو هو. اخبار ۾ ڪم ڪندڙ باقي عملي جي ماڻهن ٻڌايو ته هن جو گهر ڪافي پري ڪلانگ ۾ آهي ۽ هو ديرسان سهي پر اڄي روز ٿو ۽ شام جو ڇهين وڳي تائين ڪم ۾ مشغول رهي ٿو.

تيسين آئون پر ۾ ٽهيل اسڪول ۾ ويس جتي چوڪرين کي پنجابي پڙهائي وڃي ٿي. سڄي اسڪول ۾ اٽڪل سئو ڪن ٻار ٿيندا جن کي پڙهائڻ لاءِ پنج ڇهه ماسٽرياڻيون آهن. اسڪول جي هيڊ ماسٽر ۽ سپروائيزر مسٽر مهندر سنگهه سرور سان ملاقات ٿي جيڪو هن اسڪول ۾ لڳاتار ٽيويهه سال نوڪري ڪرڻ بعد هڪ ڏينهن اڳ رٽائرڊ ٿيو هو. ان ڏينهن "خالصا ايڊيوڪيشنل سوسائٽي" طرفان سندس الوداعي پارٽي هئي. هن منهنجو وڏيءَ دل سان آدر پاءُ ڪيو ۽ اسڪول بابت ٻڌايو ته هو محدود فنڊن ۽ چندي مان هي اسڪول هلائي رهيا آهن.

پنجابي زبان کي پنهنجي لکڻي نه هجڻ ڪري اها اڙدو ۽ گرمکي رسم الخط ۾ لکي وڃي ٿي. مسلمانن -خاص ڪري پاڪستان جا ۽ ڪجهه هندو اڙدوءَ ۾ لکن ۽ سک گرمکيءَ ۾- جنهن جي الف ب ڪجهه ڪجهه

هندي ۽ بنگاليءَ سان ملي ٿي. سکن جو پاڪ ڪتاب: سري گروگرنٿ صاحب به گرمکي لکت ۾ آهي.

"هونئن اڄڪلهه جي دور ۾ انگريزي زبان عام ٿي ويئي آهي ۽ هنن پنجابي اسڪولن ۾ گهٽا ٻار داخلا نٿا وٺن." مهندر سنگهه ٻڌايو. " پر ڪيترائي سک چاهين ٿا ته سندن زالون پنجابي پڙهڻ سکن جيئن گهر ۾ گروگرنٿ صاحب جو پاڻ به دور کن ۽ کين به پڙهي ٻڌائين. ان ڪري ڪيترن پنجابي اسڪولن ۾ فقط چوڪريونئي داخلا وٺن ٿيون."

اسڪول مان نڪرڻ وقت پري کان ڏٺم ته هڪ جهور پوڙهو جنهن جي هٿ ۾ بافتي جي ڳوٿري هئي گورڪواري جو در ٽپي اندر اچي رهيو هو. مون کي پڪ ٿي ته اهو ضرور اخبار جو ايڊيٽر هوندو. پنهنجي آفيس ۾ گهڙڻ بعد ڏهه پندرهن منٽ رکي پوءِ آئون اندر ويس. جيئن هو ڪجهه دير فرحت وٺي سگهي. جيتوڻيڪ ان وقت اڃا ڏهه ڪن مس ٿيا هئا پر ان ڏينهن صبح کان ئي سخت گرمي ۽ گهم هئي ۽ لڳو ٿي ته ڪي منجهند جا به ادائي ٿي ويا هجن.

آفيس ۾، منهنجي گهڙڻ کان اڳ، پريس ۾ ڪم ڪندڙ مختيار سنگهه ۽ منجيت ڪور چوڪريءَ مون بابت ترلوچن سنگهه کي ٻڌائي ورتو هو جو آئون جيئن ئي گهڙيس ته هن هٿ جي اشاري سان ڪيڪاري ويهڻ جو اشارو ڪيو. اُس ۾ هلي اچڻ ڪري هن جو اڃا ساهه سامت ۾ نه آيو هو ۽ ڪا گهڙي پونڙي سان منهن، ڪياڙي ۽ ٻانهن تان پگهر اگهندو رهيو. چاهتر ستهتر اها ڄمار آهي جنهن ۾ هر انسان کي آرام ڪرڻ ڪپي. ان عمر ۾ ڪنهن جي دل ڪم ڪرڻ چاهيندي؟ پر هن تاج صحرائي ۽ علي احمد بروهي صاحب جهڙي همٿ پري انسان کي شابس هجي جو بنا ڪنهن پگهار ۽ لالچ جي گهرون وڙئون ڏيئي اخبار هلائيندو اچي. هو هن عمر ۽ ههڙي گرمي (يا هتي جي مينهن جهڙ) ۾ روزانو گهر کان بس ۾ سفر ڪري چوڪٽ جي پيهه پيهان واري بس اسٽاپ تي اچي ٿو. جتان پيرين پنڌ آفيس پهچي ٿو. هن

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پنهنجي سادي ڳوٺڑيءَ مان منجهند لاءِ آندل، پني ۾ ويڙهيل مانيءَ جو لفافو، دائري، پنا پينسلون ڪيڊي پاسي کان ميز تي رکيون، ۽ پوءِ پنجابي گاڏڙ اڙدو ۽ انگريزيءَ ۾ منهنجو حال احوال ورتو ۽ منهنجي پڇيل سوالن جا جواب ڏنا.

"هن وقت ملائيشيا ۾ ستر هزار سک رهن ٿا، پر پنجابي پڙهڻ وارن جو تعداد ڏينهون ڏينهن گهٽبو وڃي. ان ڪري اسان جي اخبار جيڪا اڄ کان اناويهه سال اڳ ڪوالالمپور جي هنن رستن تي گرم پڪوڙن وانگر وڪامندي هئي تنهن جو ڳاڻيتو هڪ هزار کن وڃي ٿيو آهي."

ويندي ترلوچن جا ۽ ٻار جيڪي گهر ۾ پنجابي ڳالهين ٿا، پر لکي پڙهي نٿا سگهن، ۽ نه وري انهن کي اخبار نويسيءَ سان شوق آهي جو کٽي پوڙهي پيءُ جي مدد ڪن. اشتهار به گهٽ ملن ٿا. سرڪار جي به مدد ناهي ۽ نه ڪو سڪيو ستابو ان ڪم کي پنهنجي مٿي تي کڻڻ لاءِ تيار آهي. ترلوچن هن اخبار کي اولاد وانگر پاليو آهي پر هاڻي لڳي ٿو ته اها تواريخ جي ورقن ۾ دفن ٿي ويندي.

" آئون ان عمر ۾ آهيان جنهن ۾ جيڪو ڏينهن گذري ٿو غنيمت آهي. اڄ نه سياڻ هن جهان مان هليو ويندس ته پنيان اخبار جو چا ٿيندو ان بابت ڪجهه چئي نٿو سگان. آئون رب جي هٿن ۾ ان کي ڇڏي ويندس. ضرور ڪو نه ڪو مانجهي مڙس نڪري پوندو جيڪو هن ٻڌندڙ ٻيڙيءَ کي پار لڳائڻ جي ڪندو." ترلوچن چيو.

سردار ترلوچن سنگهه جو اخبار نويسيءَ سان واسطو هن اخبار ملايا سماچار کان ۽ گهڻو اڳ جو آهي. پاڻ برٽش ملايا جي دور ۾ 1936ع کان، تڏهن جي مشهور اخبار "پرديسي خالصا سيوڪ" جو اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿي ڪم شروع ڪيو ۽ رٽائر ٿيڻ تائين، مختلف دورن ۾ نيوز ايڊيٽر، مئنيجنگ ايڊيٽر ۽ سرڪيوليشن مئنيجر ٿي رهيو. بعد ۾ "پرديسي خالصا سيوڪ" اخبار انگريزن جي ئي دور ۾ ضبط ٿي ويئي هئي. ان بعد هن پنهنجي "ملايا سماچار" اخبار شروع ڪئي، جيڪا اڄ تائين هلندي اچي.

books.sindhsalamat.com

"منهنجا پار، جيسين پنجابي لکڻيءَ جو سوال آهي، ته هو اٽڪل آهن. افسوس جو آئون پنهنجي پٽ کي الف ب سکڻ لاءِ به شوق ڏياري نه سگهيس." هن ٻڌايو.

هونءَ اڃڪلهه جا سک "پنجابي اخبار" بدران انگريزيءَ جي اخبار وڌيڪ شوق سان پڙهن ٿا جو ان ۾ سڄي ملڪ ۽ دنيا جون وڌيڪ خبرون آهن ۽ هن قسم جي پنجابي اخبار کين اهو مزو نٿي ڏئي جيڪو سندن پيءُ يا ڏاڏي کي اڄ کان چوٽو صدي اڳ ڏنو ٿي. انهن ڏينهن ۾ نه هيون ٽي ويون، نه اڄ وانگر عام جام ريڊيا. چا پيو وهي واپري - خاص ڪري سندن اباڻي وطن امرتسر، لاهور، چنديگڙهه ۾ - ان جو تفصيلي احوال ههڙيون اخبارون مهيا ڪنديون هيون. پر اڄ جي نئين ٽهي جيڪا جائي ئي هتي ملائيشيا ۾، ان کي ڏاڏاڻي ڏيهه جي ايڏي ٻاڙ نه آهي.

"تڏهن به توهان کي شابس هجي جو هيڏي وڏي عرصي تائين پنجابي جرنلزم جي شمع روشن رکندا اچو". مون چيومانس.

"ڪسي نه ڪسي کو تو زبان زنده رکَني کا بوجھ انانا پڑي گا."

Otherwise, the Language will die and I am not going to let that happen to my people.

هن سمجهايو.

ملائيشيا جي تواريخ ۾ سردار ترلوچن سنگهه جي "ملايا سماچار" اخبار سڀ ۾ گهڻو وقت هلي آهي. هن ملڪ، ملائيشيا ۾، پنجابيءَ جون ٻيون به ڪيتريون ئي اخبارون نڪتيون. ڪي ته صديءَ جي بلڪل شروعات ۾ - 1913ع ڌاري، پر هرهڪ اخبار ٿورو گهڻو وقت هلي مالي مشڪلاتن يا انگريز سرڪار جي پابندين جي ڪري بند ٿي ويئي.

علي نواز وفائيءَ جي "آزاد" اخبار وانگر هيءَ اخبار به نه ڪنهن نيوز ايجنسيءَ جي ميمبر آهي ۽ نه وري ڪي خبرون موڪلڻ وارا نمائندا اٽس. مڙيئي هتان هُتان جي اخبارن رسالن جي خبرن جو تت ڏنو وڃي ٿو. هن اخبار

www.sindhsalamat.com

۾ هر قسم جا اشتهار به قبول نٿا کيا وڃن- خاص ڪري شراب، سگريٽ ۽ ڏاڙهي ڪوڙڻ جي بليڊن جا، جيڪي شيون سڪ ڏرم ۾ منع ٿيل آهن. هونءَ قيمت جي لحاظ کان ٽيهه سينٽن ۾ هيءَ اخبار سڄي ملائيشيا ۾ سستي سمجهي وڃي ٿي.

"اسان هتي هي ڪاروبار پئسي ڪمائڻ لاءِ نه ڪري رهيا آهيون. اسان جي اخبار ڪٽي گهٽ چپجي ٿي ۽ پئسي جو فائدو نٿي ڏئي، پر اسان جي پنجابي ڪميونٽيءَ لاءِ اها ئي ڳالهائيندڙ آهي جنهن ذريعي اسان کي هڪ ٻئي جي خبر چار پوي ٿي." مسٽر ترلوچن سنگهه چيو.

هن جي چوڻ مطابق هيءَ اخبار پنجابي زبان کي زندهه رکي ٿي ۽ ان ريت سڪ ڏرم جي سلامتي رهي ٿي- چوجو سڪن جا سمورا مذهبي ڪتابي گرمکي رسم الخط ۾ آهن.

ڏهن ننڍن صفحن جي "ملايا سماچار" اخبار ۾ چوندي چوندي اهي خبرون ڏنيون وڃن ٿيون جن ۾ سڪن جي دلچسپي هجي. ڪڏهن ڪڏهن قومي خبرون پڙهندڙن جا موڪليل خط، شعر ۽ کهاڻيون پڻ ڏنيون وڃن ٿيون. پوڙهن سڪن جي موت جون خبرون خاص سرخين سان هوندیون آهن جيڪي انگريزن جي ڏينهن ۾ فوج يا پوليس ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ پنجاب کان ملايا گهرايا ويا هئا. ان کان علاوه ڪنهن جي مرڻي پرڻي جو احوال يا ان جي مانيءَ جي نيندِ جو احوال ۽ اطلاع پڻ هن اخبار ۾ هوندو آهي.

اشتهارن مان جيڪا آمدني ٿئي ٿي اها تمام گهٽ آهي. سڄي صفحي جو اشتهار جو اڳهه هڪ سئو ملئي ڊالر (ساڍا ست سئو رپيا ڪن آهي. اڄ ڪلهه ملائيشيا جو ڊالر (رنگٽ) ساڍي ستين روپئي آهي.) اشتهار گهڙو ڪري ملائيشيا ۾ رهندڙ سڪن جي ڪاروبار يا ڪمپنين جا آهن. جهڙوڪ ٽريول ايجنسين، وڊيو ايجنٽن، سيڊي جي دڪانن ۽ ڪپڙي جي واپارين جا. ڪڏهن ڪڏهن آسٽريليا جي Queensland Butter Board جي گيهه جو اشتهار پڻ هوندو آهي يا روسي هوائي ڪمپني Aeroflot جو.

books.sindhsalamat.com

هيءَ اخبار ملائيشيا کان علاوه انگلينڊ، آسٽريليا ۽ انڊيا ۾ به پڙهي وڃي ٿي.

اهو ضرور آهي ته جنهن کي به هن اخبار جو چسڪو لڳي ٿو اهو باقاعدگيءَ سان پڙهي ٿو. منهنجو هڪ سڪ شاگرد جيڪو جهازن جو ڪئپٽن آهي ۽ ويجهڙائيءَ ۾ هتان لڏي آسٽريليا ۾ وڃي رهيو آهي تنهن ڪري ڏاڙيو ته هو اتي به اها اخبار شوق سان پڙهندو آهي.


"ان جي پڙهڻ مان توکي ڪهڙو مزو ۽ معلومات ملي ٿي؟" مون پڇيو هئومانس.

"مون کي ڄنيان ڇڏي آيل پنهنجي سڄي ڪميونٽيءَ جي خبر چار پوي ٿي ته ڪوالالمپور يا ملائيشيا جي ٻين شهرن ۾ اسان سڪن جا ڪهڙا جلسا جلوس، شاديون غميون ٿيندیون رهن ٿيون- جن جو آئون پڻ هڪ حصو هوس ۽ آهيان."

www.sindhsalamat.com



ملائشيا ۾ ڏُور اوپر جي ٻين ملڪن ۾ نانگن جو سُوپ ۽ انهن جو تريل گوشت هوٽلن ۾ به ملي ٿو .



Jumbos kill man and injure two

JAKARTA, Mon. — A man was trampled to death and two others were seriously injured by a heard of four wild elephants that went rampaging at a remote village in the northern Lampung regency of Sumatra, *Antara* news agency reported today.

Villagers were unable to remove the body of the dead man as the elephants remained around him. The other two victims were carried to safety on Saturday night.

Reports said that 14 elephants were seen ransacking the villages in that region in search of food last week. — Bernama

DEATH

KARTAR KAUR D/O SANTA SINGH

w/o Late Jermeja Singh 'Karon, Police Pensioner Sgt. 1014 peacefully passed away on 4/9/87. Cremation at 12 noon on 5/9/87 at PJ crematorium. Cortege leaves at 11 a.m. from No. 1, Jalan 5, Taman Dato Harun, 12 km, Jalan Kelang Lama, PJS.

Rogue elephant shot dead

KUALA TERENGGANU, Thurs. — An elephant which had killed a rubber tapper and terrorised five kampongs in Hulu Terengganu for the past month was shot dead last night.

Terengganu Perhilitan elephant unit head Abidin Sulaiman said the elephant was shot by Wildlife and National Parks Department rangers in Kampung Getang about 8pm after they had tracked it for more than two weeks.

The elephant killed a rubber tapper at Kampung Nasi Dingin, Hulu Terengganu, on June 17.

The tapper, Wan Umar Ibrahim, 21, from Pattani, Southern Thailand, sustained a deep wound in his chest. His friend, however, escaped unhurt.

The elephant had since terrorised about 10,000 villagers from Kampung Getang, Chepoh, Mesah, Nibong and Nasi Dingin.

It also destroyed more than $100,000 worth of oil palm and banana, affecting the livelihood of villagers.

ملائيشيا جي هر شهر ۾ ڪيترائي سِڪَ رهن ٿا جيڪي پنهنجي برادري کي مرڻي پرڻي جون خبرون اخبارن ذريعي ڏين ٿا .


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com



بنگلادیش جي "شاپوريا" قبيلي جون سھڻيون چوڪريون نانگ کڻي هلن .




چينين جو ڪُوئي جو سال ايڏو اهم نڏو سمجهيو وڃي .



ملائشيا جي ڊاڪٽي رياست "جوهور" ۽ "سنگاپور" جو نقشو .

www.sindhsalamat.com


books.sindhsalamat.com



ٿائلنڊ ۽ سنگاپور جي وچ ۾ ملائيشيا. هڪ نقشو.



ليکڪ، ملائيشيا مان نڪرندڙ پنجابي اخبار
جي ايڊيٽر ترلوچن سنگھ سان.



ڪُڪڑين جي ريسرچ انسٽيٽيوٽ ۾
عورتن ۽ مردن جي ٽوائليٽ جي ٻاهران لڳل نشان .

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پاکستان جو هيرو ملائيشيا جي هيروئن

ايشيا ۾ نندي کنڊ (بنگلاديش، پاکستان ۽ هندوستان) ۾ ٻين بہ کيترن ئي ملکن تي انگريزن جو راج رهيو. جهڙوڪ: هانگ کانگ، سنگاپور، برما، برونائي، سلون، ملائيشيا وغيره. ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ جهن جپانين انگريزن جي انهن ٻيٽکن تي حملو ڪيو تہ اسان جي کنڊ جا ماڻهو- گورکا، سک، پنجابي، پٺاڻ- جيڪي انگريز فوج ۾ هئا- هانگ کانگ، برما، سنگاپور ۽ ملائيشيا کي بچائڻ لاءِ جپانين سان وڙهيا. جنگ دوران کيترائي مارجي ويا، کيترا قٽجي پيا.

هوڏانهن يورپ پاسي جرمني ۽ هيڏانهن جپان، انگريزن جي قبضي ۾ آيل ملڪ هڪٻئي پٽيان حاصل ڪندا ويا. پر پوءِ انگريزن کي وري سندن ٻيٽکون ملي ويون. پوءِ انگريزن سگهو ئي هندستان کي آزاد ڪيو ۽ پاکستان جنم ورتو. ان بعد سنگاپور ۽ ملائيشيا کي بہ آزادي ملي. انگريزن جي فوج، پوليس ۽ ٻين ڪاتن ۾ اسان جي طرف جا ڪم ڪندڙ ماڻهو موٽي پنهنجي آزاد ملکن: هندستان، پاکستان ۾ آيا. پر ڪيترائي پنهنجن اباڻن ڳوٺن ۾ اڇڻ بدران هتي ملائيشيا ۾ ئي ترسي پيا. هڪ تہ تن ڏينهن ۾ سفر ڪرڻ ڪو سولو ڪم نہ هو جهڙو اڄ آهي. ٻيو تہ نندپڻ کان فوج ۾ رهڻ ڪري هنن لاءِ جهڙو هي ملڪ تهڙو اباڻو ديس. کيترا پاکستاني ۽ هندستاني هتي ملائيشيا ۾ ان ڪري بہ ترسي پيا جو وڏي جنگ، بيماري، ڏڪار ۽ هندستان جي ورهاڱي مهل ٽيل ڪوس، ظلم، لڏپلاڻ (جنهن ۾ پنجاب

books.sindhsalamat.com

صوبو هيڪاندو گهڻو اثر هيٺ اچي ويو) ۾ مائٽ مٽ دربدر ٿي ويا. نتيجي ۾ هاڻ هو ڪٽي ۽ ڪنهن وٽ موٽي وڃن. ان ڪري ڪيترائي پنجابيمسلمان توڙي سک، ۽ پٺاڻ هتي جي ملئي ۽ چيني عورتن سان شادي ڪري، هتي جي ئي ماحول ۾ رچي، بسي ويا. ڪي وري پنهنجي وطن وڃي شاديون ڪري ڪجهہ عرصو رهي، پوءِ هميشہ لاءِ ملائيشيا ۾ رهڻ لاءِ زالن، ٻارن ۽ ٻين مائٽن کي وٺي آيا.

سو اهڙيءَ طرح ملائيشيا جي ڪيترن ئي رياستن ۾ پاکستان جي پنجاب صوبي جا ماڻهو ملندا جن مان ڪيترا تہ اڄ بہ پنهنجي اصلوڪي ديس جوچڪر هڻندا رهن ٿا. ڪي وري هڪ دفعو بہ واپس ان وطن ۾ نہ ويا آهن جتي هو جاوا نپنا. هو هتي رهي هتي جي ملئي زبان کان علاوه پنهنجو پاڻ ۾ ايجا تائين پنجابي ڳالهائين ٿا- جيتوٽيڪ سندن اولاد ملئي مائرن جي ڪري پنجابي ايتري سٺي نٿو ڳالهائي، پر سمجهي چگيءَ طرح ٿو جنهن جو مڏر لهجو هنن کي ڏورانهين ڏرتيءَ جي ياد ڏياري ٿو. جنهن جو نالو پاکستان آهي ۽ جنهن جي سرسبز ۽ دريائن جي ديس واري صوبي پنجاب ۾ سندن پيءُ ڏاڏو ڄائو ۽ وڏو ٿيو ۽ پوءِ "انگريز بهادر" جي نوڪريءَ ۾ هجڻ ڪري ملايئشيا کان اچي نڪتو- جيڪو تن ڏينهن ۾ پنجاب جي مقابلي ۾ هر لحاظ کان پٺتي پيل هو- تهذيب ۾، ٽيڪنالوجي ۽ سائنس ۾، لوڪ ادب ۾، شعر و شاعريءَ ۾.

ملائيشيا ۾ رهندڙ نندي کنڊ جي ماڻهن ۾ هندستان جي تامل نادو ۽ ڪيرالا رياستن جا سپ کان گهٽا آهن جن جي مادري زبان تامل، ملیالم، ڪنهڙ ۽ تيلگو وغيره آهي. پر اهي سپ هڪ ٻئي سان تامل زبان ۾ ڳالهائين ۽ پرائمري ليول تائين ٻارن کي تامل اسڪولن ۾ موڪلين. ان بعد نندي کنڊ جا سک، پنجابي مسلمان، گجراتي، بنگالي، بهاري، سنڌي هندو ۽ پٺاڻ آهن. اهي هڪ ٻئي سان اڙدو (يا ڪٽي چئجي تہ هنديءَ) ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪن. ٻارن کي پرائمري ليول کان ئي ملئي ۽ انگريزي پڙهائين جو هتي

www.sindhsalamat.com

پرائمري تعليم جا اسڪول چيني، ملئي، انگريزي ۽ تامل ۾ آهن. تامل ۽ چيني اسڪولن جو ڪو خاص اسڪوپ نه رهيو آهي. اهي ٻئي ٻوليون ملئي ۽ انگريزيءَ کان ڏکيون پڙ آهن.

بهرحال ڳالهه انهن ماڻهن جي پئي ڪئيسين جيڪي انگريزن جي ڏينهن ۾ پاڪستان کان هتي نوڪري ۽ پورهئي خاطر آيا ۽ ان بعد واپسيءَ جي ڏکئي سفر ڪري، سُستيءَ ڪري يا هتي جي ڏرتي يا ان جي ڪنهن دوشيزه سان دل لڳائڻ ڪري ويهي رهيا- جنهن جي نگاهن جي تيرن سندن پيرن ۾ سنگهرون وجهي ڇڏيون ۽ هتي ئي قابو ٿي ويا.

اهڙي ڪنهن پاڪستاني فئملي جي ڪهاڻيءَ تي اسان جو يار انور اقبال فلم ناهڻ جي مود ۾ آهي. انور اقبال بلوچستان جو آهي. سنڌي، اڙدو، پنجابي ۽ بلوچي سڀ ڳالهائي ٿو. بنيادي تعليم ڪراچيءَ جي مئري ڪلاڪ اسڪول ۽ اسلاميا ڪاليج مان ورتي اٿس ۽ ڪراچي ٿي. وي جي سنڌي ۽ اڙدو ڊرامن مان ڪيس مشهوري حاصل ٿي ۽ هاڻ پاڪستان فلم انڊسٽريءَ جو ائڪٽر ۽ پروڊيوسر آهي. مون سان هارون رند ۽ محمود صديقي وارن ٽي وي اسٽيشن تي سندس جاڻ سجاڻ ڪرائي هئي، جڏهن هو اڃا ٽي وي جو آرٽسٽ هو.

تازو ٻه چار ڏينهن اڳ، هو ان سلسلي ۾ هتي ڪوالالمپور آيو هو. مون کي پڻ ڪوالالمپور کان اڏيري لعل جي اسرار شاهه فون تي اهو ٻڌايو ته هڪ پاڪستاني همراهه فلم ناهڻ جي سلسلي ۾ ملائيشيا آيو آهي.

ٻئي ڏينهن صبح ساڻ سندس تصوير هتي جي هڪ فلم ائڪٽريس لينا فيروز شاهه سان گڏ انگريزي اخبار ۾ ڏٺم. تصوير سان گڏ اها خبر هئي ته ملائيشيا جي ائڪٽريس لينا کي پاڪستاني پروڊيوسر انور اقبال، پاڪستان ۾ مستقل طور اداڪار ٿي ڪم ڪرڻ جي آڇ ڏني آهي.

جيسين انور اقبال وارن سان ملاقات ٿئي تيسين لينا جو فون نمبر هتي جي هڪ رڪارڊنگ ڪمپنيءَ کان ملي ويو جنهن ان سلسلي ۾ وڌيڪ

books.sindhsalamat.com

تبصرو ڪرڻ نه چاهيو. پر هوءَ خوش ضرور هئي ۽ تمام گهٽو ته هاڻ هوءَ ملائيشيا کان علاوه، هڪ ٻئي ملڪ- پاڪستان جي فلمن ۾ پڻ ڪم ڪندي ۽ جاڻ ته بين الاقوامي شهرت جي اداڪاره ٿي. لڳي ٿو ته ڪيس مون وانگر پاڪستاني فلم انڊسٽريءَ جي گهٽ جاڻ آهي. پاڪستاني فلمن جو چيو وڃي ٿو ته معيار ايترو ڪري پيو آهي جو خود پاڪستان جا ماڻهو وڏي پڙدي جون فلمون ڇڏي ٽي وي تان ڪرڪيٽ مئچون پيا ڏسن. ڪنهن زماني جا چوٽيءَ جا اداڪار ۽ اداڪارائون پڻ فلمون ڇڏي ڪراچيءَ جي سوڙهين گهٽين ۾ ٽيندڙ اسٽيج ڊرامن ۾ حصو وٺڻ لاءِ واجهائي رهيون آهن. پاڪستاني فلمون ته هاڻ سنجهورو، سانگهڙ، ڪپرو، ميهڙ جهڙن ڳوٺن ۾ به نٿيون هلن. پر جيڪا پر اميد ڳالهه آهي اها انور اقبال جي ذات آهي. هو محنتي، ذهين ۽ پئسي وارو آهي. چاهي ته هن قسم جي فلم کي هو نه فقط پاڪستان ۾ پر ٻين ملڪن ۾ پڻ هلائي پنهنجو ۽ ملڪ جي فلمي دنيا جو نالو مٿاهون ڪري سگهي ٿو. جنهن قسم جي ڪهاڻي سندس من ۾ آهي ان قسم جي فلم گهٽن ملڪن ۾ نه ته دبئي، دوحا، ملائيشيا، سنگاپور، بنگلاديش، سريلنڪا، انڊونيشيا، مالديپ ۽ فجي جهڙن ٻيٽن تي ضرور هلي سگهي ٿي، جتي ڪيترائي پاڪستاني ۽ ملئي ماڻهو رهن ٿا. آخر ته ان پئٽرن جون شميم آرا جون فلمون مس هانگ ڪانگ، پلي بواءِ وغيره ٻه ته ڪافي مارڪيٽ حاصل ڪري ويون هيون ۽ انور اقبال ته پڪ شميم آرا کان وڌيڪ اڄ جي فلمي مسئلن ۽ مارڪيٽنگ کان جاڻو آهي. پر شميم آرا اهي فلمون ناهڻ مهل اها عقلمندي ضرور ڪئي ته انهن جي هيروئن پاڻ نه ٿي. پر هن فلم ۾ انور اقبال پاڻ هيرو ٿيڻ چاهي ٿو... پلي ٿئي ... کو خاص اعتراض ناهي، بس فقط ٿورو ورزش ڪري ڪجهه جسم تان ماس هلکو ڪري وٺي ته سٺو. نه ته هتي جا ماڻهو اهوئي چوندا ته پاڪستان جا ائڪٽر به هندستان جي تامل فلمن جهڙا آهن. جيڪي ائڪٽر گهٽ ڏونڙو ڏڏ وڪڙ وارا ميهار وڌيڪ لڳن ٿا. يا وري سَيرن مندرن جا صحتمند ٻانهڙ.

www.sindhsalamat.com

انور اقبال سان گڏ پاکستاني ڊائريڪٽر محبوب علي ۽ کاٽي نويس جلال افغاني پڻ ملائيشيا آيو آهي. هو ڪنهن ملائيشين پئسي واري جي ڳولا ۾ آهن، جيڪو هن فلم جي خرچ پرڻ ۾ ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار سگهي- جنهن جي ستر سيڪڙو شوٽنگ هتي ملائيشيا ۾ ئي ڪرڻ جو سوچيو ويو آهي.

هن پاکستاني گروپ هتي جي مشهور ملئي کاٽي نويس ۽ فلمي نقاد حمزه حسين سان پڻ ملاقات ڪئي آهي ۽ ٻئي سال جي شروع ۾ ان فلم جو ڪم شروع ڪرڻ جي سلسلي ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آهي.

"ان فلم جي کاٽي مسٽر افغاني لڪندو جيڪا بن وڇڙيل خاندان جي وچ ۾ ڳانڍاپو جي هوندي- جن مان هڪ پاکستان ۾ ئي آهي ۽ ٻيو پاکستان ڇڏي ملائيشيا ۾ اچي رهيو آهي." حمزي ٻڌايو.

هن وڌيڪ چيو ته ان قسم جي کاٽي نه فقط حقيقت تي مبني هوندي پر ٻنهي ملڪن جي ماڻهن جي وچ ۾ وڌيڪ دوستي ۽ سجاڻپ پڻ ڪرائيندي.

انچڪ حمزي جي اها ڳالهه صحيح لڳي ٿي. ان جي اميد مون کي پڻ نظر اچي ٿي. اسان جا پاکستاني - خاص ڪري پنجاب ۽ سرحد جا مسلمان پنجابي ۽ پٺاڻ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ آهن. آفريڪا ۽ آمريڪا جي ملڪن کان وٺي يورپ جي ڏڻن ۽ برفاني ملڪن ۾. گلف ۽ عرب رياستن جي تپندڙ واريا سن ملڪن کان هندي ۽ پئسفڪ سمندن جي ٻيٽن تي. پر ملائيشيا اهڙو ملڪ آهي جتي پاکستانين جي سڀ کان گهٽي عزت ڪئي وڃي ٿي ۽ هن قسم جي فلمان مقصد ۾ ايڏا وڌيڪ اضافو آڻي سگهي ٿي.

ملائيشيا کان علاوه هن فلم جي شوٽنگ پاکستان، بنگلاديش ۽ سريلنڪا ۾ پڻ ڪئي ويندي ۽ ڪجهه آرٽسٽ انهن ملڪن جا به ڪنيا ويندا.

books.sindhsalamat.com

انور اقبال ٻڌايو ته ان قسم جي فلم راس ڪرڻ تي پنج لک آمريڪي ڊالر خرچ ايندو- يعني هڪ ڪروڙ رپين جي لڳ ڀڳ- جيڪو هالي ووڊ يا اڄ جي انڊين هندي فلمن جي مقابلي ۾ ڪجهه به ناهي، پر پاکستاني فلم تي ايترو ناٽو لڳائڻ مندي گهوڙي تي شرط لڳائڻ آهي. چو جو اڄڪلهه وي سي آر جي دنيا ۾ جڏهن هرڪو گهٽيءَ جي ڪنڊ واري دڪان تان فقط ڏهه رپيا خرچيو، چوريءَ جو ڪئسٽ (Pirated Tape) هڪ ڪان هڪ اعليٰ فلم جو وٺيو عزيزن دوستن سان گڏ گهر ويني ڏسيو ڇڏي. اتي وقت وڃائي، سئنيما هال تائين پهچڻ لاءِ ويهه رپيا ٽئڪسيءَ جو پاڙو پري، پوءِ ٻيا ڏهه رپيا فلم جي ٽڪيٽ جا ڏيئي، سخت ڪرسين تي ٽي ڪلاڪ ويهي ڪهڙو بيوقوف فلم ڏسندو- پوءِ اها فلم ڪٽي پاکستان جي هيرو جي هجي، ملائيشيا جي هيروئن جي- يا سندس پنهنجي مڱڻي شاديءَ جي.

في الحال فلم ناهڻ ۾ هلائڻ جي ڏيتي ليتيءَ جو هن ريت حساب رکيو ويو آهي ته اڌ پئسا پاکستان وارا پريندا ته اڌ ملائيشين پائيوار. فلم جو هيرو پاکستاني_ يعني انور اقبال پاڻ ٿيندو ۽ هيروئن ملائيشيا جي ڪا ملئي يا چيني چوڪري- گهٽو ڪري لينا فيروز شاهه ٿيندي. پاکستان، بنگلاديش ۽ سريلنڪا ۾ هن فلم مان ٿيندڙ اپت پاکستاني پائيورا ڪٽندو. سنگاپور، ملائيشيا ۽ برونائي مان ٿيندڙ ڪمائي ملائيشين پارٽنر ڪٽندو. انهن ملڪن کان علاوه ٻين ملڪن ۾ جيڪڏهن فلم هلي ته اها ڪمائي اڌو اڌ ڪئي ويندي.

پاکستاني ڊائريڪٽر محبوب علي ۽ ٻڌايو ته جهڙي طرح ان قسم جون ٻين ملڪن بابت ڪيترين ئي فلمون نهي ويون آهن، اهڙي طرح ملائيشيا ۽ پاکستان جي گڏيل ڪوشش ۽ ائڪٽرن جي فلم پڻ وقت جي اهم تقاضا آهي ۽ ان ريت ٻنهي ملڪن جي فلمن جي مارڪيٽ پڻ وڌائي سگهجي ٿي.

اهي مڙيئي ڳالهيون هن دور ۾ هڪ فلم ڏسندڙ کي عجيب لڳن

www.sindhsalamat.com

ٿيون. پرانور اقبال، افغاني ۽ محبوب علي جهڙا ماڻهو ٿي سگهي ٿو ته پنهنجي ان سپني کي ساڀيان بڻائي ڏيکارين ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ ڪيترائي ملائيشين شاگرد ۽ ملائيشيا ۾ نوڪريون ڪندڙ اسان جهڙا پاڪستاني هن فلم جي ڪاميابيءَ تي اوچو ڳاٽ ڪٽي هلن.

چا توهان به فيشني نالي جي ڳولا ۾ آهيو.

ڏاڏي جو نالو "نالو" نه پر "نمبر" هو.

اڄ کان ڏهه پندرهن سال کن اڳ هڪ دور هو جنهن ۾ رضيه بٽ جهڙين ليڪڪائن جا ناول تمام گهٽو Hit هئا. نه فقط شهرن جون پر ڳوٺن جون سنڌي چوڪريون پڻ اهي شوق سان پڙهنديون هيون جيئن اڄڪلهه اخبار جهان جو ڪالم "تين عورتين تين ڪهانيان" پڙهن ٿيون. انهن ناولن جا ڪردار وڌن گهراڻن جا ڏيکاريل هوندا هئا. هيروئن جو آئيديل هڪ عدد خوبصورت ۽ امير نوجوان هوندو هو جيڪو وڏي نوڪري ۽ مال ملڪيت جو مالڪ هجڻ سان گڏ خوش اخلاق، خوش پوشاڪ، وڏي گاڏي ۽ وڏي بنگلي وارو هوندو هو. چوڪريون اهي ناول گهرن جي پينگهن ۾ ليٽي پڙهنديون هيون يا ڪلاس روم ۾ ڪنهن ڪاپي نوٽ بڪ اندر لڪائي. گهر جي صفائي، رڌ پچاءُ ۽ سبٽي پرٽي جهڙي پورهئي يا ڪلاس روم جي حسابن ۽ فزڪس ڪيمستري جهڙن بور سبجيڪٽن کان اهي ناول وڌيڪ دلچسپ لڳندا هئا، جن کي پڙهڻ وقت چوڪريون هڪ خيالي دنيا ۾ گم ٿي ويندیون هيون ۽ اهڙي آسائشي ۽ عياشيءَ واري زندگي جي سڌ ۾ آسائتن سپنن جي اُٽت ۾ رڌل رهنديون هيون.

انهن ناولن ۾ نه فقط نرالي دنيا هئي پر ناولن جي ڪردارن جا نالا پڻ چونڊي چونڊي نرالا رکيل هوندا هئا. پوءِ اهي نالا، ناول پڙهندڙ چوڪريون وڏي فخر سان پنهنجي ڪٽنب يا پاڙي ۾ جمندڙ ٻار تي رکڻ جي صلاح ڏيندیون هيون. ڪاشف، عاشي، فريال، ارسلان، نومي جهڙا نالا- جيڪي هاڻ ته عام ٿي ويا آهن پر انهن ڏينهن ۾ اهي پهريون دفعو ٻڌا ويا ۽ ماڻهن کي بي حد فئشني لڳا. ٻار جمڻ تي ان جو نالو رکڻ لاءِ، ٻار جا مائٽ گهر يا پاڙي جي وڏي کان ڪو نيڪ اسلامي نالو پڇڻ بدران انهن چوڪرين کان پڇندا

هئا جيڪي درسي ڪتاب نہ پڙهڻ ڪريامتحانن ۾ ته فيل ٿيندیون هيون، پر اي آر خاتون، رضيہ بٽ، شاهينہ وغيره جا ناول ضرور پڙهندیون هيون.

ڀ پوءِ ٻار جي مبارڪ ڏيڻ وارا اهڙي نئين نالي رکڻ تي داد ڏيئي پچندا هئا ته اهو نالو ڪٿان هٿ ڪيانوَ؟

"فلاٹيءَ ڏسيو. هن فلاٹي ليڪڪا جي فلاٹي مشهور ناول ۾ پڙهيو هو. ان ناول تي فلم بہ ٺهي رهي آهي."

ڀ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي اڙدوءَ سان گڏ اسان جا ڪجهہ سنڌيءَ جا نوجوان ليڪڪ پڻ- خاص ڪري ليڪڪائون، پنهنجن افسانن ۾ ڳولي ڳولي نوان نالا تنبڻ لڳيون. افساني جي ڪردارن، پلاٽن يا منظر ڪشي ڀ بيهڪ تي محنت ڪرڻ بدران هنن جو سجو زور نوان نالا ڳولڻ تي هوندو هو. اهي نوان نالا گهڙو ڪري ايران ڀ عرب ملڪن کان امپورٽ ٿيندا هئا. جيڪي انهن ايراني ڀ عرب رياستن کان گهمڻ يا پورهئي بعد موٽڻ تي اسان جي ماڻهن جي واتان ٻڌبا هئا. ٻاهر رهڻ ڪري، ڪجهہ منهنجا واقفڪار، اهڙا نِت نوان نالا مون کان بہ پچندا هئا. جهاز جو سفر پورو ڪري موٽڻ تي منهنجو هڪ ڳوٺائي اديب ته هڪدم چوندو هو: "يار افسانو تيار آهي، بس ڪي چند مادرن نالا ٻڌاءِ."

" تن ڏينهن ۾ منهنجو گهڙو وڃڻ روس، رومانيا ڀ بلغاريا جهڙن ملڪن ۾ ٿيندو هو جتي جا خروشيف ڀ برزنيف جهڙا بدهضمي پئدا ڪندڙ ڀ غير رومانوي نالا، پلا ڪير پنهنجن افسانن جي ڪردارن کي عطا ڪندو. يا وري جهان ويندو هوس جتي جا ڪميڪو، تائيڪو ڀ مچيڪو جهڙا نالا ڪٿي رومانوي آهن پر ڪنڊ يا ڳڙ جهڙا ڳرندڙ بہ نہ آهن جيڪي سنڌي يا اڙدو افساني جي شربت ۾ ملي وڃيڪ مينا ج پيدا ڪن. ٻيراڻي يا ٻہرلوءِ ڳوٺ جي نار تي جيڪا ميهارن جي نينگري پنهنجي ڪائير محبوب جو اوسيئڙو ڪري رهي آهي ان ٻهراڙيءَ جي چوڪريءَ جو پلا اهڙو جهاني نالو ڪيئن ٿو رکي سگهجي! اهڙو نالو ته ان چوڪريءَ لاءِ بہ نٿو ٺهڪي جيڪا بيحد مادرن

books.sindhsalamat.com

آهي ڀ لاهور جي خوبصورت علائقي جي خوبصورت بنگلي ۾ رهي ٿي- جيڪا پنهنجي ڪارڊ ليس (بنا تار واري) فون تي ڳالهائي رهي هئي ته هيٺ ڪار جو هارن وڳو. هن پنهنجي ڪمري جي دريءَ جي تنتيد شيشي مان هيٺ ڏٺو ته پورچ ۾ سليٽي مرسيڊيز ڪار بيٺي هئي ڀ سندس ساهيڙي گڇي ڪمپنيءَ جو پرس لوڏي ڪيس ڪيڪاري رهي هئي.

"چلو پي يار ڊولي! ان ڪا برٿ ڊَي هَي. هوٽل انٽر ڪانٽينينٽل مين."

"اوه، آئي ايم سوري! عنبر، مجهي تو اس وقت P.I.A ڪَي فلائيٽ نمبر پَي ڪَي 241 سي پنڊي پهنچنا هَي."

_ هاڻ سائين ڏيو منهن.

بهرحال ڊولي يا عنبر وغيره ته ضرور هلي سگهي ٿي، پر ڪميڪو ڀ مچيڪو جهڙا اوپرا نالا ته مٿئين سيٽ- اپ ۾ بہ جذب نہ ٿي سگهندا ڀ پڙهندڙ هاضمي خراب ٿيڻ جي ڊپ جهلي نہ سگهندا.

ملائيشيا (جتي گذريل چئن پنجن سالن کان تڪيل آهيان) جي هڪ ڳالهہ آهي ته هتي جي مسلمان ملئي چوڪرن ڀ چوڪرين جا ڪيترا اهڙا نالا آهن جيڪي اسان وٽ عام نہ آهن ڀ نہ وري ڪي اوپرا آهن. اسان جي ماحول ۾ نہ فقط هلي سگهن ٿا پر نواڻ جو احساس بہ ڏين ٿا. ٿي سگهي ٿو ڪنهن ناول نويس يا افساني نگار کي پنهنجي ڪردار لاءِ اڄ بہ هي نالا ڪم اچي وڃن.

ڪجهہ چوڪرين جا نالا:

جيلتا	JELITA
ماهنوم	MAHNOM
عذيلہ	AZILA
عيدا	IDA

www.sindhsalamat.com

زئني	ZAINI
لينا	LINA
مارلينا	MARLINA
عذورا	AZURA
ممتاز	MUMTaz
نورمالاوتي	NOOR MALA WATI
ليزاوتي	LIZA WATI
سيتي حوا	SITI HAWA
سيتي ذوليخا	SIT ZULEKHA
روزناح	ROSNAH
روزلينا	RIS LINA
سالاسيا	SALASIA
روگيا	ROGAYAH
زيتون	ZAITUN
عائيدا	AIDA

جليتا نج ملئي نالو آهي جنهن جي معنيٰ آهي خوبصورت. اهو نالو ائين آهي جيئن سنڌ ۾ چوڪرين جو نالو ملوڪان يا سهڻي آهي.

ماهوم، مزيلا، عدا، زائني، لينا، مرلينا ۽ عذورا روايتي ملئي نالا آهن جنهن جي ڪا به معنيٰ نظر نٿي اچي. ملائيشيا ۽ انڊونيشيا ۾ عزيلا ۽ عذورا تمام مشهور نالا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ هڪ ملئي فلم ٺهي آهي جنهن جو ته نالو ئي هيروئن جي نالي پويان "عذورا" رکيو ويو آهي.

ملائيشيا ۾ ممتاز نالو پڻ مشهور آهي. پر پاڻ وٽ ممتاز چوڪريءَ جو نالو به ٿئي ته چوڪري جو به. پر هتي اهو نج زنانو نالو آهي. نتيجي ۾ پاڪستان جي فت بال ٽيم جڏهن هتي ملائيشيا جي شهر اپوح ۾

کيڈڻ آئي هئي ته هتي جي ماڻهن کي اهو معلوم ڪري تعجب لڳو ته پاڪستان جي هڪ مرد راندیگر جو نالو ممتاز آهي. ايتريقدر جو اها ڳالهه هتي جي اخبارن ۾ خبر طور پڻ ڇپي هئي.

ممتاز نالو هتي جي ماڻهن لاءِ ائين مادي نالو آهي جيئن پاڻ وٽ راڻي. پر هتي ملائيشيا ۾ راڻي وري نج نَر آهي. يعني اهو نالو مرد رکائين. شروع شروع ۾ مردن جا مستر راڻي ۽ ڪماندر راڻي نالا ٻڌي اسان کي به اوترو ئي تعجب لڳو هو. هتي جي چوڪرين جو ٻيو مشهور نالو آهي_ نور عاشقين_ جيڪو اسان وٽ مرداڻو لڳي ٿو.

نورجهان ۽ نوربانوءَ وانگر هتي نور نالي واريون ڪيتريون ئي چوڪريون نظر ايندیون. نور زيني، نوريجا، نور عاظمي، نورزلينا، نور ميمي وغيره. نور ميمي يا ٻلهو ميمي به مشهور ملئي نالو آهي. اسان جي اڪيڈمي جي پرنسپال داتڪ ڪئپٽن حمزي جي زال جو نالو پڻ ميمي(Mimi) آهي. پڇڻ تي نور جي معنيٰ اها ئي پاڻ واري ٻڌائيندیون- يعني روشني، جنهن کي ملئي زبان ۾ چايا (Chaya) چون، باقي نالي جي ٻئي حصي جي معنيٰ جي خبر شايد ڪنهن کي هجي.

ملائيشيا ۾ هڪ ٻيو نالو "نورمالا وتي" پڻ مشهور آهي. ملائيشيا، برونائي، انڊونيشيا ۽ ڏکڻ ٿائلنڊ جي ڪيترن ئي مسلمان چوڪرين جي نالي جو آخري حصو "وتي" (Wati)ٿئي ٿو. ڪن نالن جي اڳيان وري سيتي (Siti) آهي، جيئن ته ليزا وتي، سيتي حوا، سيتي ذواليخا وغيره. سيتي ته ائين آهي جيئن پاڻ وٽ بيبي، يعني بيبي ذواليخا، بيبي بصران وغيره.

راس (Ros) پڻ هتي جي چوڪرين جو عام نالو آهي. اهو راس انگريزي لفظ وارو روز (Rose)- يعني گلاب جو گل آهي. جيئن پاڻ وٽ بصر، ٿوم، عربي لفظن تان کنيل آهن تيئن ملئي دنيا ۾ راس يا "اپول" (Apol)انگريزي لفظ روز ۽ ائپل تان کنيل آهي. گلاب جي گل سان گڏ

صوف (Apple) پڻ انگريزن ملايا آندو جنهن کي ملئي زبان ۾ هاڻ Apol سڏين. پاڻ وٽ ماڻهن جا نالا: گلاب، بصر، بادام، توهم ايترا مشهور نہ آهن جيترو هتي راس (Ros) آهي. پر راس نج زنانو نالو آهي. ڪن ملئي چوڪرين جي نالي ۾ راس سان گڏ ٻيو به نالو ٿئي جيئن تہ روسناح يا راسناح، راس لينا، راس مالا وغيره.

سلاسيا نالو پڻ چوڪريءَ جو آهي جيڪو شايد ڏينهن جي نالي تان کنيل آهي. احد، اثنين، سلاسا، ربو، خميس، جمعت ۽ سبتو هتي ڏينهن جا نالا آهن جيڪي عربيءَ تان کنيل آهن. اثنين، خميس ۽ سبتو هتي جي مردن جا نالا آهن جيئن پاڻ وٽ خميسو، آچر، جمعو مردن جا نالا مشهور آهن.

هتي جي چوڪرين جو نالو روگيا ۽ عافيضا پڻ آهي جيڪو لڳي ٿو تہ اصل ۾ رقيا ۽ حفيظا هوندو پر گوئن جي پوليس استيشن تي ٻار جمڻ وقت نالو رجستر ڪرڻ وارو منشي گهٽ پڙهيل هجڻ ڪري غلط لکي ويو هوندو. شناختي ڪارڊ توڙي اسڪول جي سرٽيفڪيٽ تي ٻار جو نالو اهوئي لکيو وجي ٿو جيڪو جمڻ وقت پوليس استيشن تي لکجي ويو. بعد ۾ جيتوڻيڪ نالي جي درستي ٿي سگهي ٿي، پر ان تي وڏو خرچ ۽ وڏي ڪاغذي ڪاروائي ٿئي ٿي. ان ڪري ڪيترائي ماڻهو وڏي پوسٽ تي پهچڻ بعد به ساڳيا نالا هلائين. اهو غلط نالو ڪڏهن ڪڏهن ايڏو مشهور ٿيو وجي جو ٻيا ماڻهو به پنهنجن ٻارن تي اهوئي نالو رکن. هتي جا شريپا، زينپ، يوسپ، زالحا، مصطپا جهڙا عام نالا ان غلطيءَ جو مثال آهن جيڪي اصل ۾ شريفان، زينب، يوسف، صالحان ۽ مصطفيٰ هئا. هونءِ به ملئي نالن ۾ ف، پ، ب تہ هڪ ٻئي سان بدلبا رهن ٿا. پر وري به زينب جي ب جيڪڏهن پ يا ف ۾ بدلجي وجي ٿي تہ مڙيئي خير آهي پر ابوبڪر لاءِ تہ سراسر ناحق ٿيندو جي ب بدلجي ف ٿئي. اپوح شهر جي انڪگو عمر پوليٽڪينڪ جي هڪ مئرين انجنيئرنگ شاگرد سان اهو ويل هو. هو چوندو هو: "سائين منهنجو اصل نالو تہ بڪر آهي پر هاڻ چا ڪريان، گوٽ ۾ تہ وري به ايڏي خواري نٿي

books.sindhsalamat.com

ٿئي پر هتي جهاز تي جڏهن ولايت ويجان ٿو تہ ڪنهن کي پنهنجو نالو ٻڌائيندي شرم اچيم ٿو."

ملائيشيا جي چوڪرين جا عربي نالا پڻ آهن. جهڙوڪ: زيتون، قمريا، حياتي، شمسيا، ذبيحا، ايمان، ثانيا، حديبا، بصران، سلوا وغيره. ان کان علاوه حسلينا، مزناح، انيتا، انتان (معنيٰ هيري جي ڪڻي)، حليزا، آئيداح، نازما پڻ عام نالا آهن.

مردن جا نوي سيڪڙو عربي نالا آهن جن ۾ اڳيان عبداچي ٿو. مثال طور: عبدالله، عبدالڪريم، عبدالقادر وغيره يا نبين ۽ اصحاب سڳورن جا نالا آهن. جيئن تہ: ابراهيم، موسيٰ، عيسيٰ، عثمان، علي، ابوبڪر- جيڪي اسان وٽ بہ عام آهن. ڪجهه اهڙا نالا جيڪي اسان وٽ عام نهآهن يا بنهه ڪونہ آهن، پر هتي ملائيشيا ۾ آهن: سفيا، حارث، عبدالقهار وغيره. راملي ۽ ذوالقفلي پڻ هتي جي مشهور نالن مان آهن. ان کان علاوه بحر دين، قمر دين، شمس دين، خالد ۽ طارق پڻ آهن. مرزوڪي، سهيني، مَر اَسود، شُڪري، حِل مي، عظمن، مهت، مهنات پڻ عام نالا آهن. ساعت پڻ مرد جو نالو آهي. ساعت لفظ پاڻ وٽ بہ آهي، معنيٰ ٿوري دير.

بہ نالا جيڪي هتي تمام عام آهن پر پاڻ وٽ بنهه نہ آهن اهي آهن: يتيم ۽ يزيد. پاڻ ڪريم صلعم جن يتيم هئا ان ڪري هتي جا ماڻهو پاڻ کي يتيم سڏائيندي فخر محسوس ڪن ٿا. ۽ ٻيو نالو يزيد اهڙو آهي جيڪو انڊونيشيا، برونائي توڙي آفريڪي عرب ملڪ: ليبيا، ماريطينيا، الجزائر وغيره ۾ تہ ضرور آهي پر پاڻ وٽ ڪنهن ٻار جو تہ چا پر افساني جي ڪردار تي رکڻ بابت بہ سوچي نٿو سگهجي. پر هتي ملائيشيا ۾ يزيد نالو عام آهي. اسان جي پرواري "بئنڪ بوميپترا ملائيشيا برحد" جي مئنيجر جو نالو پڻ يزيد آهي. ڪيس پاڪستان گهمڻ جو ڏاڍو شوق آهي. چوندو آهيانس "ايران ۽ پاڪستان جا پڪچر ڪارڊ ڏسي شوق پورو ڪري چڏين تہ سنو پلا جي هرويرو اچڻ چاهين ٿو تہ محرم ۾ اچڻ کان پاسو ڪجانءِ."

www.sindhsalamat.com

انهن مڙني نالن کان علاوه جيئن پاڻ وٽ ادل، عدلو، پوڙهو، گهوٽ، شمون، شمس جهڙا نالا مشهور آهن جيڪي اصل ۾ ڪوناڻ جا ٿين ٽيئن هتي ملائيشيا ۾ پڻ عبدال، بجانگ (ڪنوارو)، مات (خاص ڪري محمد احمد تاج دين بدران مات سڏين)، جنتان (نر)، حطام (ڪارو)، پوتيح (گورو) وغيره آهن.

اسان وٽ ته ڪوناڻ جا نالا ڪٽي چا ٻه هجن پر پاسپورٽ يا اسڪول جي رجسٽريشن تي صحيح سبتا هوندا. پر هتي ڪوناڻ جا نالا ٻه اهي ٿيا ته اصل ٻه. ڪوتا ڪنابالو ۾ هڪ ملئي همراهه- جيڪو چيف منسٽر جي آفيس ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر آهي- جڏهن جائو ته سندس والد بزرگوار (داتو زين العابدين) بانگ ڏئي نالو رکيس "تيرهن" - يعني نمبر 13 (داتو هتي ائين آهي جيئن پاڻ وٽ ميرِ پير يا خان) سو هي همراهه هتي اڄ ڏينهن تائين نمبرسان مشهور آهي ۽ جتي ڪٽي 13 بن زين العابدين لکائي. هتي ملائيشيا ۾ هر آفيس توڙي فئڪٽري ڪارخاني ۾ نوڪر ڪلارڪ کان وٺي چيف منسٽر ۽ پرائم منسٽر کي پنهنجي نالي جو ٽئگ ڪيسي مٿان هڻي اڇڻو پوي ٿو. سو هي اسان وارو ڊائريڪٽر صاحب D-13 جو ٻلو هڻي ايندو آهي. همراهه پنهنجي نالي مان بلڪل مطمئن آهي. ڪي ماڻهو ملئي ۾ نمبر تيرهون- يعني "داتو تيگا بلاس" سڏين ته ڪي انگريزيءَ ۾ داتو ٽرٽين. ته ڪي وري فقط ڊي ٽرٽين."

هونءَ ته تيرهون نمبر نياڳو سمجهيو وڃي ٿو، پر داتو تيرهن جو چوڻ آهي ته هن لاءِ اهو نمبر پلارو ثابت ٿيو آهي. ڪيس نوڪري ان تاريخ تي ملي. پروموشن ان تاريخ تي ٿي. پڙهائيءَ جي سلسلي ۾ ولايت 13 تي ويو. هن کان اڳ هو تعليم ڪاتي ۾ هو ۽ ان نوڪريءَ جو آرڊر ٻه 13 تاريخ تي نڪتو. پاڻ همراهه چرچائي ٻه آهي. پچيومانس: "توتي اهو نالو ڪيئن پيو. تيرهن تاريخ جائو هئين چا؟"

"جائو ارڙهين تاريخ هوس، جمڻ ۾ سو تي ڏينهن دير ڪري ورتي

books.sindhsalamat.com

هيم." هن ٻڌايو.

"مسلمان جو اهڙو نالو-نمبر وارو، ٻڌي عجيب ٿو لڳي."

"يار ڪمال ٿو ڪرين. مسلمانن ۾ ته نمبرن وارا نالا تمام عام آهن. اٽنين، خميس، جمعون، سبتو- اهي چا آهن؟ اهي ڏينهن جا نالا در اصل نمبر ته آهن-يعني ٻه، پنج، ڇهه، ست وغيره. باقي اها ٻي ڳالهه آهي ته عربيءَ ۾ ڪنهن کي نمبر سان سڏ ته اهو مسلمان ٿيو باقي ملئيءَ ۾ ڪنهن کي نمبر ڏيڻ معنيٰ غلط ٿيو چا؟"

ڳالهه ته لاجيڪل ڪيائين. رهيو سوال ته اهو نمبر وارو نالو اسان واري يار تي ڪيئن پيو. ان لاءِ داتو 13 ٻڌايو:

"اسين ڪل پنڌرهن پائر پينر هئاسين، اٺ پائر ۽ ست پينرون جن مان فقط آئون ئي بچيو آهيان. باقي ٻيا جمڻ کان پوءِ ڪو ڏينهن ٻه جيئرو رهيو ته ڪو سال ٻه مس. آئون جڏهن جائس ڪوتا بلوڊ شهر جي ڊسٽرڪٽ اسپتال جي هڪ ڊاڪٽر منهنجي پيءُ کي صلاح ڏني ته ٻار جيئري نه رهڻ جهڙي ان نياڳ ۽ برائيءَ کان بچڻ لاءِ هڪ اهو ئي سوڻ وجي رهيو آهي ته ٻار جو نالو نمبر وارو رک. سوجيئن ته آئون ماءُ پيءُ کي تيرهون ٻار هوس سو بابي منهنجو نالو داتو 13 بن داتو زين العابدين رکيو. ان کان علاوه مون کي گهر ۾ رکڻ بدران نيپاج لاءِ هڪ چيني فئملي ۾ رکيو ويو جتي آئون ست سال رهيس. ان بعد پنهنجي فئملي ۾ آيس. مون کان پوءِ ٻه ٻار ٻيا ٻه جاوا جيڪي پڻ گذاري ويا. انهن تي عام نالا رکيا ويا هئا."

"چا توهان سمجهو ٿا ته نالي بدران نمبر هجڻ ڪري جيئرا آهيو؟" مون پچيومانس.

"آئون پڪو مسلمان آهيان." داتو تيرهن وراڻيو. "منهنجو انهن وهمن ۽ ٽوٽن ڳڻين ۾ ڪو يقين ناهي. سڀ ڪجهه رب جي اختيار ۾ آهي."

D-13 جو پوڙهو پيءُ داتو زين العابدين ۽ ماءُ ويجهڙائي ۾ گذاري ويا آهن. داتو 13 کي ملئي ۽ انگريزيءَ کان علاوه چيني زبان ٻه سٺي اچي

www.sindhsalamat.com

ٿي جو هو نندپڻ جو چگو عرصو چيني گهر ۾ رهيو هو. پاڻ هن وقت پنجتيهن سالن جو آهي ۽ چار ٻار اٿس. ٻه چوڪرا: داتو محمد فارس ۽ داتو محمد نذردين ۽ ٻه چوڪريون: دايانگ نورلين ارداواتي ۽ دايانگ نور فاريسا. منهنجي خيال ۾ پنهنجي ننڍي نالي جي ڪسر هن پنهنجي ٻارن جا وڏا نالا رکي پوري ڪئي آهي. ڪانئس پڇيم ته سندس ٻار پنهنجي نالي سان گڏ "ولد ڊي تيرهن" لکائيندي چا ٿا محسوس ڪن.

"هو خوش آهن،" ڊي 13 وراڻيو. "اسان جي ڪتنب جي سڃاڻپ هاڻ منهنجو نمبر وارو نالو آهي. باقي اها خبر نه اٿم ته انهن جو اولاد چا محسوس ڪندو جڏهن هنن کي ٻاڻ پوندي ته سندن ڏاڏي جو نالو "نالو" نه پر "نمبر" هو.

جت نانگن جا ديرا

ملائيشيا اچڻ کان اڳ مون نانگ فقط چڙيا گهر ۾ ڏٺا هئا يا فٽپاٿ تي بازيگرن وٽ- جيڪي دوائن وڪڻڻ دوران هڪ يا ٻه پالين، ڏند پڳل نانگ پنهنجي ڪکن جي پندي مان ڪڍي، گڏ ٽيل ميڙ کي ڏيکارينداآهن.

پر ملائيشيا ۾ نانگ بلائون توهان کي ائين عام طرح نظر ايندا جيئن پاڻ وٽ ڪانگ ڪبوتر.

هڪ ڏينهن آفيس ۾ آيس ته در مٿان پت تي هڪ سائي رنگ جو ٻه فوٽ ڪن ڏگهو نانگ چڇيءَ وانگرسُري رهيوهو. خبر پيئي ته اهو اڏامندڙ نانگ آهي. هونءَ ته نانگ مارڻ لاءِ ڪو نه ڪو مالهي هليو ايندو آهي پر هن نانگ کي مارڻ لاءِ خاص تجربيڪار مالهي ڏگهي لٺ ڪٽي آيو ۽ اسان سيني کي پري ٿي بيهڻ لاءِ چيو ويو.

هڪ ڏينهن چئين بجي ڏاري آفيس مان نڪري ڪار پارڪنگ ڏي وڃي رهيا هئاسين ته ڏسون ته هڪ ٽلهو متارو پوري رنگ جو نانگ اسان جي اڳيان پيو وڃي. ڳالهين ۾ اسان جي مٿس نظر ئي نه پئي. اوچتو ڪٽي ڏسون ته اسان کان فقط پنج ڇهه قدم اڳيان اسان جي رفتار سان اسان سان گڏ گڏ نانگ پيو سُري. هيڏانهن هوڏانهن ڪافي هَڪلون ڪيونسين ته ڪنهن وٽ باننو هجي ته ان کي ماري، پر اسين هئاسين باهرين ملڪ جا ليڪچرر. اسان کان علاوه هتي جا ملئي ۽ چيني شاگرد پڻ هئا، پر انهن لاءِ ڪو نانگ بلا ڪا اهميت نٿو رکي. مئو ته مئو نه ته اهڙا نانگ هتي، جتي ڪٽي پيا هلن. جيئن پاڻ وٽ ڳوٺن ۾ تندڙ ۽ شهرن ۾ ڪاڪروچ. هتي سڄو ملائيشيا گهاٽن وڻن تڻن ۽ ڏگهن ٻوڙن سان پريو پيو آهي. ايتري قدر

جو ملائيشيا کي دنيا جو جهنگل سڏجي ٿو ۽ دنيا جا سڀ کان گهٽا نانگ هتي ملائيشيا ۾ چيا وڃن ٿا. ان ڏينهن، ان سرندڙ نانگ کي ائين اکين اڳيان ويندو ڏسي ڪجهه خوف ٿيو. ظاهر آهي اسان جي آفيس جي پرپاسي کان نڪتو هو، يعني وري اتي ئي پيو هلندو ۽ هر وقت احتياط رکڻ ضروري ٿي پيو. چوڌاري وڏا وڏا پٿر پيا هئا. پر هتي نانگ به ته سوين قسمن جا آهن. اڏامندڙ، اکين ۾ پچڪاري هڻندڙ، حملو ڪندڙ، مري وڃڻ بعد به مارينڊڙ کان بدلو وٺڻ جو بندوبست ڪندڙ- سو ائين پٿر هڻڻ سان نانگ نه مري يا فقط زخمي ٿي پوي ته اهو ويتر وڌيڪ خطرو سمجهيو وڃي ٿو.

هڪ ڏينهن ته ڪار جو دروازو کوليان ته ڪار ۾ پوئين سيٽ تي نانگ وينو آهي. ڏاڍي ڀَالهه ٿي. چگو جو ويهڻ کان اڳ مٿس نظر پيئي. پوءِ کٽي هوڇڪ نه هڻي ها پر جي ڊرائيونگ وقت نظر اچي ها يا پيرن ۾ اچي پوي ها ته في الحال ڪيترو به قابل ڊرائيور هجي منجهي پوي ها ۽ ڪار ڪنٽرول مان نڪري وڃي ها.

سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڪار ۾ نانگ ڪيئن آيو؟ بنگلاديش هجي ها ته سيڪو چوي ها ته ڪنهن جونيئر آفيسر دشمني پارڻ لاءِ هٿ سان نانگ وڌو هوندو يا ڪنهن بنگالڻ عشق جو بدلو وٺڻ لاءِ ائين ڪيو هوندو يا هوءَ پاڻ دوشيزه نانگ بڻجي آئي هوندي. پر هتي ملائيشيا ۾ ڪار مان نانگ نڪرڻ به هڪ عام ڀَالهه آهي. هتي ڪار جا شيشا چوريءَ کان گهٽ، پر نانگ جي ڏنگ کان وڌيڪ چاڑهيا وڃن ٿا. ان ڏينهن فٽ بال مئچ دوران پارڪنگ جي جاءِ نه ملڻ ڪري، پري وٽن جي جهنڊ هيٺيان پنهنجي ڪار بيهاري آيس. پويون شيشو ڪواڙ گابرو بند ٽيل هو. اهڙي حالت ۾ گاهه ۾ سرندڙ يا وٽن تي هلندڙ نانگ بلائون ڪار ۾ به گهڙيو پون. نه فقط نانگ بلائون پر چچيون، سانديا ۽ ٻيا جيت پڻ.

پوءِ ڪار مان نانگ کي ڪئين ڪڍيو ويو؟- پوئين ڊڪي ۽ پارٽيشن کولي.

books.sindhsalamat.com

ملائيشيا ۾ نانگ نه فقط رات جو پر ڏينهن ڏٺي جو رستن ۽ کلئي ميدانن تي پيا هلن. هڪ ڏينهن تاڪ منجهند جو، آفيس اڳيان پکي رستي تان، هڪ وڏو ڪارو نانگ- جنهن لاءِ ٻين جو چوڻ هو ته واسينگ نانگ (Cobra) ٿي سگهي ٿو، رستو ٽپي رهيو هو. مون ڪار تيز ڪري ان مٿان چاڑهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پوءِ آرسيءَ ۾ ڏٺو. هو اڃا جيئرو هو. قيٽن جي وچ ۾ اچڻ ڪري بچي ويو هو ۽ ساڳي آرام ۽ رفتار سان چري رهيو هو. گيئر بدلائي ڪار کي هڪدم پويان ڪيم ۽ وري اڳيان جيئن هو منهنجي ڪار جي قيٽن هيٺان اچي مري وڃي. پوءِ دريءَ جو شيشو کولي ٻاهر ڏٺم. پر نانگ نظر نه آيو- نه مئل، نه جيئرو! خبر ناهي رستو ٽپي ويو يا بقول ڪنهنجي ڪار جي هيٺان لڪي ويو. بهرحال هتي جي ماڻهن ائين دري کولي ڏسڻ کان منع ڪئي. چوجو ڪڏهن ڪڏهن نانگ پڇ تي ايو ٽيو وجي ۽ چڙ ۾ ڏنگي سگهي ٿو. يا وات مان زهر جو ڦوهارو هڻي سگهي ٿو. هتي ڪيترا اهڙا ڪيس ٽيا آهن جن ۾ نانگ زهر جي پچڪاري هنئي هوندي. ان پچڪاريءَ سان اکيون خراب ٽيو پون. ان ڪري چوندا آهن ته نانگ کي سنهيءَ جاريءَ پويان به نه ڏسجي. چڙيا گهرن ۾ به انهن کي شيشي جي ڪٻٽن ۾ رکيو وڃي ٿو.

رستو ٽپندي، هتي ڪيترائي دفعا نانگ، ڪميون، گوهه، سانديا، پولڙا ۽ اگوانا نظراچن ٿا. پوءِ کي ڪار هيٺان اچيو مريو وڃن ته کي رستو اُڪريو وڃن. نانگ جي صورت ۾ ڪار هلائيندڙ جي اهائي ڪوشش هوندي آهي ته ڪار جا ڦيٽا ان جي مٿان چڙهي وڃن. هڪ رات، هتي جي پر واري هوٽل تجنگ بدارا مان موٽڻ وقت جنهن نانگ کي ڏٺم اهو وساري نه سگهندس. نانگ ته نه هو پر ازدها (Python) هو- جيڪو نانگ ڏنگ هڻڻ بدران پنهنجي شڪار کي وکوڙي، چيپاٽي، ماري پوءِ سجو ڳهي چڏيندو آهي. ڪار جي بتين تي پري کان ائين لڳو جڻ جهاز تي تيل سپلاءِ ڪرڻ وارو منو فوٽ ڊايا ميٽر وارو، ٽلهو، ڪارو پائپ هجي جيڪو چري رهيو

www.sindhsalamat.com

هجي. ساڃي پاسي کان رهڻ جي پوک مان نڪتو هوءِ رستو ٽپڻ لڳو. سندس پيٽ هڪ ٻن هنڌان تمام گهٽو اپاميل هو. يعني هو هينئر هينئر ڪنهن ڳوناڻي جون بدڪون يا چيلو پيٽ اندر ڳهي نڪتو آهي. يا ٿي سگهي ٿو ڪوجهنگ جو رول جانور کاڌو هجيس. بهرحال هو آهستي آهستي چري رهيو هو ۽ مون کي سندس مٿان ڪار چاڙهڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه ٿي. منهنجي پويان ايندڙ نيول آرڪيٽيڪٽ جي ليڪچرار ٻڌايو ته نانگ زخمي ضرور ٿي پيو پر رستو ٽپي گهاٽن ٻوڙهن ۾ غائب ٿي ويو. هن جي ڪار منهنجي پٺيان پٺيان پئي آئي.

اهڙا وڏا نانگ (Python) پٽ هتي ملائيشيا ۾ جام نظر اچن ٿا، خاص ڪري جتي ڪڙيون، بدڪون يا انهن جا آنا يا ٻچا ٿين ٿا ته اتي سندن خطرو گهٽو آهي. پکين جي آنن تي ته ننڍا نانگ بلائون ٻه اچيو نڪرن. هڪ ڏينهن لئبريري وڃان ته زردي رنگ جا ٻه پکي- نر مادي دانهون ڪري پر واري وڻ تي هليا وڃن، وري اتان لئبريري جي در تي اچيو ويهن. آئون پر ۾ بينو هوس ته ٻه پکي نه پئي ڏٺا ۽ منهنجي پرمان لنگهي ٿي ويا. آئون اڃا اهو تماشو ڏسي رهيو هوس ته هنن پکين کي چا ٿيو آهي جو ائين رڙيون ڪري وڻ کان لئبريريءَ جي در تائين چڪر پيا هڻن ته ايتري ۾ هڪ ملئي ليڪچرر -جيڪو اتان اچي لنگهيو، تنهن مون کي لئبريريءَ جي در وٽان هڪدم چڪي کڻي پري ڏکو ڏنو. خبر پيئي ته چت تي هڪ نانگ ويٺو هو جيڪو ڪام ۾ پکين جي آکيري مان ٻيدا يا ٻچا کائڻ جي نيت سان آيو هو. پر پکين هن کي ٽونگا هڻي منجهائي رکيو هو ۽ هاڻ سندس هيٺ ڪرڻ يا حملي ڪرڻ جو اندیشو هو.

جانورن جي جاڻن مطابق فقط نانگ ئي هڪ اهڙو جانور آهي جيڪو شروع کان پنهنجي ساڳي شڪل قائم رکندو اچي. نانگ جو ذڪر سيني آسماني ڪتابن ۾ ملي ٿو. هندن جي مذهبي ڪتابن ۾ ته هن کي ديوتا جي حيثيت ڏني ويئي آهي ۽ هو هن جي پوڄا ٻه ڪن ٿا.

بائيبل مطابق "نانگ حضرت آدم ۽ حوا کي جنت مان ڪڍائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ابليس حضرت آدم تائين پهچڻ چاهيو ٿي، پر جنت جي دروازي تي سخت پهرو هو. هن مور اڳيان پنهنجي ڏکيائي بيان ڪئي ته هن کيس نانگ وٽ وڃڻ جي صلاح ڏني. نانگ ڪجهه تن من هنيو ته ابليس چيس ته تون رڳو پنهنجو وات کول ته آئون ان ۾ گهڙي وڃان. جنت جي اندر پهچي مون کي باهر ڪڍي ڇڏجانءِ. نيٺ نانگ شيطان کي پنهنجي وات ۾ وجهي، جنت جي چوڪيدار کان لڪائي، هن کي جنت اندر پهچايو.

"شيطان اندر پهچي حضرت آدم ۽ بيبي حوا کي منع ٿيل وڻ جي ميوي کائڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ پوءِ وري نانگ ذريعي جنت کان باهر نڪري آيو. نڪرڻ وقت هن اجوري خاطر نانگ جي وات ۾ ڪٽي پيشاب ڪيو جنهن پوءِ زهر جي صورت اختيار ڪري ورتي. منع ٿيل وڻ جو ميوو کائڻ جي ڪري حضرت آدم ۽ حوا کي جنت مان نڪرڻو پيو. ان موقعي تي هنن نانگ کي اهو پاراتو ڏنو ته اسان جو اولاد هميشه تنهن جو منهن چچريندو رهندو."

موجوده تحقيقاتن موجب نانگن جا ڏهه هزار کن قسم ۽ جنسون دنيا جي هن گولي تي موجود آهن. سواءِ نيوزيلنڊ ۽ آئرلينڊ جي، نانگ دنيا جي هر ملڪ ۽ هر ٻيٽ تي نظر اچي ٿو. ڪٽي ڪٽي سمنڊ ۾ پٽ ٿين. سڀ کان گهٽا نانگ آفريڪا کنڊ ۾ آهن پر جيترا ملائيشيا، برما ۽ ٿائليند ۾ آهن اوترا ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ نه آهن. بنگلاديش جي ڪن حصن ۾ پڻ ننڍا ۽ سنها نانگ جام چيا وڃن ٿا پر اتي ڪڏهن ٻه هنن ملائيشيا وانگر جتي ڪٽي، رستن ميدانن تي ۽ ڏينهن ڏني جو نظر نه آيا. بنگلاديش ۾ هڪ شاپوريا قبيلو آهي جنهن جون سهڻيون عورتون نانگ ڪٽي گهر گهر ۾، ريل گاڏين ۽ اسٽيمرن ۾ مسافرن کي ڏيکاري پئسا پنندیون آهن. هنن جو چوڻ آهي ته سندن جادو نانگ جي ڏنگيل کي بچائي سگهي ٿو. ٽٽل عشق جوڙي سگهي ٿو. خانداني جهيڙا ختم ڪري سگهي ٿو. وغيره وغيره.

چون ٿا ته نانگ کي نه ٻاهريان ڪن ٿين نه وري اندريان. ان ڪري هو

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آواز هوا جي لهرن ذريعي هرگز ٻڌي نٿو سگهي. باقي زمين تي ڪنهن جي پيرن يا لٽ جو آواز هن جي جسم جي ڪل محسوس ڪري ٿي. مرليءَ جي آواز تي نانگ جي مست ٿي نچڻ ۾ ڪا حقيقت ناهي.

نانگ جي اکين مٿان چپر ٽين ئي ڪونہ. ان ڪري اهي هر وقت کليل رهن. ڪن ڪن نانگن جي اکين ۾ هئپناٽزم واري ڪشش پڻ چئي وڃي ٿي. وڻ تي ويندل ننڍا جانور ۽ پکي اهڙن نانگن جي اکين جو تاب نہ جهلي اچي سندن اڳيان ڦهڪو ڪن ٿا. ڪيترا دفعا اهو ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ فلاڻو ماڻهو جهنگل مان اکيلو پئي ويو تہ هن کي ڪاري نانگ ڏسي ورتو. هن پڄڻ جي ڪوشش ڪئي پر نانگ هن کي جڏ پنڊ پهڻ ڪري ڇڏيو. آخر ۾ نانگ هن کي ڏنگ هڻي ڪيرائي رکيو. چون ٿا تہ حقيقت ۾ ائين ممڪن آهي. ڪوبرا نانگ جي اکين ۾ قدرت هڪ خاص قسم جي هئپناٽزم رکي آهي. هوشڪار جي اکين ۾ اکيون وجهي هن کي اهڙو تہ مندبيو رکي جو هيڏانهن هوڏانهن چرپر نٿو ڪري سگهي، ۽ پوءِ هو هن تي آسانيءَ سان حملو اچيو ڪري. اهڙي وقت تي اهو ئي هڪڙو طريقو آهي تہ انسان نانگ جي اکين سان اکيون ملائي هرگز نہ ڏسي يا وري جيڪڏهن تي سگهيس تہ مٿي تي رکيل ٽوپي، رومال يا ڪا بي شيءِ نانگ ڏي اڇلائي جيئن نانگ جو ڌيان هيڏانهن هوڏانهن هليو وڃي ۽ ڪيس گهورڻ ڇڏي ڏئي.

اڪثر اهو پڻ چيو وڃي ٿو تہ نانگ کي مارڻ بعد سندس اکيون ڇگيءَ طرح ڦيهي ڇڏجن- خاص ڪري ماديءَ جون. ڇو جو هوءَ مرندي وقت پنهنجي قاتل جو چهرو پنهنجي اکين جي پتلين ۾ محفوظ ڪريو ڇڏي. ۽ پوءِ نر جڏهن هن کي مئل ڏسي ٿو تہ سندس اکين مان قاتل جو چهرو پڙهيو وڃي. پوءِ ان جي ڳولا شروع ڪري ڏئي ٿو ۽ جڏهن بہ ۽ جتي بہ ڪيس اهو قاتل نظر اچي ٿو تہ هن کي ڏنگي بدلو ضرور وٺي ٿو.

خبر ناهي انهن ڳالهين ۾ حقيقت آهي يا فقط افسانوي رنگ پر هتي ملائيشيا ۾ اڪثر ٻڌڻ ۾ ايندو آهي تہ فلاڻي شخص کي هر سال نانگ

books.sindhsalamat.com

اچي ڏنگ هڻي ٿو. پر اهو ماڻهو مري نٿو. ڳالهہ هن ريت آهي تہ ڪجهہ نانگن کي قدرت هڪ خاص وصف عطا ڪئي آهي، اها هيءَ تہ مادينانگ، شهواني حالت ۾ ماڻهوءَ کي ڏنگڻ وقت زهر سان گڏ پنهنجي شهواني خوشبو پڻ انسان جي جسم ۾ داخل ڪريو ڇڏي. پوءِ جيڪڏهن اهو ڏنگيل انسان بچيو وڃي تہ هر سال مقرر موسم ۾ سندس جسم مان "مادينانگ" جي جنسي خوشبوءِ ايندي رهي ٿي، جنهن کي ڪو نہ ڪو نانگ سونگهي ان ماڻهوءَ تائين پهچيو وڃي ۽ پوءِ جڏهن هو اهو ئي ڏسي ٿو تہ مادي‌ءَ بدران اها خوشبوءِ انسان جي هٿ يا پير مان اچي پيئي تہ هو فقط سونگهي موٽيو وڃي. هن کي ڏنگ هرگز نٿو هڻي- جيتوڻيڪ خوف ۽ هراس ۾ اهو ماڻهو اهو ئي سمجهي ٿو تہ ڪيس نانگ ڏنگ هڻي ويو.

نانگ جي وات جون ڇاڙيون انسان يا جانورن وانگر مقرر ماپ جون نہ آهن. ان جي هڏين جو ڳنڍ ڏيرو ۽ نرم هجڻ ڪري هو تمام وڏو وات کولي سگهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو هو پنهنجي قد بت کان بہ وڏيون شيون ڳهيو وڃي. گهريلو هر قسم جا نانگ ڏيڏرن ۽ جهرڪين کان علاوه ڪڪڑين ۽ بدڪن کي بہ آسانيءَ سان ڳهيو وڃن. ڏکڻ آمريڪا ۽ ملائيشيا جا ازدها (وڏا نانگ) ماڻهوءَ ۽ هرڻ کي بہ سجو ڳڙڪايو وڃن. هنن جو هاضمو ايڏو طاقتور ٿئي ٿو جو سخت کان سخت ڪاڏو بہ ڪلاڪن ۾ هضم ٿيو وڃين.

ملائيشيا، سنگاپور، هانگ ڪانگ جهڙن ملڪن ۾ جتي چيني رهن ٿا، ٻين شين سان گڏ، هوتلن ۾ نانگن، نوريئڙن ۽ ڪُمين جو گوشت عام طرح پچائي گراهڪ اڳيان پيش ڪيو وڃي ٿو. ڪوالالمپور، جوهور بارو ۽ پينانگ جهڙن شهرن جي ڪن خاص هوتلن ۾ جيئرا نانگ نظر ايندا. وڏا نانگ (Pythons) ملڻ تي اهي پڻ گراهڪن اڳيان حاضر ڪيا وجن ٿا. انهن جو اطلاع خاص ماڻهن کي اڳواٽ ڪيو وڃي ٿو. نانگ جا ڪجهہ حصا جسماني ۽ شهواني طاقت لاءِ ڪارگر چيا وجن ٿا. مثال طور نانگ جو تازو نڪتل رت، جيرو، مثانو (Gall Bladder) وغيره، جيڪي چيني نانگ

www.sindhsalamat.com

چلڻ وقت ڪچا کائين.

نانگ جي وات ۾ چھ ڏند ٿين ٿا. ٻہ مٿي، ٻہ هيٺ ۽ ٻہ تارونءَ ۾ جيڪي ڊاڪٽر جي سئيءَ وانگر سوراخ وارا، ڇھنبدار ۽ اندرين پاسي مڙيل ٿين ٿا. نانگ اهي ٻہ ڏند شڪار کي فقط بيهوش ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري ٿو. جيئن اهو پوءِ پچي نہ سگهي. نانگ جي وات جي چت ۾ لڳل ڳوٽرين ۾ زهر ٽئي ٿو جتان انهن تارونءَ وارن ڏندن ذريعي جسم ۾ انجيڪشن وانگر داخل ٽئي ٿو ۽ پنهنجينوعيت موجب دماغ، رت جي دوري ۽ دل وغيره تي اثر ڪري موت جو سبب بڻجي ٿو.

نانگ جي چڪ پائڻ ۽ ڏنگڻ ۾ فرق آهي. نانگ جلدي ۾ جڏهن ڪنهن کي چڪ هڻي ٿو تہ زخم مان فقط ٿورو رت نڪري ٿو جيڪو بعد ۾ سُڪي وجي ٿو ۽ ڳالهہ ختم ٿيو وڃي، يعني انساني جان بچيو وڃي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ مريض نانگ جي دهشت کانبيهوش ٿي وڃي، يا دل جو ڌڑڪو ٿي پويس، پر اها انسان جي پنهنجي نفسياتي نستائي آهي. جيڪڏهن نانگ پنهنجو زهر ڪنهن جي جسم ۾ داخل ڪري تہ ان کي ڏنگڻ چئجي ٿو. ان جي نشاني اها آهي تہ ان هنڌ تي نانگ جي ٻن ڏندن جا اونهـا نشان هوندا. جيڪڏهن نانگ تمام گهڻو زهريلو آهي تہ پوءِ هڪ ئي نشان هوندو. زخم سڄي پوندو. سور ٿيندو۽ اها جاءِ ڪاري يا نيري ٿي پوندي.

اهڙي صورت ۾ زخم کان گرانٽ ڪن مٿي ڇڪي ڪپڙو ٻڌجي جيئن زهر مٿي دل تائين نہ پهچي. پوءِ سٽيي پني يا چمڙي جي ٽڪر ۾ تنگ ڪري ان زخم مٿان رکي وات سان زهر چوسڻ کپي ۽ ان سان گڏ اهو ٽوڪاريندو رهجي. اهو ضروري آهي تہ چوسڻ واري وات ۾ ڪو ڦٽ ڦرڙي نہ هجي. مريض کي روئڻ هرگز نہ ڏجي ۽ کيس جاڳائي رکڻ کپي. دل جي تقويت لاءِ شراب جهڙي شيءِ هرگز نہ ڏجيس. جيسين مريض ڪنهن اسپتال تائين پهچي يا ڊاڪٽر اچي، اهي فرسٽ ايڊ جون ڳالهيون اهڙيون آهن جن کان هتي جا ماڻهو چگيءَ طرح واقف آهن.

نانگ جو زهر دوائن ۾ پڻ ڪم اچي ٿو. نانگ جي وات مان زهر نپوڙي ڪيڏ کي ڏهڻ (Milking) سڏجي ٿو. زهر ڏهڻ وارا ڪاريگر نانگ کي وات کان جهلي مٿي تي زور ڏيندا آهن تہ تارونءَ وارن ڏندن مان ٽيپو ڪن زهر جو ڳڙي اچي گلاس ۾ پوندو آهي. اهو زهر تمام گهڻو مهانگو وڪامي ٿو. فقط چمچو ٻہ هٽ ڪرڻ لاءِ پنجاهہ سٽ نانگ ڏهڻا پون ٿا.

ملائيشيا جي جهنگلن ۾ رهندڙ کي ماڻهو وڏي ۾ وڏا نانگ (ازدها) قاسائي شهر جي هوٽلن ۾ وڪڻن. ازدها قاسائڻ جو هنن وٽ سولو ۽ اڇت طريقو اهو آهي تہ شڪاري ڪنهن ڇيلي يا دنبي جي ڳچيءَ ۾ رسو ٻڌي پاڻ ڪنهن ڳوٺ ۾ لکي ويهندو آهي. نانگ ڇيلي کي جهلي ڳهڻ شروع ڪندو آهي. پوءِ جيئن ئي اهو سندس نڙيءَ تائين پهچندو آهي تہ شڪاري رسيءَ کي پاڻ ڏي ڇڪي نانگ کي جهلي وٺندو آهي. اهو وقت اهڙو هوندو آهي جو نانگ ڇيلي کي نہ اندر ڪري سگهندو آهي ۽ نہ ٻاهر ٽوڪاري سگهندو آهي. پوءِ شڪاري نانگ کي تکي ڪپ سان چيري ڇيلي کي آزاد ڪري ٻئي Python کي قاسائڻ جي ڪندو آهي.

1988 چينين لاءِ پاڻ پريو سال

جھڙي طرح يورپ ۽ آمريڪا پاسي، پھرين جنوري تي نئون سال وڏي ڏام ڏوم سان ملهايو وڃي ٿو. اھڙي طرح ھن پاسي-ڏُور اوپر جي ملڪن ۾، چيني ماڻھو پنھنجي نئين سال جا شروعاتي ٻہ ڏينھن وڏي ڏام ڏوم سان ملهائين ٿا. چينين جي نئين سال جي شروعات فيبروريءَ جي آخر کان ٿئي ۽ ضروري ناھي تہ ھر سال ساڳي ڏينھن يا تاريخ تي ٿئي پر ان جو مدار عيد وانگر چند تي آھي.

چينين جي نئين سال (New Year) تي ھتي اسان وٽ ملائيشيا ۾ پڻ ٻہ ڏينھن موڪل ٿئي ٿي ۽ چيني- جن جي آدمشماري تقريباً اڌو اڌ آھي، خوشيون ۽ شادمانا ڪن. متن مائٽن سان ملڻ وڃن. سنگاپور، ھانگ ڪانگ، تائيوان ۽ ٻين ملڪن ۾ تہ ان موقعي تي ايجا بہ وڏيڪ ھڪ ڏينھن موڪل ٿئي- ۽ ھيءَ ئي ھڪ موڪل آھي جنھن ۾ چيني ماڻھو دڪان ۽ ڏنڏو ڏاڙي بند رکن، نوان ڪپڙا پائين، گھمن ڦرن ۽ نچن ٽپن. نہ تہ سال جا باقي ڏينھن، ھيءَ محنتي قوم، جين جي وڳي ۾، ھر وقت پورھئي ۾ ئي رڌل رھي ٿي. ھيءَ موڪل ۽ ڪاج چينين لاءِ مذھبي حيثيت بہ رکي ٿو تہ تھذيبي ۽ ڪلچرل اھميت پڻ. چينين لاءِ ھيءَ موڪل ڄڻ عيد جي موڪل ھوندي آھي. چينين جو نئون سال نہ فقط انھن ملڪن ۾ ملهايو وڃي ٿو جتي چيني رھن ٿا، پر جيان ۽ ڪوريا جھڙا ملڪ ان ڏينھن تي موڪل ڪن. ھن سال تہ انھن ٻنھي ملڪن تڪليون ۽ سڪا پڻ جاري ڪيا.

ھڪ ٻي ڳالھہ اھا آھي تھ چينين جو ھر سال ڪنھن جانور سان سڏيو وڃي ٿو. جيڪو سال وري ٻارھن سالن بعد اچي ٿو. پوءِ ڪو سال ڪتي جو سڏيو وڃي ٿو تہ ڪو سھي جو، ڪو رڍ جو، تہ ڪو گھوڙي جو. اھڙي طرح

books.sindhsalamat.com

ڍڳي، ڪوئي، سوئر، نانگ، واگھہ، ڪڪڙ جا سال پڻ ھوندا آھن. ھر سال جي ان جانور مطابق، پنھنجي پنھنجي اھميت ۽ ڪرامت سمجھي وڃي ٿي. چينين جو اھو عقيدو آھي تہ ھر ماڻھوءَ جو پاڻ ان جانور جي سال ۾ جنم مطابق ٿئي ٿو- پوءِ ڪي ڳالھيون ڍڳي جي سال جون سڀيون سمجھيون وڃن ٿيون تہ ڪي گھوڙي يا نانگ جي سال جون. پر انھن سڀني ۾ بھتر سال Dragon (پرن واري ازدھا بلا) جو سمجھيو وڃي ٿو. ھيءُ ھڪ خيالي جانور آھي جنھن جو جسم ٽلھي بلا جھڙو ٿئي ٿو. ڪيس عقاب جھڙا چنبا ٿين ۽ سندس نڪ مان ھر وقت باھہ جا اُلا ۽ دونھون نڪرندو رھي ٿو. ھن آفت (Dragon) جو سال سڀ ۾ بھتر ۽ سڀل سمجھيو وڃي ٿو. ھن سال ۾ شادي ڪرڻ يا ٻار ڄڻڻ کي ماڻھو رحمت سمجھن ۽ ھن سال ۾ دڪان کولڻ ۽ ڏنڏو ڏاڙي شروع ڪرڻ برڪت جوڳي ڳالھہ سمجھي وڃي ٿي.

گذريل پنجن سالن کان آئون بہ چينين جي نئين سال جا جشن، ھتي ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ ڏسندو اچان. پر ھي سال _ جيڪو 17 فيبروري کان شروع ٿيو آھي، سڀ کان وڏيڪ جوش ۽ خروش سان ملهايو پيو وڃي. ھن سال کي "چيني دنيا" ۾ اھم سمجھيو وڃي ٿو. چاڪاڻ جو ھي سال چينين جو خاص سال (Dragon - Year) آھي. جنھن کي اڳھين ڏڻ ٻارن جو آھي اھو بہ چاھي ٿو تہ ڪيس ھڪ ٻار ھن سال ۾ پڻ ٿئي. پنھنجي چيني انجنيئر دوست، جنھن جي شادي بہ سال اڳ ٿي ھئي، کي چيم:

"چئبو تہ ٻار لاءِ ھن سال جو پئي انتظار ڪيئي؟"

کلي وراڻيائين: "ھا اھو تہ آھي ۽ اسان لاءِ ازدھا جي سال (Dragon - Year) ۾ جميل اولاد وڏي اھميت رکي ٿو پر ان سان گڏ مصيبت اھا آھي جو اڳتي ھلي اسکول جو وڏو مسئلو ٿي پوندو."

"اھو ڪيئن؟" مون پڇيومانس.

"ظاھر آھي، ھن سال ۾ ايترا تہ ٻار جمندا جو ھڪ اسپتال ۾ ڊليوري لاءِ داخلا جو مسئلو ٿيندو ۽ ٻيو پنجن سالن بعد اسکول ۾ داخلا لاءِ مقابلو

www.sindhsalamat.com

سخت ٿي پوندو."

ڀ ان ۾ ڪوشڪ ناهي ته چينين جو هي نئون سال شروع ٿئي اجا ٿي مهينا مس ٿيا آهن ته ملائيشيا، تائيوان، سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۾ ايترا ته ٻار جمڻ شروع ٿي ويا آهن جو اسپتال جو عملو جيڪو گذريل سال "سهي جي سال" ۾ آرام ڪري رهيوهو سو هاڻ ڏينهن رات ٻار جڻائڻ ۾ مشغول آهي.

ملائشيا ۾ باقي رهاڪو-مسلمان ۽ هندو، جيتوڻيڪ انهن ڳالهين ۾ يقين نٿا رکن، پر سندن ٻار اسڪول ۾ پاڙي ۾ چيني ٻارن کان سندن ان عقيدي جون ڳالهيون ٻڌي اثر ضرور وٺن ٿا- خاص ڪري سنگاپور، هانگ ڪانگ جهڙن ملڪن ۾ جتي چينين جي آبادي نَوي سيڪڙو تائين آهي. ويجهڙائيءَ ۾ سنگاپور ۾ پنهنجي بنگالي دوست شهاب الدين جي گهر ۾ رهيس، جتي سندس ننڍي پٽ کي اڪثر ماٽس سان ان ڳالهه تي جهيڑو ڪندي ڏٺم ته هن ڪيس ڪوئي جي سال ۾ چوڇٽيو. "مون کي هر وقت ڪلاس ميٽ اهوئي چون ٿا ته ڪوئي کي ته ڪڙ ۽ ردِ به ڪائي وڃي."

شهاب الدين مون سان اندر جو حال اوريندي چيو: "اهو ئي سبب آهي جو هاڻ آئون هتي سنگاپور ۾ وڌيڪ رهڻ بدران پنهنجي ملڪ بنگلاديش موٽي وڃڻ وڌيڪ پسند ڪيان ٿو، جتي اسان جو پنهنجو مذهب، زبان ۽ ڪلچر آهي. هتي سڄو ڏينهن چينين ۽ عيسائين جي ٻارن سان رهي منهنجي ٻارن جو وڃي دماغ خراب ٿيندو. ننڍو ته ننڍو پر وڏو به چوي ٿو ته ڪرسمس ڏي تي پاڻ ترڪي چونٿا رڌيون. چينين وانگر گڊ - لڪ لاءِ پاڻ Lion Dance چونٿا ڪرايون."

نوڪري يا واپار وڙي پنڌيان چيني سڄو سال پلي ٻاهر هجي پر نئين سال تي مائٽن مٽن سان اچي گڏ ٿيندو. هو سڄو سال توهان کي اوڏر تي شيون ڏينڊو، پر نئين سال شروع ٿيڻ کان اڳ چينيءَ جو قرض چڪائڻ ضروري آهي نه ته هو ان کي وڏو نياڳ سمجهندو. نئين سال جي شروع ٿيڻ

کان هفتو کن اڳ هرهڪ چيني پنهنجي گهر ۽ دڪان کي صاف ڪري ان کي رنگ روپ ڪندو. باقي نئين سال واري ڏينهن تي کو ڪم ڪرڻ بدران نوان ڪپڙا پائي ملڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ کي سنو سوڻ سمجهي ٿو. چيني تمام گهٽا وهمي، سوڻي ۽ وسوسي وارا آهن. نئين سال واري ڏينهن تي ٻهارو هٽ ۾ ڪٽڻ يا فرش ڌوئڻ کي هو سخت بدسوڻ سمجهن. ان ڏينهن تي ڪنهن ٽانوَ جو پڇڻ معنيٰ برڪت ۾ ڪوٺ- خاص ڪري آرسيءَ جو پڇي پوڻ ته ويتر خراب سمجهيو وڃي ٿو. ۽ نئين سال تي مٿو ڌوئڻ معنيٰ سڄي ياڳ کي ڌوئي ڇڏڻ. ساڳي طرح ان ڏينهن تي ڪپڙا ڌوئڻ، سڪائڻ يا ٻارن کي دڙڪا ڏيڻ پڻ خراب سمجهيو وڃي ٿو. نئين سال جي شروعات جا تي ڏينهن مڪمل آرام، خوشي ملهائڻ ۽ ملڻ ملائڻ جا سمجهيا وڃن ٿا.

جيئن عيد واري ڏينهن مسلمانن جي گهرن ۾ ماٺهو عيد مبارڪ چوڻ ايندا آهن تيئن Chinese New Year تي چيني دوستن جي گهرن ۾ سندن نئين سال جي مبارڪ ڏبي آهي- جنهن کي گانگ زي فاءِ چائي (Gong Xi Fi Chai)-يعني "نئون سال" مبارڪ ڇڄجي ٿو. چيني ميزبان، آيل مهمان اڳيان بسڪيٽ، ڪيڪ ۽ شربت وغيره رکندو آهي، جنهن مان هو ڪجهه کائي پوءِ ٻئي گهر وڃڻ لاءِ موڪلائيندو آهي. موڪلائڻ وقت ميزبان مهمانن جي ٻارن کي گاڏهن لفافن ۾ ڪجهه خرچي وجهي ڏيندو آهي جنهن کي چيني زبان ۾ آنگ_ پائو (Ang – Pow) سڏجي ٿو. هي چيني لفظ هاڻ رشوت طور پڻ استعمال ٿئي ٿو. هانگ ڪانگ، تائيوان، ڪوريا ۽ هن پاسي کو سرڪاري ڪم عام طرح نه ٿي سگهندو آهي ته چيو ويندو آهي ته بابا سرڪاري ڪامورن جي هٿ تي جيسين "انگ پائو" نه رکندين تيسين اهو ڪم نه ٿيندءِ.

نئين سال شروع ٿيڻ تي چيني سڄي رات وڻن ٽڪائن وارا ڦٽاڪا ٻارين. چيني عقيدي موجب نئين سال واري رات ڪيترائي بدروح ۽ شيطان ڏرتيءَ تي لهن ٿا جن کي هو انهن ٽڪائن ذريعي ڀڄارين ٿا. هنن جو چوڻ

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آهي تہ پوءِ سڄو سال انهن ٺڪائن واري گهر جي چائنٽ نہ ٿيندا.

منهنجي پاڙي ۾ ، اڇكلهہ ٻنهي پاسن كانچيني رهن ٿا. ٻنهي گهرن ۾ سڄي رات ڦٽاكن جا ٺكاءَ ٿيندا رهيا صبح جو كلي چيو مان:


"هك تہ ٺكائن سان سڄي رات مون غريب جي ننڊ ڦٽائي اٽانوَ ۽ ٻيو شيطان ٻہ مڙيئي اسان ڏي موكليا اٿوَ."

" اهو كيئن؟" پاڙي واري چينيءَ پڇيو.

"ظاهر آهي تہ پاڙي ۾ هك آئون ئي غير چيني آهيان. هن پاڙي ۾ لٽل شيطانن جو ٽولو توهان جي گهرن ۾ ڦٽاكن جي ڊپ كان گهڙڻ ٻدران منهنجي گهر گهڙي پيو هوندو ۽ هاڻ سڄو سال مون لاءِ ٻدنصيب ثابت ٿيندو."

چيني ماڻهو گهرن ۽ دكانن ٻاهران هك ننڍڙي گول آرسي ٻہ ان خيال كان هٽندا آهن جيئن ايندڙ شيطان يا بدروح گهر يا دكان ۾ گهڙڻ كان اڳ پنهنجو مُنهن آرسيءَ ۾ ڏسي، ڊڄي پڄي وڃي.


هن كان اڳ ازدها بلا جو سال (Dragon Year) ٻارهن سال اڳ 1976ع ۾ ٿيو هو ۽ ان كان اڳ 1964ع ۾. پر Dragon جي انهن مڙني سالن ۾ هي 1988ع وارو سال وڌيك بابركت ۽ اهميت وارو سمجهيو وڃي ٿو. چيني عقيدي موجب انن جو انگ زبردست پاڻ وارو ٿئي ٿو ۽ هن سال 1988ع جي انگ ۾ تہ هك نہ پر يكا ٻہ انا آهن. هن سال جي مڙني مهينن ۽ ڏينهن ۾ وري انين آگسٽ جو ڏينهن وڌيك پاڻ وارو چيو وڃي ٿو جو ان ڏينهن جي تاريخ ۾ يكا چار اَنا هوندا. يعني_ 8-8-1988.




جِنَ نائيءَ سان نور سياح كنوار جو پيءُ ڳالهائي رهيو آهي.



چينين جو ٻارهن جانورن جو Zodiac



هاٿيءَ ڪيلاڪائٽ جي شوق ۾ ڪار کي اونڌو ڪري ان هيٺيان کاريءَ ۾ رکيل ڪيلا کائي ڇڏيا.


Girl claims she 'married' a spirit


IT'S AGAINST MUSLIM LAW: SYARIAH COU


KUALA KANGSAR, Tues. — Haji Abdullah said Norsiah had violated Rule 155 (3) of
Perak chief kadi Haji Hasbul- Perak Islami
Haji Ahmad told the Syar-

ڪوالا ڪنگسار جي چوڪريءَ جي هڪ جِنَ سان شاديءَ جي خبر اخبارن ۾.

books.sindhsalamat.com

نئين سال واري ڏينهن وار ڏوئڻ معني پاڻ کي ڏوئي ڇڏڻ آهي





جپان ۾ اشتهار بازي لاءِ Toilet Papers پٽاستعمال ٿين ٿا.

www.sindhsalamat.com

ملائيشيا وارا چا ٿا چون...

ڪوالالمپور جي مشهور اخبار New-Straits Times جي آفيس جو ڏس ارشاد عباسيءَ کان پڇيم: ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو ننڍو پاءُ ارشاد ڪوالالمپور ۾ اسان جي پاڪستاني سفارتخاني ۾ اڇڪلهه پريس اٽيچي آهي.

"هتان جالان بنگسار وٽي وڃ. ميوزيم نگارا بعد ساڄي ونندڙ رستي جالان ماروپ تي هن اخبار جي عمارت نظر ايندءِ."

ملئي زبان ۾ رودِ يا رستي کي "جالان" سڏجي ٿو. جالان ماروپ معنيٰ شاهراهه ماروپ يا ماروپ رودِ. اهو ماروپ رودِ در اصل معروف آهي پر ملئي زبان ۾ پ ۽ ف ساڳيو سمجهيو وڃي ٿو.

"N. S T" آفيس ۾ مسٽر نئش پڻ آهي." هلڻ وقت ارشاد وڌيڪ ٻڌايو. "هو بيريتاهاريئان" ملئي اخبار جو نيوز ايڊيٽر آهي. ان سان پڻ ضرور ملجانءِ."

مسٽر نئش ملئي آهي سندس پورو نالو نصير الدين آهي پر قلمي نالو فقط Nash اٿس. ٿوري ديران وٽ وينس. پاڪستان ۾ تازو ٽيل الڪشن ۾ نئين وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو بابت پڇيائين.

"منهنجي خيال ۾ هن جهڙي آزاد ۽ منصفاڻي الڪشن جو مثال ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن ۾ تمام گهٽ ملندو. پاڪستان ۾ هڪ دفعو وري جمهوريت آئي آهي. شل هاڻ قائم دائم رهي."

"اسان پڻ خوش ٿيا آهيون." نئش وراڻيو. "هڪ مسلمان ۽ ايشيائي ملڪ کي ترقيءَ جي راهه تي ڏسي اسان ملئي مسلمان خوش ٿيون ٿا."

"اخبار ۽ ٽي وي ريڊيو تي جيترو اسان جي ملڪ کي توهان ڪوريج

books.sindhsalamat.com

ڏئي رهيا آهيو، ان مان پڻ توهان ملائيشيا وارن جو خلوص ظاهر ٿئي ٿو". مون چيومانس.

"ها سائين، بلڪل. در اصل مغربي پريس کان اسان وٽ ڪيتريون ئي خبرون اچن ٿيون، پر مغرب وارا ڪوٽي ڪوٽي اسان جهڙن ملڪن جون ڪمزوريون ئي ڏين ٿا يا قدڻ فسادن کي گهٽو نمايان ڪن ٿا. هونءَ به اخباري دنيا ۾ A Bad News is A Good News ڪٽي ڪنهن جو جهاز اغوا ٿيو، ڪٽي زلزلو آيو. ڪٽي ڏاڙو لڳو ته ان قسم جي خبرن-يعني خراب خبرن پنڌيان اسين اخبار نويس هوندا آهيون. پڙهندڙ ائين سمجندو ته الائي ڇا ٽي ويو آهي. هينئر ملائيشيا جي حڪومت سيڪيورٽي ائڪٽ ۾ ڪجهه ماڻهو اندر ڪيا. جن ۾ ملئي، چيني، انڊين - ملائيشيا ۾ رهندڙ ٽنهي قومن جا ماڻهو هئا، پر مغربي پريس ۽ ريڊيو هر وقت اها رڙ لڳائي ڏني ته ملائيشيا جي حڪومت فقط بي گناهه چينين کي جيل ۾ وڌو آهي، ان ڪري سڄي ملائيشيا ۾ ممڻ مچي ويو آهي. هاڻ ظاهر آهي ان قسم جون خبرون پڙهي ڏارين ملڪن جا ماڻهو اهوئي سوچيندا ته سڄو ملائيشيا نسلي فسادن ۾ وکوڙجي ويو آهي، پر پوءِ ڪوالالمپور پهچي اهو ڏسندا هوندا ته هتي ڪا به اهڙي ڳالهه ناهي. هر ڳالهه نارمل ۽ امن امان هيٺ آهي. ساڳي وقت مغربي پريس فقط چينين کي جيل ۾ وجهڻ جي خبر ڏيئي اهو چاهيو ٿي ته هتي جي چيني آدمشماري پريشان ٿئي ۽ ڪاوڙ ۽ نفرت مان وڌيڪ هنگاما ۽ فساد برپا ڪري. پوءِ اخبارن لاءِ وڌيڪ سوادي مواد ملي سگهي. ساڳي طرح توهان جي ملڪ پاڪستان بابت مغربي پريس اليڪشنڪان اڳ هڪ طرف ته اهو چيو ته صدر غلام اسحاق خان ۽ آرمي چيف جنرل بيگ آزادانه ۽ منصفانا اليڪشن ڪرائڻ جو وعدو ڪيو آهي. ساڳي وقت اخبارن اها به پريور قياسآرائي ڪئي ته فوجي اليڪشن هرگز ڪرڻ نه ڏيندا، ۽ جي اليڪشن ٽي به ته بينظير کي ڪڍهن به ڪٽڻ نه ڏيندا. پوءِ جڏهن خير خيريت سان اليڪشن به ٽي ويئي ۽ بينظير کٽي به ويئي ته پوءِ مغربي اخبارون اهائي اڳڪٿي

www.sindhsalamat.com

ڪندیون رهیون ته ڪیس پاور هرگز نه ملندو. اجهو ٿا ملڻريءَ وارا ٽيڪ اوور ڪن. هاڻ جڏهن آئيني طرح تمام سهڻي نموني سان وزيراعظم ۽ صدر جي چونڊ ٿي ويئي ۽ هر ڪم ائين ٿي رهيو آهي جيئن آمريڪا ۽ يورپ جي سڌريل ملڪن ۾ ٿئي ٿو ته به مغربي پريس کي ڳالهه نٿي وڻي. کوٽي کوٽي کا اهڙي ڳالهه ڪين ٿا جيئن ماڻهن ۾ بي يقيني ۽ خوف جو احساس پيدا ٿئي ۽ ملڪ ترقي ڪرڻ بدران مُنجهيل رهي. هاڻ وري صبح شام اهو ذڪر آهي ته بينظير لاءِ پاڪستان جهڙو ملڪ هلائڻ سولو ڪمناهي. هوءَ ناتجربيڪار آهي، هوءَ ننڍيءَ عمر جي آهي، هوءَ امير گهر جي آهي جنهن کي غريبن ۽ ڏٺڙيلن جو احساس ٿي نٿو سگهي. ملڪ مسئلن سان پريل آهي. پاڪستان جو پنجهتر سيڪڙو عوام جاهل آهي. ملڪ قرض ۾ وکوڙيل آهي. فوج تي تمام گهڻو خرچ ٿيندو رهيو آهي ۽ انهن جي بجيٽ تي سختي ڪندي ته آرمي وارا ڪاوڙجي ويندا ۽ وري مارشل لا ڄاڻ ته لڳو. پر اداڪ اسان دعا ڪريون ٿا ته توهان جو ملڪ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪري ۽ حڪومت جو نظام صحيح رهي. ڇاڪاڻ جو ملڪ جي خوشحاليءَ جو وڏو دارومدار ملڪ جي سياسي حالتن تي پڻ آهي."

مون سندس ٿورا مڃي موڪلايو ۽ مستقبل ۾ وڌيڪ ملڻ لاءِ اميد رکيم.

ساڳي بلڊنگ ۾ انگريزي اخبار "نيو استرئٽ ٽائيمس" جي ايڊيٽر ذڪر احمد وٽ آيس. هو ان وقت ڪنهن سان فون تي ڳالهائي رهيو هو.

ذڪر احمد افغانستان ۽ فلپين مان ويجهڙائيءَ ۾ ٿي آيو هو ۽ افغانستان جي مجاهدين ۽ ڏکڻ فلپين جي مسلمان باغين بابت هن جا قسطوار مضمون ڪجهه ڏينهن اڳ ٽائين اخبار ۾ اڇي ڇڪا هئا. ٻنهي ملڪن جا تفصيلي نقشا سندس آفيس جي پٽين ۽ نوٽيس بورڊ تي چنبڙيل هئا. پٽين تي ٻين ملڪن ۽ ٻيٽن جا پڻ نقشا هئا. انهن جي پر ۾ دنيا جي اهم شخصيتن جا ڪئميرا سان نڪتل فوٽو ۽ هٿ جي اسڪيچن جون

فوٽو ڪاپيون لڳل هيون. بچيل ڪچيل جاءِ تي اخبارن جون Cuttings هيون. مکيه ٽيبل، ننڍين ميزن ۽ ڪرسين ۾ انهن جي مٿان ملائيشيا ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جون تازيون آيل اخبارون ۽ رسالا هئا. جتي جتي جاءِ بچيل هئي اتي ڪتابن جا ڍڳ ۽ اڻ ٻڌل بنڊل هئا- جيڪي جائزو / تنقيد لکڻ لاءِ پبلشرن ۽ ادیبن طرفان موڪليل لڳا ٿي.

فون تي ڳالهائيندي ذڪنون مون کي ويهڻ لاءِ ڪرسيءَ ڏي اشارو ڪيو. سندس ڪرسيءَ کان علاوه ٻي اها ئي واحد ڪرسي هئي ۽ اها ئي جاءِ هئي جنهن تي آيل مهمان ويهي سگهيو ٿي. اها ئي هڪ ڪرسي هئي جنهن تي اخبارن يا ڪتابن جا ڍڳ رکيل نه هئا. ان ڪرسيءَ تي فقط ٿي ڪتاب ۽ چوٽين جو پوش رکيل هو. ڪرسيءَ تان اهي کڻي پنهنجي جهول ۾ رکي وينس. خالي پوش بينظير جي تازي ڪتاب "دي ڊاٽر آف ايسٽ" جو ڪور هو. ان ڪتاب جون چار قسطون ڪتاب چيڻ شرط هتي جي هن انگريزي اخبار ۾ اچي چڪيون هيون. ملائيشيا جي ماڻهن وڏي شوق سان هيءَ آتم ڪهاڻي پڙهي هئي. گذريل هفتي هن ڪتاب لاءِ مون ملاڪا ۽ ڪوالالمپور جي بڪ استالن تان معلوم ڪرايو هو پر خبر پئي ته اهو ڪتاب ايڏا ملائيشيا ۾ نه آيو آهي. آڻون ڪتاب جي پوش کي وري اٽلائي پٽلائي ڏسڻ لڳس ته اسان واري ملڻي يار ذڪنون ڪتان ورتو آهي، پر خبر نه پئجي سگهي.

فون ختم ڪرڻ ۽ ڪيڪار ڪڍيءَ بعد ان ڪتاب بابت پچيومانس.

ذڪنون ڪلندي وراڻيو: " خبر اٿئي، ڏينهن رات هڪ ڪري سڄو ڪتاب پڙهي ان کي اخبار لاءِ مختصر ٻڌايم. مون سمجهيو ته ان بعد اهو ڪتاب انعام ۾ جڻ منهنجو ٿيو، پر خبر ناهي ڪير کڻي ويو آهي. پڻيان فقط هي ڪور ڇڏي ويو آهي. ٻلا ڪتاب جو اختصار اسان واري اخبار ۾ ڪيئن لڳو؟"

"فوٽن سميت توهان ڏاڍو سڻي طرح پيش ڪيو." مون ڪيس داد ڏنو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

”مون تہ اخبار ۾ سجو ڪتاب هلائڻ چاهيو ٿي. پر ڪتاب جي پبلشرن (لنڊن جي اداري) هڪ باب جا هڪ هڪ هزار پائونڊ ٿي گهريا، جيڪا رقم اسان کي تمام گهڻي لڳي. پوءِ نيٺ ان ڳالهہ تي رضامندو ٿيو تہ هو اسان کان ڪو به معاوضو نہ ونڊندا- جيڪڏهن اسين ان جون فقط چار قسطون ڏيون. انهن ۾ مون مئلهہ بينظير جي شادي ۽ پاڪستان ۾ موٽڻ واري باب جي خاص طور چونڊ ڪئي. انهن قسطن جي عيوض اسان ٻي ويءَ تي ان ڪتاب جي اشتهار هلائڻ جو ذمو ڪنيو.“

ملائيشيا هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن ۾ چيني، ملئي ۽ انڊين- ٽي قومون رهن ٿيون. اخبارن جا نمائندا گهڻو ڏوهتي جا انڊين باشندا آهن- يعني هن ملڪ جا اهي رهاڪو جن جا ڏاڏا پڙ ڏاڏا اصل انڊيا کان لڏي آيا . اڄ جي ڏهي جيتوڻيڪ هتي جي ملئي زبان ۽ ڪلچر ۾ رسي بسي ويئي آهي ۽ هاڻ واپس هندوستان موٽي وڃي رهڻ تہ چا پر گهمڻ لاءِ هفتو ٻہ به لاچار ڪو وڃڻ لاءِ تيار ٿين، پر ان هوندي به سندن ڏهني پاڙون ان پَٽَ ۾ آهن جتان ڪان هنن جا وڏا آيا. بقول پاڪستان ايمبيسيءَ جي اڳوڻي پريس سيڪريٽري وڪيل ملڪ جي ”ملائيشيا جي انڊين جي همدردي هميشہ هندستان سان رهي آهي- خاص ڪري جڏهن پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ ڪا ڳالهہ اچي ٿي تہ هو هندستان جو سڻن لفظن ۾ ذڪر ڪن ٿا.“ پر ان حال ۽ ان ملڪ ۾ ڏئنون ۽ نئش جهڙا ملئي مرد مجاهد آهن جي حق جي صدا بلند ڪن ٿا ۽ پاڪستان کي ان جي لائق عزت ڏين ٿا.

هتي جي اخبار ۾ محترمہ بينظير جي ان ڪتاب جون قسطون چپڻ بعد ڪيترائي ڏينهن آفيسن، جلسن، بس استاپن، مارڪيٽ، بازارن ۾ هتي جا ماڻهو اڪثر پنهنجا رايا ڏيندا رهيا. اجا تائين نئون ٽيندڙ واقف ڪار هڪدم اخبار ۾ چپيل انهن قسطن ڏانهن اشارو ڪري ٿو: ”مون توهان جي وزيراعظم بابت پڙهيو آهي.“

اهي ڳالهيون جن مان هتي جا ماڻهو بيحد متاثر ٿيا آهن، انهن مان

ڪجهہ هن ريت آهن:

بينظير هڪ مسلمان عورت ٿي تمام گهڻو پڙهيل ڳڙهيل آهي. ۽ هتي جون مسلمان ملئي چوڪريون وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ- خاص ڪري ولايت جي يونيورسٽين ۾ داخلا ونڊ لاءِ مائٽن کي هميشہ بينظير جو مثال ڏين ٿيون.

بينظير هيڏو پڙهيل ۽ امير گهر جي هجڻ باوجود به مٿي تي پوتي رکي ٿي. (هونءَ ملائيشيا جي نئين ٽهيءَ جون چوڪريون جيڪي تمام گهڻيون مذهبي آهن مٿي تي Todong (پوتي يا رومال) رکڻ کي نيڪي سمجهن ٿيون.)

بينظير هيترو پڙهيل ۽ مادرن ٿي ڪري مائٽن جي صلاح تي شادي ڪئي.

بينظير ۽ برطانيا جي وزيراعظم مارگريٽ ٿيچر ۾ گهڻي هڪجهڙائي آهي پر سندن مڙسن ۾ نہ آهي.

بينظير جيڪا هڪ وڏي خاندان ۾ پيدا ٿي ۽ آرام جي زندگي گذاريائين ان لاءِ جيل ۽ ملڪ بدر رهڻ جون سختيون سهڻ هتي جي ماڻهن لاءِ هڪ عجيب ۽ وڏي ڳالهہ لڳي ٿي ۽ اهي ڳالهيون محترمہ بينظير کي هتي جي ماڻهن جي نظر ۾ عظيم بنائين ٿيون.

مون سان گڏ ٻين به ڪيترن ئي ڏارين ملڪن کان آيل جهازن جا ڪئپٽن رهن ٿا. انڊيا جي جهازن جا ماڻهو بينظير جا اندرا گانڌيءَ بابت هي رمارڪ پڙهي بي حد گهڻو ڪليا اتہ اندرا کي ڪانگريس وارن پهرين Goongi – Gaen (گونگي گانءِ) سمجهيو ٿي، پر پوءِ ڪين خبر پيئي تہ هيءَ عورت رڪ ۽ لوهہ جي ٺهيل آهي.

هتي رهندڙ هڪ انڊين ڪئپٽن جي زال کي البت بينظير ۽ سندس ڪتاب جي ملائيشيا ۾ هلندڙ هاڪ نہ وٺي، تنهن پنهنجي اندر جو ساڙ هڪ

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فنڪشن ۾ ائين چئي ڪيو تہ "بينظير اسان جي اِندار کي فالو ڪري ٿي."

جنهن جي جواب ۾ هتي جي هڪ ملئي عورت چيس: "اندرا بہ تہ ضرور ڪنهن رضيہ سلطانہ کي فالو ڪيو هوندو."

نالن جو تڪرار

ملائيشيا ۾ ملسمانن جا ڪي نالا اهڙا آهن جن لاءِ هتي جي ڪن مُلن کي اعتراض آهي تہ اهي ائين نہ هئڻ کپن. شايد ان کي ڏيان ۾ رکي هتي جي واسطيدار سرڪاري ڪاتي هڪ اهڙو بيان جاري ڪيو آهي، جنهن ۾ انهن نالن جي فهرست ڏني آهي، جيڪي مسلمانن کي نہ رکڻ کپن. ڪن نالن جي چوند، لڳي ٿو تہ تڪڙ ۾ ڪئي ويئي آهي ۽ انهن جي رکڻ يا نہ رکڻ سان اسلام ڪنهن بہ طرح خطري ۾ نٿو پوي. بهرحال ملائيشيا ۾ پريس جي آزادي ڪافي حد تائين آهي ۽ ماڻهو پنهنجي خيالن جو اظهار آزاديءَ سان ڪن ٿا. مٿئين عنوان تي اخبارن ۾ پڙهندڙن جا ڪيترائي خط ڇپيا آهن. پيتالنگ جايا (ڪوالالمپور جي پرسان هڪ شهر) مان امير عليءَ جو خط ڪافي دلچسپ، معلوماتي ۽ فڪر انگيز آهي. پنهنجي پڙهندڙن لاءِ ان مان ڪجهہ حصو ترجمو ڪري موڪليان پيو. جيڪو هن ريت آهي:

"حڪومت طرفان مسلمانن لاءِ جيڪي نالا نہ رکڻ جي فهرست ٺاهي ويئي آهي ان ۾ اهي نالا پڻ آهن جن جي اڳيان يا پويان Nurul نورل يا Wati واتي لفظ اچي ٿو. يا اهي نالا جيڪي جانورن، پاڇين ۽ ميون جا آهن يا مزاحيہ آهن ... يا شين جا نالا آهن (جهڙوڪ: ڪپڙن، ڳهن وغيره جا.) ۽ خاص ڪري سيد ۽ شريفان جهڙا نالا جيڪي هر هڪ کي رکڻ کان منع ڪئي ويئي آهي.

(ملائيشيا ۾ نورل سان شروع ٿيندڙ ڪيترائي نالا آهن. جهڙوڪ نورل هدا، نور عابده ۽ Wati لفظ پڻ هتي ملائيشيا ۽ انڊونيشي جي مڙني ٻيٽن تي ائين مشهور آهن جيئين پاڻ وٽ بيگم يا بانو.)

عوام کي حڪومت طرفان آگاهہ ڪيو ويو آهي تہ Nurul نورل

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

معنيُ "دوزخ" آهي ۽ Wati جي معنيُ "زنا" يا لاڳاپو رکڻ آهي. واسطيدار عملدارن جو چوڻ آهي ته هنن کي ان ڳالهه جو اختيار آهي ته هو ان قسم جا منع ڪيل نالا جهر جي وقت رجسٽر ڪرڻ کان انڪار ڪن. جيتوڻيڪ ان جي وضاحت نه ڪئي آهي ته اها "اختياري" آيا کين قدرت طرفان ڏني ويئي آهي يا حڪومت طرفان.

ننڍي کنڊ جي مشهور فيلسوف ۽ شاعر علامه اقبال پنهنجي شعر ۾ نوري ۽ ناريءَ جا لفظ "سوجهرو" ۽ "اونداهه" لاءِ استعمال ڪيا آهن. ٽين ملائيشين آرٽلري ريجيمينٽ جي مذهبي استاد محمد تراويس جو چوڻ آهي ته نورل (Nurul) معنيُ روشني ۽ نارل (Narul) معنيُ دوزخ. جنهن جي، شهر جي قاضيءَ پڻ تصديق ڪئي آهي.

قرآن ۾ پڻ "النور" (روشني) عنوان سان هڪ ڏگهي سوره (نمبر چوويهون) آهي. پر سرڪاري ڪاتي ۾ ڪم ڪندڙ اسان جي يارن جو ارشاد آهي ته نورل (Nurul) معنيُ دوزخ. ۽ هي اهي ماڻهو آهن جيڪي دعويُ ڪن ٿا ته ڪين مسلمانن جي رهنمائي ڪرڻ جو اختيار مليل آهي.

نور مان ٺهيل لفظ مسلمان دنيا ۾ تمام گهڻو مشهور آهن. آرام پسند مغل شهنشاهه جهانگير پاران جيڪا راڻي صاحبه تان تان ڪندي هئي اها نورجهان جي نالي سان سڏي ويئي. يعني "دنيا جي روشني" ۽ ڪوالالمپور ۾ تنڪو عبدالرحمان روڊ تي هڪ دڪانداريءَ جو نالو پڻ نور جهان آهي.

جانورن جا نالا: فخر محسوس ڪندڙ پيءُ، سعودي عرب جي بادشاهه عبدالعزيز پنهنجي پٽ ۽ ڌار کي واگهه (ٽائيگر) چوڻ چاهيو ٿي، ان ڪري هن جو نالو رکيائين فهد. اسين لحاظ خاطر نٿا چئون، پر اها حقيقت آهي ته بادشاهه فهد هڪ نيڪ ۽ سچو مسلمان آهي. ان سان گڏ هو عرب آهي ۽ ڪيس سندس نالي جي ضرور جاڻ هوندي ته اهو جانور جو نالو آهي. اهو نالو جيڪڏهن غير اسلامي هجي ها ته ڪعبته الله جو نگهبان پڪ ٻيو نالو

books.sindhsalamat.com

اختيار ڪري ها. پر هن ته ائين نه ڪيو. اهڙي طرح ٻيا به ڪيترائي مسلمان آهن جن جا نالا جانورن جا آهن.

اسلام جو پنجون خليفو معاويا (لومڙ) سڏجي ٿو. اسلامي دنيا جو زنده عالم جنهن جو قرآن جو ترجمو ۽ تفسير اڄ جو بهترين سمجهيو وجي ٿو، محمد اسد جي نالي سان جاتو سڃاتو وجي ٿو ۽ "اسد" جي معنيُ "شينهن" آهي.

اسلام جو ٻيو خليفو، جڏ جو تکو حضرت عمر رضه کي ڏيءَ جمڻ وقت شايد قدرتي طور دل ۾ آيو ته سندس ٻار به هن وانگر تکي طبيعت جو ٿيندو جو هن جو نالو حفصه رکيائين- جنهن جي معنيُ آهي شينهڻ. هوءَ اڳتي هلي اسان جي نبي ڪريم ﷺ جي گهرواري ٿي، جيڪو ڪيس مرڪندي ان نالي سان سڏيندو هو.

پر هاڻ اسان کي آگاهه ڪيو ٻيو وجي ته جانورن جا نالا مسلمانن کي رکڻ نه گهرجن.

ڪپڙن جا نالا: دنيا جي دولت کان لاپرواهه صوفي ازم جو پرچار ڪندڙ اسان جا مذهبي رهنما پنهنجي جسم کي رڳو ڪڌر جي ڪپڙي سان ڍڪيندا هئا. عربي لفظ صوفي جي معنيُ اُن آهي جنهن مان اهو ڪپڙو ٺهيل هوندو هو. ان مان لفظ صوفي ٿيو. هاڻ انهن صوفين کي پڪ اسان کان وڌيڪ اسلام جي جاڻ هوندي، پر هنن ته ڪڏهن به پنهنجو پاڻ کي "ڪپڙي" جي نالي سان سڏائيندي عيب يا عار محسوس نه ڪيو ته ٻوءِ اڄ اسان کي ڇو هئڻ ڪپي.

ان کان علاوه ٻيا به ڪيترائي عربي نالا آهن جيڪي جانورن تان کنيا ويا آهن. جهڙوڪ نون (مڇي)، جلل (هڪ گاهه جو قسم)، قلم (لکڻ جي ڪلڪ)، ويندي اٽ، ڍڳي ۽ ٻڪري- جن جي قرباني ڪئي وجي ٿي. اسلامي دنيا ۾ ڪيترائي نالا پکين جا آهن. ڪبوتر کان باز يا گلن ۽ وٽن جا نالا آهن. سامونڊي سپن ۽ تارن جا نالا آهن .... ۽ جڏهن اهي نالا سيني اسلامي

www.sindhsalamat.com

ملڪن ۾ عام آهن ته پوءِ هتي ملايئشيا ۾ اهڙن نالن تي ڇو هاءِ گهوڙا ڪئي پئي وڃي.

مزاحيہ نالا: خدا جو هڪ بندو جنهن جو اصل نالو محمد بن اسماعيل هو. بعد ۾ اسلامي دنيا ۾ امام بخاريءَ جي نالي سان مشهور ٿيو ڇوجو هو بخارا شهر ۾ ڄائو هو. منهنجو هڪ پائيٽو جيڪو ڄائو ته هتي ملائيشيا ۾ آهي پر هو پڻ بخاري سڏائي ٿو. اهڙن نالن تي پلي ڪي ماڻهو ڪلن پرائين سڏائڻ نہ غير اسلامي ڳالهه آهي ۽ نہ اهو ڪنهن کي نقصان رسائي ٿو.

اٽڪل هزار سال کن اڳ، ايران ۾ ابراهيم نالي هڪ بزرگ پيٽ قوت لاءِ تمبو ناهي وڪڻندو هو. ان کري ماڻهو کيس ابراهيم خيام يعني ابراهيم خيما ناهيندڙ سڏيو. سندس پٽ عمر به پاڻ کي خيام سڏائڻ لڳو. جيڪو دنيا ۾ شاعريءَ ۽ حساب ڪتاب ۾ مشهور ٿيو.

اسلامي دنيا ۾ ڪيترائي عمر خيام آهن جن کي تنبو ناهڻ جي بنيادي طريقن جي به ڄاڻ ناهي پر ته به هو ان نالي مان خوش آهن. ماڻهو ڪٽي اهڙي نالي کي مسخري سمجهن پر جيستائين اهڙن نالن مان ڪا گار يا گناهه مقصود ناهي ته ڪنهن کي ڇو اعتراض هجڻ کپي.

زيور جواهر: ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته ملائيشيا جي مذهبي ڪاتي هيرن جواهرن جي نالن تي پڻ بندش وڌي آهي. مثال طور لعل، جواهر، جوهر، جوهري وغيره. رحمدل خالد جي ماءُ ۽ بادشاهه فيصل جي زال جو نالو جواهره هو. مون کي حڪومت جي ان اوچتي ايجاد تي تعجب لڳي ٿو ته اهي نالا غير اسلامي آهن.

گاريالا نالا: ملائيشيا ۾ جيڪي نالا بليڪ لسٽ ڪياويا آهن انهن ۾ واتي (Wati) پڻ آهي. اها حيرت جي ڳالهه آهي ته اسان جا غير عرب اختياريءَ وارا حاڪم "واتي" لفظ عربيءَ جو تصور ڪري منجهائنس گندو مفهوم ڪڍن ٿا. ان کري ملئي مسلمانن کي پنهنجي ڏيءُ جو نالو واتي

books.sindhsalamat.com

رکڻ کان جهلين ٿا.

ملئي زبان ڳالهائيندڙ دنيا ۾ - جنهن ۾ ملائيشيا، برونائي ۽ انڊونيشيا جا سمورا ٻيٽ اچي وڃن ٿا، سنسڪرت جو تمام اونهو اثر آهي. اڄ جو ڪو مسلمان ان حقيقت کان پلي انڪاري ٿئي پر هيءَ سنسڪرت ئي ته آهي: پتالنگ جايا کان ڪوٽا بارو (ملائيشيا جا مشهور شهر) ۽ مڏرا (انڊونيشيا جe شهر) تائين. پرڏان منتري (وزيراعظم) کان لکسامانا (نيول چيف) تائين. ان کان علاوه بومي پترا، بنگسا، پاشا جيوا وغيره سنسڪرت جا ئي thلفظ آهن جيڪي ملئي زبان جو حصو بڻجي ويا آهن. واتي لفظ پڻ انهن مان هڪ آهي جيڪو هتي جي سيني ٻيٽن ۽ پَٽن تي نالي طور استعمال ٿئي ٿو. رتنا واتي، نور واتي، ثريا واتي، ارينا واتي، سوارگا واتي نالن جو ڪو به اسان جي ملئي دنيا ۾ زنا يا ميلاپ (Intercourse) سان واسطو ناهي- سماجي توڙي جنسي طور. هن پاسي جا ڪيترا مسلمان سلطان ۽ بادشاهه آهن جن جي مقبري تي هيءَ لکڻي عام نظرايندي: Swarga Wati "سرگ جو رهواسي" -جنتي، يعني جنت ۾ جاءِ هجيس.

ڪيترا لفظ مختلف زبانن ۾ مختلف معنائون رکن ٿا. يا ٿوري ڦير ڦار سان اچارڻ سان ساڳي ٻوليءَ ۾ مختلف معنائون رکي سگهن ٿا.

عربيءَ جي لفظ "غائب" (اڻ ڏٺل)، جي معنيٰ سني به آهي ته مختلف حالتن ۾ قبيح پڻ. "علي" عربي زبان ۾ پلو، اشراف، اعليٰ آهي پر تامل زبان ۾ ان جي معنيٰ بي آهي، ڪويتي فٽبال راندين جو صلاح (Salah) هن لاءِ ڪٽي صحيح هجي پر ملائيشين لاءِ غلط آهي. (ملئي زبان ۾ Salah معنيٰ غلط.)

جڏهن توهان HAI چئو ٿا ته ڪجهه ماڻهو ته ان کي ڪيڪار سمجهن ٿا، پر ڪيترين ئي چيني عورتون اهو ٻڌي شرمائجي وڃن ٿيون جو چيني زبان ۾ اها گار آهي. اهڙي طرح پٽو پاڪستان جي باعزت خاندان جو نالو آهي پر ملائيشيا ۾ اهو نالو شايد ڪو به نہ رکي.

www.sindhsalamat.com

اهڙي طرح واتي اسان وٽ ملائيشيا ۾ سنو نالو سمجهيو وڃي ٿو جو ان جي هتي سڀي معنيٰ آهي. عربيءَ ۾ پڻ اهڙو لفظ آهي ۽ ان جي معنيٰ چا آهي ان سان اسان جو کهڙو واسطو. اسان کي عرب ته نه آهيون. اسان جو ته اهو حال آهي جو کيترائي عربيءَ جا آسان ۽ روزمره جي زبان ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ به چگيءَ طرح ڄاڻهائي نٿا سگهون. علي، عليم، عالم جهڙا لفظ به صحيح طرح اچاري نٿا سگهون. انهن جي معنيٰ ڄاڻڻ ته ٿي ڏورانهين ڳالهه.

نيوز رپورٽ ۾ اهو پڻ ڄاڻايو ويو آهي ته جن جو سيد يا شريفان لقب (ذات) ناهي اهي پنهنجن ٻارن جو نالو يا ذات اها نٿا رکي سگهن. يعني جيکي حضور صلعم جن جو اولاد آهن اهي ئي پاڻ کي سيد سڏائين. حضور صلعم جن کي کو به پوتو پڙپوتو نه ٿيو. ڏيءُ بيبي فاطمه جيکا اڄ کان چوڏهه سؤ سال اڳ گذاري ويئي ان جو اولاد سيد سڏائي سگهي ٿو. هاڻ کنهن لاءِ کيئن خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته هن جو شجرو واقعي حضور صلعم جن سان ملي ٿو. کنهن وٽ ان جو تفصيلي رکارڊ آهي.

دنيا ۾ انيڪ ماڻهو آهن- مسلمان به ته غير مسلمان به جن جو نالو لقب يا ذات سيد، سعيد، سيدنا، شريفان، شريفاح آهي. کيترا ماڻهو آهن جن جي ماءُ، نانو يا ڏاڏي چيني يا جپاني هئي. ويندي انهن جي پيءُ جي ٻا ته به هو چوڪرو پاڻ کي بيبي فاطمه جو اولاد سڏائي ٿو ان کري جو هن جي پيءُ يا ڏاڏي جو نالو يا ذات سيد هئي.

بي دلچسپ ڳالهه اها ته کيترا غير مسلمان پاڻ کي سيد جو لقب يا ذات سان سڏرائي، ماڻهن کي اهو ٻڌائڻ چاهين ٿا ته هو ته حضور صلعم جن جو اولاد آهن، وتن غير اسلامي کم کندا.

سيد علي محمد اها ئي دعويٰ کئي ٿي ته هن جو پيءُ توڙي ماءُ جو شجرو حضور صلعم جن سان ملي ٿو. سادي عقل وارا ماڻهو حضور صلعم جن جي کري کين ايڏي عزت ڏيڻ لڳا جو هو ماڳهين مٿي تي چڙهي ويو.

پهرين پير درويش ۽ پوءِ ماڳهين "نبي" (توبهه نعوذ باللّٰه) سڏائڻ لڳو ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ کي اسلام کان ڌار کري هن هک نئون مذهب "بهائي (Bahaism) شروع کيو. هن جو اولاد ۽ پوئلڳ به پاڻ کي سيد ۽ شريفان سڏائين ٿا.

اهڙيءَ طرح ٻيا به کيترا سيد آهن جن جو شجرو واقعي حضور صلعم جن سان ملي ٿو يا نه پر اسان ماڻهو پنهنجي پلاري نبيءَ صلعم جن جي کري هنن کي جڏهن عزت ۽ اهميت ڏيون ٿا ته هو ماڳهين ايڏو تانءَ ۾ اچيو وڃن جو نماز ۽ روزي جهڙو اهم کم به وساريو ويٺين- جنهن لاءِ اسان جو نبي سڳورو آخر تائين تلقين کندو رهيو ته قائم رکو. هو پنهنجن وڏن جي قبرن کي روزگار جو ذريعو بڻائي ماڳهين شرڪ ۽ بدعتون پکيڙيو وينا آهن.

ملائيشيا هاڻ اهڙن نت نون ۽ Instant مذهبن، کوڙن پيغمبرن، پيرن ولين کان پاڪ آهي. حڪومت کي سيد وغيره جي چڪر ۾ وري پراڻا باب نئينءَ سئينءَ اٽلائڻ نه گهرجن.

هونءَ ته کنهن به مسلمان لاءِ ڏوهه يا گناهه ناهي جيڪڏهن پنهنجن ٻارن جو نالو يا ذات سيد يا شريفان رکي. اسان جي نبي سڳوري ته مسلمانن جي ايتري قدر همت افزائي کئي ته هو پلي پنهنجن ٻارن جو نالو محمد رکن. ۽ محمد جي پيٽ ۾ سيد يا سيدنا لفظ چا حيثيت رکن ٿا.

در اصل اسلام ۾ ته نالن ۽ ذاتين، ريتن ۽ رسمن، رتبن ۽ درجن کان هرهڪ جون پنهنجون نيتون ۽ اعمال وڏيڪ اهميت رکن ٿا. اسلام ۾ اهو حڪم ٿيل ناهي ته پنهنجن ٻارن جا نالا عربي يا کنهن بي خاص زبان ۾ رکو. اسلام ۾ انسان جي عبادت ۽ اعمال اهميت رکن ٿا ۽ اهو انسان اللّٰه جي وڏيڪ ويجهو آهي جيڪو چگڻا کم کري ٿو، جيڪو نيڪ ٿي هلي ٿو— جيڪو متقي آهي يعني جنهن جي دل ۾ خدا جو خوف آهي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪئپٽن جو غائب ٿيڻ...

ملئي ماڻهن ۾ پرائي پچار تمام گهڻ آهي. هروپرو ڪنهن جي ڳِلا نہ ڪندا ۽ نہ ٻڌل ڳالهہ کي مرچ مسالا هڻي پيش ڪندا. ڪنهن ڳالهہ جي ڪين خبر هوندي تہ بہ پچڻ تي نتائي ويندا. يا جنهن ماڻهوءَ جي ڳالهہ هوندي ان کان ئي پچڻ لاءِ چوندا جيئن هو پنهنجي ڳالهہ پاڻ صحيح طرح ٻڌائي. پاڻ پنهنجو تبصرو يا راءِ ڏيڻ کان پاسو ڪندا.

اها حقيقت آهي تہ هڪ جي ڳالهہ ٻئي جي واتان ٻڌڻ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ تبديلي ضرور اچيو وڃي ۽ چوٿين پنجين ڏر تائين پهچڻ ۾ اها ڳالهہ اصل شڪل صورت کان ڦريو وڃي.

مثال مشهور آهي تہ ڪنهن عورت کي آفيس ۾ اپڙڪو آيو. پر ۾ وينل عورت پنهنجي ٻي ساهيڙيءَ کي ٻڌايو: "فلاڻيءَ صبح ساڻ التي ڪئي آهي."

اهڙيءَ طرح ٻيءَ ٽيءَ کي چيو: "فلاڻيءَ کاري التي ڪڍي آهي."

ٽيءَ چوٿينءَ کي ٻڌايو: "فلاڻيءَ کانگ جهڙي کاري التي ڪڍي آهي."

چوٿينءَ پنجينءَ کي ٻڌايو: "فلاڻيءَ جي پيٽ مان کارو کانگ نڪتو آهي."

هونءَ جتي اهڙي کا ڳالهہ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ مختلف زبانون ڳالهائيندڙن ذريعي پهچي ٿي تہ اصل ڳالهہ جي شڪل اڃا بہ وڌيڪ بدلجيو وڃي.

اسان جي آفيس جي هڪ ڊپارٽمينٽ ۾ پڻ هڪ دفعي ائين ٿيو.

books.sindhsalamat.com

جنرل مئنيجر طرفان هتي جي قومي زبان ملئي ۾ هڪ سرڪيولر هر کاتي ۾ موڪليو ويو تہ. هر کاتي مان ان ماڻهوءَ جي چونڊ ڪري انعام لاءِ نالو موڪليو وڃي جيڪو سڀ کان گهٽو ڪم ڪري ٿو.

چيني مترجم چوڪريءَ اهو ملئي سرڪيولر چيني زبان ۾ ترجمو ڪري چيني هيڊ ڪلارڪ کي ٻڌايو، جنهن انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري پنهنجي يورپي باس کي ٻڌايو. هاڻ خبر ناهي ڪنهن ڪٿي غلط ترجمو ڪيو يا غلط سمجهيو جو باس کي اهو نياپو ڪيو ويو تہ انعام لاءِ اهڙي ماڻهوءَ جو نالو موڪليو جيڪو آفيس ۾ گهٽو عرصو رهيو آهي يعني سڀ ۾ پراڻو آهي. نتيجي ۾ سيني کي تعجب لڳو جڏهن ان کاتي ۾ گهٽي ڪم ڪندڙ جو انعام هڪ سست ۽ ڪاهل ماڻهوءَ کي مليو.

هڪ ٻئي تائين نياپو پهچائڻ جو وڏو مسئلو انهن جهاز تي ٿئي ٿو جتي مختلف زبانون ڳالهائڻ وارو عملو آهي. ٻاهران انگريزيءَ ۾ نياپو ايندو، ڪئپٽن ان جو ذڪر اڙدوءَ ۾ پنهنجي چيف آفيسر سان ڪندو. اهو پنهنجن هيٺين آفيسرن کي پنجابي يا سنڌيءَ ۾ ٻڌائيندو ۽ جي اهو نياپو خلاصين لاءِ آهي تہ معنيٰ سرنگ (خلاصين جو انچارج) ڪچي يا مڪراني هوندو تہ خلاصي پٽاڻ.

هڪ اهڙو دلچسپ قصو ناروي جي هڪ جهازران ڪمپنيءَ جي نيوز ليٽر ۾ ڇپيو آهي. اتي جي جهازن تي آفيسرءِ خلاصي نارويجن، سئيڊش، جرمن، پوليش ۽ فلپينو وغيره ٿين. نياپي جو ردو بدل هن ريت آهي:

ڪئپٽن جو نياپو چيف آفيسر لاءِ: سياڻي صبح ساڻ نائين بجي ڏاري سج گرهڻ ٿيندي. هيءَ هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا ڏاڍي نٽي ٽئي. سو خلاصين کي اطلاع ڪجانءِ تہ هو پلي ڪنهن شانائتي ڊريس ۾ ڊيڪ تي اچي ٻيهن جيئن هو اها ڏسي سگهن. قدرت جو هي هڪ عجيب نظارو کين سمجهائڻ لاءِ آئون پاڻ هلي ايندس. جيڪڏهن ان وقت مينهن پيو تہ پوءِ

www.sindhsalamat.com

سج گرهڻ چئيءَ طرح ڏسي نه سگهبي. ان حالت ۾، خلاصين کي ميس روم ۾ گڏ ٽيڻ لاءِ چئجانءِ."

چيف آفيسر جو نياپو سيڪنڊ آفيسر ڏي: ڪئپٽن جي حڪم مطابق سياڻي صبح جو نائين بجي سج گرهڻ ٿيندي. جيڪڏهن مينهوءَ ڪي ٿي پيئي ته پوءِ اسين اوچا ڪپڙا پائي ڏيڪ تان ان کي چئيءَ طرح ڏسي نه سگهنداسين. ان حالت ۾ سج جي لِڪڻ جو نظارو ميس روم ۾ ويهي ڏسنداسين. هيءَ هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا روز روز نٿي ٿئي.

سيڪنڊ آفيسر جو نياپو ٽرڊ آفيسر ڏي: ڪئپٽن جي حڪم تي اسان اوچا ڪپڙا پائي نائين بجي ميس روم ۾ سج جو غائب ٿي وڃڻ ڏسنداسين. ڪئپٽن مينهن بابت اڳي ٻڌائيندو ته آيا اهو وسندو يا نه. هيءَ هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا روزانو نٿي ٿئي.

ٽرڊ آفيسر جو نياپو سرنگ لاءِ: جيڪڏهن سياڻي صبح جو ميس روم ۾ مينهن وسيو بلاشڪ اها هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا هر روز نٿي ٿئي ته، پوءِ ڪئپٽن سنن ڪپڙن ۾ نائين بجي ڏاري غائب ٿي ويندو.

سرنگ جو نياپو خلاصين لاءِ: سياڻي صبح نائين بجي ڏاري پنهنجو ڪئپٽن غائب ٿي ويندو. افسوس جوڳي ڳالهه اها آهي ته ائين هر روز نٿو ٿئي.

books.sindhsalamat.com

ملئي _ ڏُور اوپر جي سولي ۾ سولي ٻولي

ملئي زبان لاءِ چيو وڃي ٿو ته دنيا ۾ سولي ٻولي آهي. خاص ڪري اڙدو، سنڌي، هندي، پنجابي ڄاڻندڙن لاءِ، جو انهن ۾ ٻوليون ۾ عربي، فارسي، سنسڪرت ۽ انگريزيءَ جا ڪيترائي لفظ آهن جيڪي ملئي زبان ۾ پڻ آهن. بلڪ ملئي زبان لاءِ ته چيو وڃي ٿو ته اها ڏارين ٻوليون جي Melting – pot آهي ڇاڪاڻ جو منجهس تمام گهٽا ڏاريان لفظ آهن. اسان جو هڪ ملئي پروفيسر دوست ته ايتري قدر چوندو آهي ته ملئي زبان جا اصل فقط ٽي لفظ آهن: اوبي، بيسي ۽ بابي (گجر، لوهه ۽ سوئر).

گرامر جي لحاظ کان به منجهس کو گهٽو مونجهارو ناهي. مذڪر توڙي مونث لاءِ ساڳيو ئي ضمير DIA استعامل ٿئي ٿو. انگريزيءَ وانگر هر هڪ لاءِ ڏار ڏار She, He ۽ It جو استعمال نٿو ٿئي. زمانن جو پڻ گهٽو ڪتراڳ ناهي. عورت هجي توڙي مرد، يا ڪو ڪتو ٻلو، اهو فعل ٻڌائڻ ته "هو هلي ٿو" Dia Pergi چوڻ ڪافي آهي. جنهن جي معنيٰ هو يا هوءَ وڃي ٿي، ويندو. ويو هليو آهي يا ويو. انهن بن لفظن ۾ سڀ ڪجهه اچي ويو. انگريزيءَ جي Go, Went, Gone جهڙن مڙني لفظن لاءِ ملئي فقط هڪ لفظ Pergi ڪافي آهي. ان ڪري ملئي زبان سکڻ تمام سولو ڪم آهي. جيتوڻيڪ هڪ بنگالي پروفيسر- ڊاڪٽر مزمل کي ملئي زبان جي اها خوبي ادبي خامي لڳي ٿي ۽ گرامر جي لحاظ کان ملئي زبان کي هو غريب ۽ غير سائنسي سڏيندو آهي.

ملئي زبان جي رسم الخط پهرين عربي نموني جي هئي- جيئن سنڌي، اڙدو، فارسيءَ جي لکڻي آهي. ان پراڻي نموني جي لکڻيءَ کي هتي جا ماڻهو جَوي (Jawi) سڏين ٿا. پر اڌ صديءَ کن کان ملئي زبان جويءَ بدران

www.sindhsalamat.com

رومن نموني سان لکي وڃي ٿي. جنهن لاءِ انگريزيءَ واري اي بي سي استعمال ٿئي ٿي ۽ ان لکڻيءَ کي رومي سڏين. هڪ اڌ اخبار ۽ ڪجهه مذهبي ڪتاب ايا ۾ پراڻي نموني جي لکڻي Jawi ۾ چپجن ٿا باقي ٻيو سڀ ڪجهه رومي ۾ هلي ٿو. ان ڪري ڏاريون ماڻهو جيڪو انگريزيءَ کان واقف آهي جهٽ پٽ ملئي پڙهيو وڃي. اهو ئي سبب آهي جو سنگاپوري شاگرد چيني تامل ۽ ملئيءَ مان هڪ آپشنل سبجيڪٽ کڻڻ وقت گهٽو ڪري ملئي جي چونڊ ڪن ٿا- ڇو ته چيني ۽ تامل زبانن جي پيٽ ۾ ملئي لکڻ پڙهڻ سولي آهي. جيڪو انگريزي لکي سگهي ٿو ان لاءِ ملئي لکڻ کو مشڪل ڪم نه آهي. پر چيني ۽ تامل زبانن جون لکڻيون بنهه مختلف ۽ بيحد ڏکيون آهن.

هن پاسي ملائيشيا ۽ انڊونيشيا ڏي اسلام ڪافي دير سان آيو. ان ڪان اڳ هتي هندو ڌرم عام هو. ان ڪري هتي جي ماڻهن جون ڪيتريون ئي ريتون رسمون هندو ڪلچر سان واسطو رکن ٿيون. ساڳي طرح ملئي زبان جا پڻ ڪيترائي لفظ هندي ۽ سنسڪرت سان تعلق رکن ٿا. تنهن ڪان سواءِ اڙدو ۽ ٻين ڀاشائن جا پڻ ڪيترائي لفظ ملئي زبان ۾ ايا ٿائين موجود آهن. جيئن ته:

ملئي لفظ	معنيٰ
PERDHAN MENTRI (پرڌان منتري)	وزيراعظم
PERTAMA (پرتاما)	پهريون
CUTI (چُوٽي)	موڪل
CURI (چُوري)	چوري
GERHANA (گرهنا)	گرهڻ
SASTERA (ساسترا)	ادب

books.sindhsalamat.com

RATNA – MANIK	(رتنا_مانيڪ)	هيرو_موتي
NERAGA	(نرگا)	نرڳ_جهنم
SYRGA	(شرگا)	سرگ_جنت
UTAMA	(اتاما)	اتم_مٿاهون
MAHA	(ماها)	مها_وڏو
RUPA	(روپا)	روپ
SENJA	(سينجا)	سانجهي_شام
PURAANAMA	(پورنما)	چوڏهين جو چنڊ
PERTIWI	(پرتوي)	ڌرتي
PUTERA – PETERI	(پترا_پتري)	شهزادو_شهزادي
PERIKSA	(پريڪشا)	پرک_امتحان
PUSPA	(پسپا)	گل
MUNSYI	(مونشي)	منشي_ماستر
PENJRA	(پنجرا)	پيجرو_جيل
SUAMI-ISTERI	(سوامي_استري)	مڙس_زال
CAP	(چاپ)	ڇاپ
ANAYA	(انيا)	انياءِ، ظلم، وغيره، وغيره.

هڪ ڳالهه جو خيال رکڻ ڪپي ته ملئي زبان ۾ "چ" جي اچار لاءِ "C" استعمال ٿئي ٿي ۽ "ش" لاءِ "SY". ان ڪري مٿي لکيل ملئي لفظ Cap کي "ڪئپ" نه پر "چاپ" پڙهڻ ڪپي. اهڙي طرح شوال جي ملئي اسپيلنگ Syawal آهي ۽ نه Shawal ۽ Syrga جو اچار شرگا آهي.

هندي ۽ سنسڪرت کان علاوه ملئي زبان ۾ عربي ۽ فارسيءَ جا

www.sindhsalamat.com

پڙ لفظ آهن. فارسيءَ جا ڪٿي ايترا نہ آهن پر عربيءَ جا تہ تمام گهٽا آهن.
نموني طور ڪجهہ لفظ هن ريت آهن:

ملئي لفظ	معنيٰ
TAJ	تاج، ٽوپي
SAUDAGAR	سوداگر، واپاري
NAKHODA	جهاز جو ڪئپٽن (فارسيءَ ۾ ناؤ معنيٰ ٻيڙي ۽ خدا معنيٰ هلائيندڙ) ملئي زبان ۾ ناخدا لفظ تہ آهي پر خدا ناهي.
MAUSIM	موسم
ZAMIN	زمين
HAWA	هوا
GUSTI	ملهہ
KAHAT	ڪوٽ، قحط
DOMBA	گهيٽو
KABAB	ڪواب، وغيره وغيره.

اهڙيءَ طرح ملئي زبان ۾ عربيءَ جا تہ ڪيترائي لفظ آهن جيڪي هوبهو ساڳي شڪل ۾ آهن يا ٿوري گهڻي قيرقار سان ملئي ٿي ويا آهن:

لفظ	معنيٰ
KANDIL	قنديل، ڏيو
MAJLIS	مجلس، مير

books.sindhsalamat.com

MAHIR	ماهر
KERTAS	قرطاس، ڪاغذ
ISYARAT	اشارو، نشاني
ZAMAN	وقت
ISYTHAR	اشتهار، اعلان
ZALIM	ظالم
HAD	حد
DALAL	دلال
YAKIN	يقين
HADIR	حاضر
MAKLUMAT	معلومات

ڪجهہ عربي لفظ جن ۾ "غ" آهي انهن لاءِ ملئي ۾ "K" لکجي ٿو. پر اچارجي نٿو. جيئن ملئي ۾ لکجي معڪلومات ٿو پر پڙهجي معلومات ٿو. ساڳي طرح:

ملئي لفظ	معنيٰ
LAKNAT	لعنت، پٽ پاراتو
TAKLIMAT	تعليمات، سبق ڏيڻ.

گهڻي عرصي کان، ملائيشيا ۾ پنجاب جا پڙ ڪافي مسلمان، هندو ۽ سک رهن ٿا. ملائيشيا جي واپار، پوليس، ڪورٽ، بئنڪ ۽ چوڪيداري تي اڌ صدي کان پنجابي چانيل آهن. جن جي زبان جو پڙ ملئي ٻوليءَ تي اثر ٿيو آهي. ڪيترائي پنجابي ۽ سرائڪيءَ جا لفظ ملئي زبان جو حصو آهن. جيئن تہ: Kadang Kadang معنيٰ ڪڏهن ڪڏهن.
يا Jaga معنيٰ جاڳندڙ، چوڪيدار وغيره.

www.sindhsalamat.com

ملايا تي پورچوگالين جي سوا صدي کن حڪومت رهي (1511 کان وٺي 1641ع تائين.) ڪيترائي پورچوگالي ايا تائين هتي رهن ٿا. سندن زبان جو پڻ ملئي زبان تي اثر ٿيو آهي. ڪيترائي ملئي لفظ اصل ۾ پورچوگالي آهن، جهڙوڪ:

ملئي لفظ	معنيٰ
BOTOL	بوتل، شيشي
ALMARI	الماري، ڪٻٽ
DODOL	مٺو ڪيڪ
SEPATU	سپاتو، چمپل
BENDERA	جهنڊو
KAMAR	ڪمرو، وغيره.

پورچوگالي زبان جو اثر اسان جي هولين تي پڻ آهي ۽ ڪيترائي پورچوگالي لفظ سنڌي اڏوءَ ۾ پڻ رچي بسي ويا آهن.

1786ع کان وٺي انگريزن ملائيشيا تي قبضو شروع ڪيو ۽ آزاديءَ تائين_ پوٽا ۽ سؤ کن سال انگريزن جي حڪومت رهي. ان دوران انگريزيءَ جا ڪيترائي لفظ ملئي زبان جو حصو بڻجي ويا. پوءِ ڪي ساڳي صورت ۾ آهن ۽ لکي ٿو ته جڏ اصل کان ملئي هجن جيئن پاڻ وٽ گلاس، رود، ٽرماس، لاٽري، صورتي، دم، بائڪات جهڙا اصل انگريزي لفظ آهن. ڪي ٿوري ڦير گهير سان ملئي ٿي ويا آهن. ڪي ته انگريزيءَ جا بيحد اوپرا لفظ ملئي زبان ۾ ايترو ته عام ٿي ويا آهن جو ڳوٺن جون اڻ پڙهيل ۽ پوڙهيون مايون ۽ بنا دقت جي اهي لفظ لس ٿي لس ڳالهائي وڃن ٿيون. انهن لفظن مان ڪجهه هن ريت آهن: لاجڪ، انفراسٽرڪچر، انٽيلڪچوئل، پورٽوڪال، انٽروورٽ، ٽرئجڊي، ڪاميڊي، اسڪينڈل وغيره. ڪن جي وري ٿوري اسپيلنگ بدلائي انهن کي ملئي ڪيو ويو آهي. جيئن ملئي لفظ

Simpati دراصل انگريزي لفظ Sympathy (همدردي) مان آهي. اهڙيءَ طرح:

ملئي لفظ	اصل انگريزي لفظ
AKAUN	ACCOUNT
EJEN	AGENT
BOM	BOMB
LIF	LIFT مان نڪتو آهي.
AGRESIF	ائگريسو
SIMEN	سيمنٽ
OPTIMIS	آپٽيمسٽ مان
ASPEK	ASPECT مان

ملئي زبان ۾ کي ڪي انگريزيءَ جا لفظ هوبهو ساڳي صورت ۾ ڪنيا ويا آهن. پر انهن جون اسپيلون ملئي نموني جون رکيون ويون آهن. ائين ڪرڻ سان ڏٺو وڃي ته اهي انگريزيءَ جا لفظ ملئي نموني لکڻ ڪري پڙهڻ ۾ وڌيڪ سولا لڳن ٿا ۽ بنا مدد جي ٻار يا ڏاريون به اچاري سگهي ٿو. مثال طور:

انگريزي لفظ	ملئي لفظ
BUNGALOW	BANGLO
CALORIE	KALORI
CAKE	KEK
CHEQUE	CEK

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

COLLEGE	KOLEJ
PROOF	PRUF
EXCISE	EKSAIZ
POLICE	POLIS
PHOTO	FOTO
MICROPHONE	MIKROFON
LIEUTENANT	LEFTINAN
CYCLONE	SIKLON

انگريزيءَ جا اهي لفظ جن جي آخري ۾ شن Tion اچي ٿو ان کي ملئي بنائڻ لاءِ "Tion" کي "SI" ڪيو ويو آهي. جيئن تہ انگريزيءَ جو اصل لفظ ايڊيشن ملئيءَ ۾ ايڊيسي ٿي ويو آهي. ڊيڊيڪشن لاءِ ملئي لفظ ڊيڊيڪيسي آهي. ۽ اهڙيءَ طرح:

ملئي لفظ	اصل انگريزي لفظ
KOLESKI	COLLECTION
DEMENSI	DIMENTION
IMAGINASI	IMAGINATION
REAKSI	REACTION
REOVOLUSI	REVOLUTION

وغيره.

پر ضروري ناهي تہ هر لفظ لاءِ اهو قاعدو استعمال ڪيل آهي. ڪي لفظ ساڳي اُچار وارا پڻ آهن. جهڙوڪ:

انگريزي لفظ	ان مان نهيل ملئي لفظ
OPTION	OPSYEN

books.sindhsalamat.com

SECTION	SEKSYEN

يا وري ٿوري فرق سان:

PENSION	PENCEN (پنچن)

ملئي زبان ۾ ڪيترائي انگريزيءَ جا لفظ اهڙا آهن جيڪي ڳالهائڻ وقت تہ سمجهيو ويڃن پر ملئي جامو پهرڻ بعد اسان کي پڙهن ۾ عجيب لڳن ٿا. جيئن تہ اسان جون نظرون انگريزي اسپيلنگ تي هريل آهن ان ڪري انهن انگريزي لفظن جون ملئي اسپيلون نراليون لڳن ٿيون. مثال طور انگريزيءَ جو سرڪس لفظ ملئي ۾ بہ سرڪس آهي پر ملئي ۾ سندس اسپيلنگ انگريزي واري Circus بدران Sarkas ٿيو وڃي. اهڙيءَ طرح:

انگريزي لفظ Captain جي ملئي اسپيل Kapten آهي.

GENERAL	JANRAL
CONCRETE	KONKRIT
GREASE	GRIZ
SCIENCE	SAINS
PHYSICS	FIZIK
PRACTICE	PRAKTIS
RAIL	REL
TEXT	TEKS وغيره.

مٿي لکي آيو آهيان تہ ملئي اي بي سي ۾ سي (C) جو اچار "چ" آهي. جيئن "Cat" لفظ انگريزيءَ ۾ "ڪٽ" ٿيو. معنيٰ "بلي". پر ساڳيو لفظ ملئي ۾ "چاٽ" پڙهبو. معنيٰ "روغن". ان ڪري ملئي پڙهندڙن کي انگلنڊ، يورپ پاسي ۽ انگريزي جاڻندڙ کي ملائيشيا ۾ ان اکر وارن لفظن ۾ ڪڏهن ڪڏهن مونجهارو ٿئي ٿو. ۽ Cuba ڪيوبا ملڪ کي ملئي ماڻهو چوبا پڙهيووجن. يا ڏاريو ماڻهو ملئي Cuba چوبا (معنيٰ ڪوشش) کي

www.sindhsalamat.com

ڪيوبا پڙهي سگهي ٿو. هڪ دفعي ٽي وي‌ءَ جي ملئي انائنسر Here is Lucy "هيئر از لوسي" پروگرام جو اعلان ڪرڻ دوران "هيئر از لوچي" چئي ويئي.

ڏارين زبانن کان علاوه ملئي جي ٻن لفظن کي ملائي پڻ نوان ملئي لفظ ٺاهيا وڃن ٿا. جيئن فارسيءَ جي لفظ بُز (ٻڪري) ۽ دل کي ملائي بزدل لفظ ٺاهيو ويو آهي. معنيٰ ڊڄڻو. ٻڪريءَ جي دل وارو. اهڙيءَ طرح ملئي ۾ چنڊ کي انڪ بولان سڏجي ٿو. جيڪو ٻن لفظن جو ميلاپ آهي. Anak معنيٰ ٻار. Bulan معنيٰ مهينو. يعني مهيني جو ٻچو. سو ٿيو چنڊ. اهڙي طرح Hari معنيٰ ڏينهن ۽ Mata معنيٰ اک. پر جي ٻئي لفظ ملائبا تہ ٿيندو ماتاهاري معنيٰ سج. اهڙيءَ طرح ڪار کي Kereta چون ۽ ڊڳي کي Lembu . ٻئي لفظ ملائڻ سان ٿئي ڊڳي گاڏي- ڪيريتا لمبو ۽ ڪيريتا آپي ٽي ريل گاڏي. Api معنيٰ باهہ. جيئن پاڻ وٽ ٻاڦ تي- يعني باهہ تي هلندڙ بوٽ (ٻيڙيءَ) کي آڳبوٽ سڏين.

افواهن کي ملئي ٻوليءَ ۾ Khabar _ Angin سڏين. خبر معني خبر، حال چال ۽ انگن معنيٰ هوا. يعني هوائي ڳالهہ، ڏاڙ، ٻتاڪ، گشو. انتارڪٽڪ Antarctic کي ملئي ۾ Kutup – Selatan چون. Kutup معنيٰ قطب، ۽ سلاطين معنيٰ ڏکڻ. گاديءَ جو هنڌ (Capital) لاءِ ملئي لفظ Ibu- kot آهي. ابو معنيٰ ماءُ ۽ ڪوٽا معنيٰ شهر. يعني گاديءَ جو هنڌ ٿيو شهرن جي ماءُ. اهڙي طرح هيڊ آفيس کي چون – Ibu Pejabat معنيٰ آفيس جي ماءُ. گلابي رنگ کي Merah – Jambu سڏين. ميراح معنيٰ ڳاڙهو ۽ جمبو معنيٰ زيتون. يعني زيتوني ڳاڙهو ٿيو گلابي رنگ. جيئن Violet رنگ پاڻ وٽ ٿيو واڳٽائي.

ڪيترين شين جا انگريزي نالا جيڪي اصلي صورت ۾ وڌيڪ مشهور آهن، انهن لاءِ نوان ملئي نوعيت جا نالا گهڙيا ويا آهن جيڪي قبوليت حاصل ڪرڻ ۾ ڪافي وقت لڳو. جيئن تہ ريفريجريٽر کي "پيٽي

سِجوڪ" سڏجي ٿو. Peti معنيٰ پيٽي يا دٻو ۽ Sejuk معنيٰ ٺڏو. اهڙي طرح ٽرماس بدران "بوتل آير پاناس" لفظ گهڙيو ويو آهي. Botol معنيٰ بوتل يا شيشو. Air معنيٰ پاڻي ۽ Panas معنيٰ گرم. يعني گرم پاڻيءَ جو شيشو. ميڊيڪل جي سبجيڪٽ "گائني" جو ملئي نعم البدل لفظ Ilmupenyakit - Puan عِلمو پينياڪٽ پُئان يعني عورت جي بيماريءَ جو علم، يا جاگرافيءَ لاءِ Ilmu Alam لفظ رکيو ويو آهي- يعني عالم جيجاڻ.

آندي لاءِ ملئي ٻوليءَ ۾ Tali Perut (پيٽ جي رسي) لفظ ٺاهيو ويو آهي. Sarong معنيٰ گوڏ. ۽ جيئن تہ لفافي لاءِ ملئي ۾ ڪو لفظ ناهي تہ ملئي جا ٻہ لفظ – Sarong۽Surat ملائي ٺاهيو ويو آهي. سرونگ معنيٰ گوڏ سورت معنيٰ خط. يعني خط جي گوڏ - سو ٿيو لفافو. هونءَ سرونگ نہ فقط تنگن کي ڍڪڻ جي ڪپڙي کي چئجي ٿو. پر هر پوش، ڍڪ، جلد، گوڏ، وهاڻي جي ڇوَ لاءِ اهوئي لفظ Sarong آهي. جيڪڏهن دڪاندار کان سرونگ جي آهستي آواز ۾ گهر ڪندائو تہ گوڏ يا وهاڻي جي ڇَو بدران ڪنڊوم ڪيي ڏيندانوَ. چوجو برٿ ڪنٽرول جي ربڙ لاءِ بہ ملئي لفظ Sarong يعني گوڏ آهي. اهڙي طرح چهري کي Burung Hantu- غيبات جو پکي سڏين جو اهو رات جي اونداهيءَ ۾ ڏنل جاين ۾ نظر اچي ٿو.

پر ريفرجريٽر جهڙن عام مروج لفظن کي زوريءَ 'پيٽي سجوڪ' بڻائڻ سان ڪو خاص فرق نہ پيو آهي. آسانيءَ بدران ويترو ڏا ۽ ڏکيا نالا ٽي پيا آهن. جيئن ڪجهہ عرصو اڳ انڊيا ۾ انگريزي لفظن کي هندي بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. پوءِ ڪجهہ تہ ڪاميابيءَ سان هندي ٽي ويا ڪي اوپرائي رهيا. جيئن ترين جو هندي نالو 'اگني رٿ' رکيو ويو. اگني معنيٰ باهہ ۽ رٿ معني قيڙن تي هلندڙ گاڏي.

سپ کان مزيدار نالو ان ريل کي بيهارڻ ۽ هلڻ جو اشارو ڪندڙ لوهي سگنل جو تجويز ڪيو ويو هو. جيڪو هن ريت آهي:

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

"اگني رٿ، گامن اَگامن، سُوچڪا تامبا ورنا لوها پاتِڪا" - يعني آگ گاڏي جي اڇڻ وڃڻ لاءِ اشارو ڪندڙ تامي جي رنگ جو لوهي پٽي- يعني سگنل.

ڪنهن چيو گاڏي بيهارڻ لاءِ جيسين ڪنهن کي حڪم ڏجي ته "اگني رٿ گامن اگامن سوچڪا تامبا ورنا لوها پاتڪا" کي مٽي ڪر، تيسين گاڏي ته استيشن به ٽپي ويندي.

ائين به نه آهي ته رڳو ٻين زبانن جا لفظ ملئي ۾ آيا آهن. ڪجهه ملئي جا لفظ ڏارين ٻولين ۾ پڻ جذب ٿي ويا آهن. جيئن انگريزيءَ جو لفظ Compound ملئي لفظ ڪمپونگ (Kampong) مان نڪتو آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڳوٺ، گهر، چؤديواري. اهڙي طرح انگريزيءَ جو لفظ Amok پڻ ملئي مان نڪتو آهي. وڏو طوطو جيڪو آسٽريليا، انڊونيشيا، پاپا نيوگني ۽ هتي ملائيشيا ۾ جام ٿئي ٿو. ان جو انگريزي نالو Cockatooملئي لفظ Kakak-Tua مان ٺهيو آهي. ڪاڪا(ڪ) معنيٰ پيٽ ۽ تنا معنيٰ وڏي يا پوڙهي. اهو آڪسفورڊ جي ڊڪشنريءَ ۾ پڻ جاڻايل آهي. اهڙيءَ طرح سان Orang Utan هڪ پولڙي جو قسم آهي جيڪو ماڻهوءَ سان ڪافي ملي ٿو ۽ اهو فقط هن پاسي جي جهنگلن ۾ نظر اچي ٿو. انگريزيءَ جو لفظ "اورانگ اُوتان" در اصل ملئي لفظ "اورانگ هُوتان" مان ٺهيو آهي ۽ هتي ان پولڙي کي اورانگ- هُوتان ئي سڏين. Orang ملئي لفظ جي معنيٰ آهي ماڻهو ۽ Hutan معنيٰ جهنگل. يعني جهنگل جو ماڻهو.

اهڙيءَ طرح Tiadapa جيڪو ٽيٽ انگريزي لفظ لڳي ٿو پر اصل ملئي لفظ Tidak Apa Apa مان ٺهيو آهي. ان جي معنيٰ آهي ڪجهه به نه. تِداق معنيٰ نه ۽ آپا آپا معنيٰ ڪجهه. ڪو امتحان ۾ فيل ٿي پوي ۽ ڪيس چئجي ته يار پڙهين ها ته پاس ٿي وڃين ها. هو ان تي بي پرواهي ڏيکارڻ لاءِ چوندو تِداق آپا آپا. يعني مڙئي خير آهي. يا انگريزيءَ ۾ چئجي ته

books.sindhsalamat.com

I Damn Care. "تِداق آپا آپا" سڄو لفظ چوڻ بدران ان جو مخفف تاپايا Tapaya پڻ چيو وڃي ٿو.

ان کان علاوه انگريزيءَ جا لفظ: Launch, Criss, Sampan ۽ Gutta Percha پڻ اصل ۾ ملئي جا لفظ آهن.

www.sindhsalamat.com

نالن جو تکرار

ملائيشيا ۾ ملسمانن جا ڪي نالا اهڙا آهن جن لاءِ هتي جي ڪن مُلن کي اعتراض آهي ته اهي ائين نه هئڻ کپن. شايد ان کي ڏيان ۾ رکي هتي جي واسطيدار سرڪاري ڪاتي هڪ اهڙو بيان جاري ڪيو آهي، جنهن ۾ انهن نالن جي فهرست ڏني آهي، جيڪي مسلمانن کي نه رکڻ کپن. ڪن نالن جي چوند، لڳي ٿو ته تڪڙ ۾ ڪئي ويئي آهي ۽ انهن جي رکڻ يا نه رکڻ سان اسلام ڪنهن به طرح خطري ۾ نٿو پوي. بهرحال ملائيشيا ۾ پريس جي آزادي ڪافي حد تائين آهي ۽ ماڻهو پنهنجي خيالن جواظهار آزاديءَ سان ڪن ٿا. مٿئين عنوان تي اخبارن ۾ پڙهندڙن جا ڪيترائي خط ڇپيا آهن. پيتالنگ جايا (ڪوالالمپور جي پرسان هڪ شهر) مان امير عليءَ جو خط ڪافي دلچسپ، معلوماتي ۽ فڪر انگيز آهي. پنهنجي پڙهندڙن لاءِ ان مان ڪجهه حصو ترجمو ڪري موڪليان پيو. جيڪو هن ريت آهي:

"حڪومت طرفان مسلمانن لاءِ جيڪي نالا نه رکڻ جي فهرست ناهي ويئي آهي ان ۾ اهي نالا پڻ آهن جن جي اڇيان يا پويان Nurul نورل يا Wati واتي لفظ اچي ٿو. يا اهي نالا جيڪي جانورن، پاڇين ۽ ميون جا آهن يا مزاحيه آهن ... يا شين جا نالا آهن (جهڙوڪ: ڪپڙن، ڳهن وغيره جا.) ۽ خاص ڪري سيد ۽ شريفان جهڙا نالا جيڪي هر هڪ کي رکڻ کان منع ڪئي ويئي آهي.

(ملائيشيا ۾ نورل سان شروع ٿيندڙ ڪيترائي نالا آهن. جهڙوڪ نورل هدا، نور عابده ۽ Wati لفظ پڻ هتي ملائيشيا ۽ انڊونيشي جي مڙني ٻيٽن تي ائين مشهور آهن جيئين پاڻ وٽ بيگم يا بانو.)

عوام کي حڪومت طرفان آگاهه ڪيو ويو آهي ته Nurul نورل

books.sindhsalamat.com

معنيٰ "دوزخ" آهي ۽ Wati جي معنيٰ "زنا" يا لاڳاپو رکڻ آهي. واسطيدار عملدارن جو چوڻ آهي ته هنن کي ان ڳالهه جو اختيار آهي ته هو ان قسم جا منع ڪيل نالا جڏهن جي وقت رجسٽر ڪرڻ کان انڪار ڪن. جيتوڻيڪ ان جي وضاحت نه ڪئي آهي ته اها "اختياري" آيا کين قدرت طرفان ڏني ويئي آهي يا حڪومت طرفان.

ننڍي کنڊ جي مشهور فيلسوف ۽ شاعر علامه اقبال پنهنجي شعر ۾ نوري ۽ ناريءَ جا لفظ "سوجهرو" ۽ "اونداهه" لاءِ استعمال ڪيا آهن. ٽين ملائيشين آرٽلري ريجيمينٽ جي مذهبي استاد محمد تراويس جو چوڻ آهي ته نورل (Nurul) معنيٰ روشني ۽ نارل (Narul) معنيٰ دوزخ. جنهن جي، شهر جي قاضيءَ پڻ تصديق ڪئي آهي.

قرآن ۾ پڻ "النور" (روشني) عنوان سان هڪ ڏِگهي سوره (نمبر چوويهون) آهي. پر سرڪاري ڪاتي ۾ ڪم ڪندڙ اسان جي يارن جو ارشاد آهي ته نورل (Nurul) معنيٰ دوزخ. ۽ هي اهي ماڻهو آهن جيڪي دعويٰ ڪن ٿا ته کين مسلمانن جي رهنمائي ڪرڻ جو اختيار مليل آهي.

نور مان ٺهيل لفظ مسلمان دنيا ۾ تمام گهڻو مشهور آهن. آرام پسند مغل شهنشاهه جهانگير پاران جيڪا راڻي صاحبه تان تان ڪندي هئي اها نورجهان جي نالي سان سڏي ويئي. يعني "دنيا جي روشني" ۽ ڪوالالمپور ۾ تنڪو عبدالرحمان روڊ تي هڪ دڪانداريءَ جو نالو پڻ نور جهان آهي.

جانورن جا نالا: فخر محسوس ڪندڙ پيءُ، سعودي عرب جي بادشاهه عبدالعزيز پنهنجي پٽ ٻار کي واگهه (ٽائيگر) چوڻ چاهيو ٿي، ان ڪري هن جو نالو رکيائين فهد. اسين لحاظ خاطر نٿا چئون، پر اها حقيقت آهي ته بادشاهه فهد هڪ نيڪ ۽ سچو مسلمان آهي. ان سان گڏ هو عرب آهي ۽ ڪيس سندس نالي جي ضرور جاڻ هوندي ته اهو جانور جو نالو آهي. اهو نالو جيڪڏهن غير اسلامي هجي ها ته ڪعبته الله جو نگهبان پڪ ٻيو نالو

www.sindhsalamat.com

اختيار ڪري ها. پر هن ته ائين نه ڪيو. اهڙي طرح ٻيا به ڪيترائي مسلمان آهن جن جا نالا جانورن جا آهن.

اسلام جو پنجون خليفو معاويا (لومڙ) سڏجي ٿو. اسلامي دنيا جو زنده عالم جنهن جو قرآن جو ترجمو ۽ تفسير اڄ جو بهترين سمجهيو وجي ٿو. محمد اسد جي نالي سان ڄاتو سڃاتو وجي ٿو ۽ "اسد" جي معنيٰ "شينهن" آهي.

اسلام جو ٻيو خليفو، چڙ جو تڪو حضرت عمر رضہ کي ڏيءَ جمٽ وقت شايد قدرتي طور دل ۾ آيو ته سندس ٻار به هن وانگر تڪي طبيعت جو ٿيندو جو هن جو نالو حفصہ رکيائين- جنهن جي معنيٰ آهي شينهڻ. هوءَ اڳتي هلي اسان جي نبي ڪريم ﷺ جي گهرواري ٿي، جيڪو ڪيس مرڪندي ان نالي سان سڏيندو هو.

پر هاڻ اسان کي آگاهه ڪيو پيو وجي ته جانورن جا نالا مسلمانن کي رکڻ نه گهرجن.

ڪپڙن جا نالا: دنيا جي دولت کان لاپرواهه صوفي ازم جو پرچار ڪندڙ اسان جا مذهبي رهنما پنهنجي جسم کي رڳو ڪڏر جي ڪپڙي سان ڍڪيندا هئا. عربي لفظ صوفي جي معنيٰ اُن آهي جنهن مان اهو ڪپڙو ٺهيل هوندو هو. ان مان لفظ صوفي ٿيو. هاڻ انهن صوفين کي پڪ اسان کان وڌيڪ اسلام جي ڄاڻ هوندي، پر هنن ته ڪڏهن به پنهنجو پاڻ کي "ڪپڙي" جي نالي سان سڏائيندي عيب يا عار محسوس نه ڪيو ته پوءِ اڄ اسان کي چو هڻڻ ڪپي.

ان کان علاوه ٻيا به ڪيترائي عربي نالا آهن جيڪي جانورن تان کنيا ويا آهن. جهڙوڪ نون (مڇي)، جلل (هڪ گاهه جو قسم)، قلم (لکڻ جي ڪلڪ)، ويندي اٺ، ڍڳي ۽ ٻڪري- جن جي قرباني ڪئي وجي ٿي. اسلامي دنيا ۾ ڪيترائي نالا پکين جا آهن. ڪبوتر کان باز يا گلن ۽ وٽن جا نالا آهن. ساموندي سپن ۽ تارن جا نالا آهن .... ۽ جڏهن اهي نالا سيني اسلامي

books.sindhsalamat.com

ملڪن ۾ عام آهن ته پوءِ هتي ملائيشيا ۾ اهڙن نالن تي چو هاءِ گهوڙا ڪئي پئي وجي.

مزاحيہ نالا: خدا جو هڪ بندو جنهن جو اصل نالو محمد بن اسماعيل هو. بعد ۾ اسلامي دنيا ۾ امام بخاريءَ جي نالي سان مشهور ٿيو چو جو هو بخارا شهر ۾ ڄائو هو. منهنجو هڪ پائيٽو جيڪو ڄائو ته هتي ملائيشيا ۾ آهي پر هو پڻ بخاري سڏائي ٿو. اهڙن نالن تي پلي ڪي ماڻهو ڪلن پر ائين سڏائڻ نه غير اسلامي ڳالهه آهي ۽ نه اهو ڪنهن کي نقصان رسائي ٿو.

اٽڪل هزار سال کن اڳ، ايران ۾ ابراهيم نالي هڪ بزرگ پيٽ قوت لاءِ تمبو ٺاهي وڪڻندو هو. ان ڪري ماڻهو کيس ابراهيم خيام يعني ابراهيم خيما ٺاهيندڙ سڏيو. سندس پٽ عمر به پاڻ کي خيام سڏائڻ لڳو. جيڪو دنيا ۾ شاعريءَ ۽ حساب ڪتاب ۾ مشهور ٿيو.

اسلامي دنيا ۾ ڪيترائي عمر خيام آهن جن کي تنبو ٺاهڻ جي بنيادي طريقن جي به ڄاڻ ناهي پر ته به هو ان نالي مان خوش آهن. ماڻهو ڪٽي اهڙي نالي کي مسخري سمجهن پر جيستائين اهڙن نالن مان ڪا گار يا گناهه مقصود ناهي ته ڪنهن کي چو اعتراض هجڻ ڪپي.

زيور جواهر: ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته ملائيشيا جي مذهبي ڪاتي هيرن جواهرن جي نالن تي پڻ بندش وڌي آهي. مثال طور لعل، جواهر، جوهر، جوهري وغيره. رحمدل خالد جي ماءُ ۽ بادشاهه فيصل جي زال جو نالو جواهره هو. مون کي حڪومت جي ان اوچتي ايجاد تي تعجب لڳي ٿو ته اهي نالا غير اسلامي آهن.

گاريالا نالا: ملائيشيا ۾ جيڪي نالا بليڪ لسٽ ڪياويا آهن انهن ۾ واتي (Wati) پڻ آهي. اها حيرت جي ڳالهه آهي ته اسان جا غير عرب اختياريءَ وارا حاڪم "واتي" لفظ عربيءَ جو تصور ڪري منجهائنس گندو مفهوم ڪڍن ٿا. ان ڪري ملئي مسلمانن کي پنهنجي ڏيءُ جو نالو واتي

www.sindhsalamat.com

رکڻ کان جهلين ٿا.

ملئي زبان ڳالهائيندڙ دنيا ۾ - جنهن ۾ ملائيشيا، برونائي ۽ انڊونيشيا جا سمورا ٻيٽ اچي وڃن ٿا، سنسڪرت جو تمام اونهو اثر آهي. اڄ جو ڪو مسلمان ان حقيقت کان پلي انڪاري ٿئي پر هيءَ سنسڪرت ئي ته آهي: پتالنگ جايا کان ڪوٽا بارو (ملائيشيا جا مشهور شهر) ۽ مڏرا (انڊونيشيا جe شهر) تائين. پرڌان منتري (وزيراعظم) کان لکسامانا (نيول چيف) تائين. ان کان علاوه بومي پترا، بنگسا، پاشا جيوا وغيره سنسڪرت جا ئي thلفظ آهن جيڪي ملئي زبان جو حصو بڻجي ويا آهن. واتي لفظ پٽ انهن مان هڪ آهي جيڪو هتي جي سيني ٻيٽن ۽ پَٽن تي نالي طور استعمال ٿئي ٿو. رتنا واتي، نور واتي، ثريا واتي، ارينا واتي، سوارگا واتي نالن جو ڪو به اسان جي ملئي دنيا ۾ زنا يا ميلاپ (Intercourse) سان واسطو ناهي- سماجي توڙي جنسي طور. هن پاسي جا ڪيترا مسلمان سلطان ۽ بادشاهه آهن جن جي مقبري تي هيءَ لکڻي عام نظرايندي: Swarga Wati "سرگ جو رهواسي" -جنتي، يعني جنت ۾ جاءِ هجيس.

ڪيترا لفظ مختلف زبانن ۾ مختلف معنائون رکن ٿا. يا ٿوري ڦير ڦار سان اچارڻ سان ساڳي ٻوليءَ ۾ مختلف معنائون رکي سگهن ٿا.

عربيءَ جي لفظ "غائب" (اڻ ڏٺل)، جي معنيٰ سڀني ٻه آهي ته مختلف حالتن ۾ قبيح پڻ. "علي" عربي زبان ۾ پلو، اشراف، اعليٰ آهي پر تامل زبان ۾ ان جي معنيٰ ٻي آهي، ڪويتي فٽبال راندگر جو صلاح (Salah) هن لاءِ ڪٽي صحيح هجي پر ملائيشين لاءِ غلط آهي. (ملئي زبان ۾ Salah معنيٰ غلط.)

جڏهن توهان HAI چئو ٿا ته ڪجهه ماڻهو ته ان کي ڪيڪار سمجهن ٿا، پر ڪيترين ئي چيني عورتون اهو ٻڌي شرمائجي وڃن ٿيون جو چيني زبان ۾ اها گار آهي. اهڙي طرح پٽو پاڪستان جي باعزت خاندان جو نالو آهي پر ملائيشيا ۾ اهو نالو شايد ڪو به نه رکي.

books.sindhsalamat.com

اهڙي طرح واتي اسان وٽ ملائيشيا ۾ سنو نالو سمجهيو وڃي ٿو جو ان جي هتي سڀني معنيٰ آهي. عربيءَ ۾ پڻ اهڙو لفظ آهي ۽ ان جي معنيٰ ڇا آهي ان سان اسان جو ڪهڙو واسطو. اسان کي عرب ته نه آهيون. اسان جو ته اهو حال آهي جو ڪيترائي عربيءَ جا آسان ۽ روزمره جي زبان ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ به چگيءَ طرح ڳالهائي نٿا سگهون. علي، عليم، عالم جهڙا لفظ به صحيح طرح اچاري نٿا سگهون. انهن جي معنيٰ ڄاڻڻ ته ٿي ڏورانهين ڳالهه.

نيوز رپورٽ ۾ اهو پڻ ڄاڻايو ويو آهي ته جن جو سيد يا شريفان لقب (ذات) ناهي اهي پنهنجن ٻارن جو نالو يا ذات اها نٿا رکي سگهن. يعني جيڪي حضور صلعم جن جو اولاد آهن اهي ئي پاڻ کي سيد سڏائين. حضور صلعم جن کي ڪو به پوٽو پڑپوٽو نه ٿيو. ڏيءُ بيبي فاطمه جيڪا اڄ کان چوڏهه سؤ سال اڳ گذاري ويئي ان جو اولاد سيد سڏائي سگهي ٿو. هاڻ کنهن لاءِ ڪيئن خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته هن جو شجرو واقعي حضور صلعم جن سان ملي ٿو. کنهن وٽ ان جو تفصيلي رکارڊ آهي.

دنيا ۾ انيڪ ماڻهو آهن- مسلمان به ته غير مسلمان به جن جو نالو لقب يا ذات سيد، سعيد، سيدنا، شريفان، شريفاح آهي. ڪيترا ماڻهو آهن جن جي ماءُ، نانو يا ڏاڏي چيني يا جپاني هئي. ويندي انهن جي پيءُ جي بہ! ته به هو چوڪرو پاڻ کي بيبي فاطمه جو اولاد سڏائي ٿو ان ڪري جو هن جي پيءُ يا ڏاڏي جو نالو يا ذات سيد هئي.

بي دلچسپ ڳالهه اها ته ڪيترا غير مسلمان پاڻ کي سيد جو لقب يا ذات سان سڏرائي، ماڻهن کي اهو ٻڌائڻ چاهين ٿا ته هو ته حضور صلعم جن جو اولاد آهن، وتن غير اسلامي ڪم ڪندا.

سيد علي محمد اها ئي دعويٰ ڪئي ٿي ته هن جو پيءُ توڙي ماءُ جو شجرو حضور صلعم جن سان ملي ٿو. سادي عقل وارا ماڻهو حضور صلعم جن جي ڪري کين ايڏي عزت ڏيڻ لڳا جو هو ماڳهين مٿي تي چڙهي ويو.

www.sindhsalamat.com

پهرين پير درويش ۽ پوءِ ماڳهين "نبي" (توبهہ نعوذ باللّٰه) سڏائڻ لڳو ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ کي اسلام کان ڌار ڪري هن هڪ نئون مذهب "بهائي (Bahaism) شروع ڪيو. هن جو اولاد ۾ پوئلڳ به پاڻ کي سيد ۽ شريفان سڏائين ٿا.

اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترا سيد آهن جن جو شجرو واقعي حضور صلعم جن سان ملي ٿو يا نه پر اسان ماڻهو پنهنجي پلاري نبيءَ صلعم جن جي ڪري هنن کي جڏهن عزت ۽ اهميت ڏيون ٿا تہ هو ماڳهين ايڏو ٽانڪ ۾ اچيو وڃن جو نماز ۽ روزي جهڙو اهم ڪم به وساريو ويٺين- جنهن لاءِ اسان جو نبي سڳورو آخر تائين تلقين ڪندو رهيو تہ قائم رکو. هو پنهنجن وڏن جي قبرن کي روزگار جو ذريعو بڻائي ماڳهين شرڪ ۽ بدعتون پکيڙيو وينا آهن.

ملائيشيا هاڻ اهڙن نت نون ۽ Instant مذهبن، ڪوڙن پيغمبرن، پيرن ولين کان پاڪ آهي. حڪومت کي سيد وغيره جي چڪر ۾ وري پراڻا باب نئينءَ سئينءَ اٽلائڻ نہ گهرجن.

هونءَ تہ ڪنهن به مسلمان لاءِ ڏوهہ يا گناهہ ناهي جيڪڏهن پنهنجن ٻارن جو نالو يا ذات سيد يا شريفان رکي. اسان جي نبي سڳوري تہ مسلمانن جي ايتري قدر همت افزائي ڪئي تہ هو پلي پنهنجن ٻارن جو نالو محمد رکن. ۽ محمد جي پيٽ ۾ سيد يا سيدنا لفظ جا حيثيت رکن ٿا.

در اصل اسلام ۾ تہ نالن ۽ ذاتين، ريتن ۽ رسمن، رتبن ۽ درجن کان هرهڪ جون پنهنجون نيتون ۽ اعمال وڌيڪ اهميت رکن ٿا. اسلام ۾ اهو حڪم ٿيل ناهي تہ پنهنجن ٻارن جا نالا عربي يا ڪنهن بي خاص زبان ۾ رکو. اسلام ۾ انسان جي عبادت ۽ اعمال اهميت رکن ٿا ۽ اهو انسان الله جي وڌيڪ ويجهو آهي جيڪو چگّا ڪم ڪري ٿو. جيڪو نيڪ ٿي هلي ٿو– جيڪو متقي آهي يعني جنهن جي دل ۾ خدا جو خوف آهي.

books.sindhsalamat.com

ڪئپٽن جو غائب ٿيڻ...

ملئي ماڻهن۾ پرائي پچار تمام گهڻ آهي. هروپرو ڪنهن جي گِلا نہ ڪندا ۽ نہ ٻڌل ڳالهہ کي مرچ مسالا هڻي پيش ڪندا. ڪنهن ڳالهہ جي کين خبر هوندي تہ به پڇڻ تي نتائي ويندا. يا جنهن ماڻهوءَ جي ڳالهہ هوندي ان کان ئي پڇڻ لاءِ چوندا جيئن هو پنهنجي ڳالهہ پاڻ صحيح طرح ٻڌائي. پاڻ پنهنجو تبصرو يا راءِ ڏيڻ کان پاسو ڪندا.

اها حقيقت آهي تہ هڪ جي ڳالهہ ٻئي جي واتان ٻڌڻ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ تبديلي ضرور اچيو وڃي ۽ چوٿين پنجين ڏر تائين پهچڻ ۾ اها ڳالهہ اصل شڪل صورت کان ڦريو وڃي.

مثال مشهور آهي تہ ڪنهن عورت کي آفيس ۾ اپڙڪو آيو. پر ۾ وينل عورت پنهنجي ٻي ساهيڙيءَ کي ٻڌايو: "فلاڻيءَ صبح ساڻ الٽي ڪئي آهي."

اهڙيءَ طرح ٻيءَ ٽيءَ کي چيو: "فلاڻيءَ کاري الٽي ڪيي آهي."

ٽيءَ چوٿينءَ کي ٻڌايو: "فلاڻيءَ کانگ جهڙي کاري الٽي ڪيي آهي."

چوٿينءَ پنجينءَ کي ٻڌايو: "فلاڻيءَ جي پيٽ مان کارو کانگ نڪتو آهي."

هونءَ جتي اهڙي کا ڳالهہ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ مختلف زبانون ڳالهائيندڙن ذريعي پهچي ٿي تہ اصل ڳالهہ جي شڪل ايجا به وڌيڪ بدلجيو وڃي.

اسان جي آفيس جي هڪ ڊپارٽمينٽ ۾ پڻ هڪ دفعي ائين ٿيو. جنرل مئنيجر طرفان هتي جي قومي زبان ملئي ۾ هڪ سرڪيولر هر ڪاتي ۾

www.sindhsalamat.com

موڪليو ويو تہ. هر ڪاتي مان ان ماڻهوءَ جي چونڊ ڪري انعام لاءِ نالو موڪليو وڃي جيڪو سڀ کان گهٽو ڪم ڪري ٿو.

چيني مترجم چوڪريءَ اهو ملئي سرڪيولر چيني زبان ۾ ترجمو ڪري چيني هيڊ ڪلارڪ کي ٻڌايو. جنهن انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري پنهنجي يورپي باس کي ٻڌايو. هاڻ خبر ناهي ڪنهن ڪٿي غلط ترجمو ڪيو يا غلط سمجهيو جو باس کي اهو نيا پو ڪيو ويو تہ انعام لاءِ اهڙي ماڻهوءَ جو نالو موڪليو جيڪو آفيس ۾ گهٽو عرصو رهيو آهي يعني سڀ ۾ پراڻو آهي. نتيجي ۾ سيني کي تعجب لڳو جڏهن ان کاتي ۾ گهٽي ڪم ڪندڙ جو انعام هڪ سست ۽ ڪاهل ماڻهوءَ کي مليو.

هڪ ٻئي تائين نيا پو پهچائڻ جو وڏو مسئلو انهن جهاز تي ٿئي ٿو جتي مختلف زبانون ڳالهائڻ وارو عملو آهي. باهران انگريزيءَ ۾ نيا پو ايندو. ڪئپٽن ان جو ذڪر اڳوءَ ۾ پنهنجي چيف آفيسر سان ڪندو. اهو پنهنجن هيٺين آفيسرن کي پنجابي يا سنڌيءَ ۾ ٻڌائيندو ۽ جي اهو نيا پو خلاصين لاءِ آهي تہ معنيٰ سرنگ (خلاصين جو انچارج) ڪيچي يا مڪراني هوندو تہ خلاصي پناڻ.

هڪ اهڙو دلچسپ قصو ناروي جي هڪ جهازران ڪمپنيءَ جي نيوز ليٽر ۾ چپيو آهي. اتي جي جهازن تي آفيسرءِ خلاصي نارويجن، سئيڊش، جرمن، پوليش ۽ فلپينو وغيره ٿين. نيا پي جو ردو بدل هن ريت آهي:

ڪئپٽن جو نيا پو چيف آفيسر لاءِ: سياڻي صبح ساڻ نائين بجي ڏاري سج گرهڻ ٿيندي. هيءَ هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا ڏاڍي نٽي ٿئي. سو خلاصين کي اطلاع ڪجاءِ تہ هو پلي ڪنهن شانائتي ڊريس ۾ ڊيڪ تي اچي ٻيهن جيئن هو اها ڏسي سگهن. قدرت جو هي هڪ عجيب نظارو ڪين سمجهائڻ لاءِ آئون پاڻ هلي ايندس. جيڪڏهن ان وقت مينهن پيو تہ پوءِ سج گرهڻ جتيءَ طرح ڏسي نہ سگهبي. ان حالت ۾، خلاصين کي ميس روم

۾ گڏ ٿيڻ لاءِ چئجانءِ."

چيف آفيسر جو نيا پو سيڪنڊ آفيسر ڏي: ڪئپٽن جي حڪم مطابق سياڻي صبح جو نائين بجي سج گرهڻ ٿيندي. جيڪڏهن مينهوڳي ٿي پيئي تہ پوءِ اسين اوچا ڪپڙا پائي ڊيڪ تان ان کي جتيءَ طرح ڏسي نہ سگهنداسين. ان حالت ۾ سج جي لِڪڻ جو نظارو ميس روم ۾ ويهي ڏسنداسين. هيءَ هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا روز روز نٽي ٿئي.

سيڪنڊ آفيسر جو نيا پو ٽرڊ آفيسر ڏي: ڪئپٽن جي حڪم تي اسان اوچا ڪپڙا پائي نائين بجي ميس روم ۾ سج جو غائب ٿي وڃڻ ڏسنداسين. ڪئپٽن مينهن بابت اڳي ٻڌائيندو تہ آيا اهو وسندو يا نہ. هيءَ هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا روزانو نٽي ٿئي.

ٽرڊ آفيسر جو نيا پو سرنگ لاءِ: جيڪڏهن سياڻي صبح جو ميس روم ۾ مينهن وسيو. بلاشڪ اها هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا هر روز نٽي ٿئي تہ، پوءِ ڪئپٽن سڏن ڪپڙن ۾ نائين بجي ڏاري غائب ٿي ويندو.

سرنگ جو نيا پو خلاصين لاءِ: سياڻي صبح نائين بجي ڏاري پنهنجو ڪئپٽن غائب ٿي ويندو. افسوس جوگي ڳالهہ اها آهي تہ ائين هر روز نٿو ٿئي.

ملئي _ ڏُور اوير جي سولي ۾ سولي ٻولي

ملئي زبان لاءِ چيو وڃي ٿو ته دنيا ۾ سولي ۾ سولي ٻولي آهي. خاص ڪري اڙدو، سنڌي، هندي، پنجابي جاٽندڙن لاءِ، جو انهن ۾ ٻولين ۾ عربي، فارسي، سنسڪرت ۽ انگريزيءَ جا ڪيترائي لفظ آهن جيڪي ملئي زبان ۾ پڻ آهن. بلڪ ملئي زبان لاءِ ته چيو وڃي ٿو ته اها ڏارين ٻولين جي Melting – pot آهي چاڪاڻ جو منجهس تمام گهٽا ڏاريان لفظ آهن. اسان جو هڪ ملئي پروفيسر دوست ته ايتري قدر چوندو آهي ته ملئي زبان جا اصل فقط تي لفظ آهن: اوبي، بيسي ۽ بابي (گجر لوهه ۽ سوئر).

گرامر جي لحاظ کان به منجهس ڪو گهڻو مونجهارو ناهي. مذڪر توڙي مونث لاءِ ساڳيو ئي ضمير DIA استعمال ٿئي ٿو. انگريزيءَ وانگر هر هڪ لاءِ ڏار ڏار She, He ۽ It جو استعمال نٿو ٿئي. زمانن جو پڻ گهڻو ڪٽاڪ ناهي. عورت هجي توڙي مرد، يا ڪو ڪتو ٻلو، اهو فعل ٻڌائڻ ته "هو هلي ٿو" Dia Pergi چوڻ ڪافي آهي. جنهن جي معنيٰ هو يا هوءَ وڃي ٿي، ويندو، ويو هليو آهي يا ويو. انهن بن لفظن ۾ سڀ ڪجهه اچي ويو. انگريزيءَ جي Go, Went, Gone جهڙن مڙني لفظن لاءِ ملئي فقط هڪ لفظ Pergi ڪافي آهي. ان ڪري ملئي زبان سکڻ تمام سولو ڪم آهي. جيتوڻيڪ هڪ بنگالي پروفيسر- ڊاڪٽر مزمل کي ملئي زبان جي اها خوبي ادبي خامي لڳي ٿي ۽ گرامر جي لحاظ کان ملئي زبان کي هو غريب ۽ غير سائنسي سڏيندو آهي.

ملئي زبان جي رسم الخط پهرين عربي نموني جي هئي- جيئن سنڌي، اڙدو، فارسيءَ جي لکٹي آهي. ان پراڻي نموني جي لکٹيءَ کي هتي جا ماڻهو جَوي (Jawi) سڏين ٿا. پر اڌ صديءَ کن کان ملئي زبان جويءَ بدران

رومن نموني سان لکي وڃي ٿي، جنهن لاءِ انگريزيءَ واري اي بي سي استعمال ٿئي ٿي ۽ ان لکٹيءَ کي رومي سڏين. هڪ اڌ اخبار ۽ ڪجهه مذهبي ڪتاب اڃا به پراڻي نموني جي لکٹِي Jawi ۾ ڇپجن ٿا باقي ٻيو سڀ ڪجهه رومیءَ ۾ هلي ٿو. ان ڪري ڏاريون ماڻهو جيڪو انگريزيءَ کان واقف آهي جهٽ پٽ ملئي پڙهيو وڃي. اهو ئي سبب آهي جو سنگاپوري شاگرد چيني تامل ۽ ملئيءَ مان هڪ آپشنل سبجيڪٽ کڻڻ وقت گهڻو ڪري ملئي جي چونڊ ڪن ٿا- ڇو ته چيني ۽ تامل زبانن جي پيٽ ۾ ملئي لکڻ پڙهڻ سولي آهي. جيڪو انگريزي لکي سگهي ٿو ان لاءِ ملئي لکڻ ڪو مشڪل ڪم نه آهي، پر چيني ۽ تامل زبانن جون لکٹيون بنهه مختلف ۽ بيحد ڏکيون آهن.

هن پاسي ملائيشيا ۽ انڊونيشيا ڏي اسلام ڪافي دير سان آيو. ان کان اڳ هتي هندو ڌرم عام هو. ان ڪري هتي جي ماڻهن جون ڪيتريون ئي ريتون رسمون هندو ڪلچر سان واسطو رکن ٿيون. ساڳي طرح ملئي زبان جا پڻ ڪيترائي لفظ هندي ۽ سنسڪرت سان تعلق رکن ٿا. تنهن کان سواءِ اڙدو ۽ ٻين پاشائن جا پڻ ڪيترائي لفظ ملئي زبان ۾ اڃا تائين موجود آهن. جيئن ته:

معنيٰ	ملئي لفظ
PERDHAN MENTRI (پرڌان منتري)	وزيراعظم
PERTAMA (پرتاما)	پهريون
CUTI (چُوٽي)	موڪل
CURI (چُوري)	چوري
GERHANA (گرهنا)	گرهڻ
SASTERA (ساسترا)	ادب
RATNA – MANIK (رتنا _ مانيڪ)	هيرو_موتي

NERAGA	(نرگا)	نرڳ_ جهنم
SYRGA	(شرگا)	سرگ _ جنت
UTAMA	(اتاما)	اتم_ مٿاهون
MAHA	(ماها)	مها _ وڏو
RUPA	(روپا)	روپ
SENJA	(سينجا)	سانجهي_ شام
PURAANAMA	(پورنما)	چوڏهين جو چند
PERTIWI	(پرتوي)	ڌرتي
PUTERA – PETERI	(پترا_پتري)	شهزادو_ شهزادي
PERIKSA	(پريڪشا)	پرک _ امتحان
PUSPA	(پسپا)	گل
MUNSYI	(مونشي)	منشي _ ماستر
PENJRA	(پنجرا)	پيجرو _ جيل
SUAMI-ISTERI	(سوامي _ استري)	مڙس _ زال
CAP	(چاپ)	چاپ
ANAYA	(انيا)	انياءِ، ظلم، وغيره، وغيره.

هڪ ڳالهه جو خيال رکڻ کپي ته ملئي زبان ۾ "چ" جي اچار لاءِ "C" استعمال ٿئي ٿي ۽ "ش" لاءِ "SY". ان ڪري مٿي لکيل ملئي لفظ Cap کي "ڪئپ" نه پر "چاپ" پڙهڻ کپي. اهڙي طرح شوال جي ملئي اسپيلنگ Syawal آهي ۽ نه Shawal ۽ Syrga جو اچار شرگا آهي.

هندي ۽ سنسڪرت کان علاوه ملئي زبان ۾ عربي ۽ فارسيءَ جا پڻ لفظ آهن. فارسيءَ جا ڪٿي ايترا نه آهن پر عربيءَ جا ته تمام گهڻا آهن. نموني طور ڪجهه لفظ هن ريت آهن:

ملئي لفظ	معنيٰ
TAJ	تاج، توپي
SAUDAGAR	سوداگر، واپاري
NAKHODA	جهاز جو ڪئپٽن (فارسيءَ ۾ ناؤ معنيٰ ٻيڙي ۽ خدا معنيٰ هلائيندڙ) ملئي زبان ۾ ناخدا لفظ ته آهي پر خدا ناهي.
MAUSIM	موسم
ZAMIN	زمين
HAWA	هوا
GUSTI	ملهه
KAHAT	ڪوٽ، قحط
DOMBA	گهيٽو
KABAB	ڪواب، وغيره وغيره.

اهڙيءَ طرح ملئي زبان ۾ عربيءَ جا ته ڪيترائي لفظ آهن جيڪي هوبهو ساڳي شڪل ۾ آهن يا ٿوري گهڻي قيرقار سان ملئي ٽي ويا آهن:

لفظ	معنيٰ
KANDIL	قنديل، ڏيو
MAJLIS	مجلس، مير
MAHIR	ماهر
KERTAS	قرطاس، ڪاغذ

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ISYARAT	اشارو، نشاني
ZAMAN	وقت
ISYTHAR	اشتهار، اعلان
ZALIM	ظالم
HAD	حد
DALAL	دلال
YAKIN	يقين
HADIR	حاضر
MAKLUMAT	معلومات

ڪجهه عربي لفظ جن ۾ "غ" آهي انهن لاءِ ملئي ۾ "K" لکجي ٿو. پر اچارجي نٿو. جيئن ملئي ۾ لکجي معڪلومات ٿو پر پڙهجي معلومات ٿو. ساڳي طرح:

ملئي لفظ	معنيٰ
LAKNAT	لعنت، پٽ پاراتو
TAKLIMAT	تعليمات، سبق ڏيڻ.

گهٽي عرصي کان، ملائيشيا ۾ پنجاب جا پڻ ڪافي مسلمان، هندو ۽ سک رهن ٿا. ملائيشيا جي واپار، پوليس، ڪورٽ، بئنڪ ۽ چوڪيداري تي اڌ صدي کان پنجابي ڇانيل آهن، جن جي زبان جو پڻ ملئي ٻوليءَ تي اثر ٿيو آهي. ڪيترائي پنجابي ۽ سرائڪيءَ جا لفظ ملئي زبان جو حصو آهن. جيئن ته: Kadang Kadang معنيٰ ڪڏهن ڪڏهن.

يا Jaga معنيٰ جاڳندڙ، چوڪيدار وغيره.

ملايا تي پورچوگالين جي سوا صدي کن حڪومت رهي (1511 کان ونڊي 1641ع تائين.) ڪيترائي پورچو گالي اجا تائين هتي رهن ٿا. سندن زبان جو پڻ ملئي زبان تي اثر ٿيو آهي. ڪيترائي ملئي لفظ اصل ۾

پورچوگالي آهن، جهڙوڪ:

ملئي لفظ	معنيٰ
BOTOL	بوتل، شيشي
ALMARI	الماري، ڪٻٽ
DODOL	مٺو ڪيڪ
SEPATU	سپاتو، چمپل
BENDERA	جهنڊو
KAMAR	ڪمرو، وغيره.

پورچوگالي زبان جو اثر اسان جي ٻولين تي پڻ آهي ۽ ڪيترائي پورچوگالي لفظ سنڌي اڏوءَ ۾ پڻ رچي بسي ويا آهن.

1786ع کان ونڊي انگريزن ملائيشيا تي قبضو شروع ڪيو ۽ آزاديءَ تائين_ پوٽا ٻه سؤ کن سال انگريزن جي حڪومت رهي. ان دوران انگريزيءَ جا ڪيترائي لفظ ملئي زبان جو حصو بڻجي ويا. پوءِ ڪي ساڳي صورت ۾ آهن ۽ لڳي ٿو ته جڏ اصل کان ملئي هجن جيئن پاڻ وٽ گلاس، رود، ٽرماس، لاٽري، صورتي، ڊم، بائڪات جهڙا اصل انگريزي لفظ آهن. ڪي ٿوري ڦير گهير سان ملئي ٿي ويا آهن. ڪي ته انگريزيءَ جا بيحد اوپرا لفظ ملئي زبان ۾ رايترو ته عام ٿي ويا آهن جو ڳوٺن جون اڻ پڙهيل ۽ پوڙهيون مايون ٻه ٻنا دقت جي اهي لفظ لس ئي لس ڳالهائي وجن ٿيون. انهن لفظن مان ڪجهه هن ريت آهن: لاجڪ، انفراسٽرڪچر، انٽيلڪچوئل، پورٽوڪال، انٽروورٽ، ٽرئجڊي، ڪاميڊي، اسڪينڊل وغيره. ڪن جي وري ٿوري اسپيلنگ بدلائي انهن کي ملئي ڪيو ويو آهي. جيئن ملئي لفظ Simpati دراصل انگريزي لفظ Sympathy (همدردي) مان آهي. اهڙيءَ طرح:

ملئي لفظ	اصل انگريزي لفظ

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

AKAUN	ACCOUNT
EJEN	AGENT
BOM	BOMB
LIF	LIFT مان نڪتو آهي.
AGRESIF	ائگريسو
SIMEN	سيمنٽ
OPTIMIS	آپتيمسٽ مان
ASPEK	ASPECT مان

ملئي زبان ۾ ڪي ڪي انگريزيءَ جا لفظ هوبهو ساڳي صورت ۾ ڪنيا ويا آهن. پر انهن جون اسپيلون ملئي نموني جون رکيون ويون آهن. ائين ڪرڻ سان ڏنو وجي ته اهي انگريزيءَ جا لفظ ملئي نموني لکڻ ڪري پڙهڻ ۾ وڌيڪ سولا لڳن ٿا ۽ بنا مدد جي پار يا ڏاريون به اچاري سگهي ٿو. مثال طور:

انگريزي لفظ	ملئي لفظ
BUNGALOW	BANGLO
CALORIE	KALORI
CAKE	KEK
CHEQUE	CEK
COLLEGE	KOLEJ
PROOF	PRUF
EXCISE	EKSAIZ
POLICE	POLIS
PHOTO	FOTO

MICROPHONE	MIKROFON
LIEUTENANT	LEFTINAN
CYCLONE	SIKLON

انگريزيءَ جا اهي لفظ جن جي آخري ۾ شن Tion اچي ٿو ان کي ملئي بنائڻ لاءِ "Tion" کي "SI" ڪيو ويو آهي. جيئن ته انگريزيءَ جو اصل لفظ ايڊيشن ملئيءَ ۾ ايڊيسي ٿي ويو آهي. ڊيڊيڪشن لاءِ ملئي لفظ ڊيڊيڪيسي آهي. ۽ اهڙيءَ طرح:

ملئي لفظ	اصل انگريزي لفظ
KOLESKI	
COLLECTION	
DEMENSI	
DIMENTION	
IMAGINASI	
IMAGINATION	
REAKSI	
REACTION	
REOVOLUSI	
REVOLUTION وغيره.	

پر ضروري ناهي ته هر لفظ لاءِ اهو قاعدو استعمال ڪيل آهي. ڪي لفظ ساڳي اُچار وارا پڻ آهن. جهڙوڪ:

انگريزي لفظ	ان مان ٺهيل ملئي لفظ
OPTION	OPSYEN

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

SECTION	SEKSYEN

يا وري ٿوري فرق سان:

PENSION	PENCEN (پنچن)

ملئي زبان ۾ ڪيترائي انگريزيءَ جا لفظ اهڙا آهن جيڪي ڳالهائڻ وقت ته سمجهيو وڃجن پر ملئي جامو پهرڻ بعد اسان کي پڙهن ۾ عجيب لڳن ٿا. جيئن ته اسان جون نظرون انگريزي اسپيلنگ تي هريل آهن ان ڪري انهن انگريزي لفظن جون ملئي اسپيلون نرالیون لڳن ٿيون. مثال طور انگريزيءَ جو سرڪس لفظ ملئي ۾ بہ سرڪس آهي پر ملئي ۾ سندس اسپيلنگ انگريزي واري Circus بدران Sarkas ٿيو وڃي. اهڙيءَ طرح:

انگريزي لفظ Captain جي ملئي اسپيل Kapten آهي.

GENERAL	JANRAL
CONCRETE	KONKRIT
GREASE	GRIZ
SCIENCE	SAINS
PHYSICS	FIZIK
PRACTICE	PRAKTIS
RAIL	REL
TEXT	TEKS وغيره.

متي لکي آيو آهيان ته ملئي اي بي سي ۾ سي (C) جو اچار "چ" آهي. جيئن "Cat" لفظ انگريزيءَ ۾ "ڪٽ" ٿيو. معنيٰ "ٻلي". پر ساڳيو لفظ ملئي ۾ "چاٽ" پڙهبو. معنيٰ "روغن". ان ڪري ملئي پڙهندڙن کي انگلنڊ، يورپ پاسي ۽ انگريزي ڄاڻندڙ کي ملائيشيا ۾ ان اکر وارن لفظن ۾ ڪڏهن ڪڏهن مونجهارو ٿئي ٿو. ۽ Cuba ڪيوبا ملڪ کي ملئي ماڻهو

books.sindhsalamat.com

چوبا پڙهيووجن . يا ڏاريو ماڻهو ملئي Cuba چوبا (معنيٰ ڪوشش) کي ڪيوبا پڙهي سگهي ٿو. هڪ دفعي ٽي ويءَ جي ملئي انائنسر Here is Lucy "هيئر از لوسي" پروگرام جو اعلان ڪرڻ دوران "هيئر از لوچي" چئي ويئي.

ڏارين زبانن کان علاوه ملئي جي ٻن لفظن کي ملائي پڻ نوان ملئي لفظ ٺاهيا وڃن ٿا. جيئن فارسيءَ جي لفظ بُز (ٻڪري) ۽ دل کي ملائي بزدل لفظ ٺاهيو ويو آهي. معنيٰ ڊڄڻو. ٻڪريءَ جي دل وارو. اهڙيءَ طرح ملئي ۾ چند کي انڪ بولان سڏجي ٿو. جيڪو ٻن لفظن جو ميلاپ آهي. Anak معنيٰ ٻار. Bulan معنيٰ مهينو. يعني مهيني جو ٻچو. سو ٿيو چند. اهڙي طرح Hari معنيٰ ڏينهن ۽ Mata معنيٰ اک. پر جي ٻئي لفظ ملائبا ته ٿيندو ماتاهاري معنيٰ سج. اهڙيءَ طرح ڪار کي Kereta چون ۽ ڊڀي کي Lembu . ٻئي لفظ ملائڻ سان ٿئي ڊڀي گاڏي- ڪيريتا لمبو. ۽ ڪيريتا آپي ٽي ريل گاڏي. Api معنيٰ ٻاهه. جيئن پاڻ وٽ ٻاڦ تي- يعني ٻاهه تي هلندڙ ٻوٽ (ٻيڙيءَ) کي آگبوٽ سڏين.

افواهن کي ملئي ٻوليءَ ۾ Khabar _ Angin سڏين. خبر معني خبر، حال چارل ۽ انگن معنيٰ هوا. يعني هوائي ڳالهه، ڌاڙ، ٻتاڪ، گشو. انتارڪٽڪ Antarctic کي ملئي ۾ Kutup – Selatan چون. Kutup معنيٰ قطب، ۽ سلاطين معنيٰ ڏکڻ. گاديءَ جو هنڌ (Capital) لاءِ ملئي لفظ Ibu- kot آهي. اِبو معنيٰ ماءُ ۽ ڪوٽا معنيٰ شهر. يعني گاديءَ جو هنڌ ٿيو شهرن جي ماءُ. اهڙي طرح هيد آفيس کي چون – Ibu Pejabat معنيٰ آفيس جي ماءُ. گلابي رنگ کي Merah – Jambu سڏين. ميراح معنيٰ ڳاڙهو ۽ جمبو معنيٰ زيتون. يعني زيتوني ڳاڙهو ٿيو گلابي رنگ. جيئن Violet رنگ پاڻ وٽ ٿيو واڱڻائي.

ڪيترين شين جا انگريزي نالا جيڪي اصلي صورت ۾ وڌيڪ مشهور آهن، انهن لاءِ نوان ملئي نوعيت جا نالا گهڙيا ويا آهن جيڪي

www.sindhsalamat.com

قبوليت حاصل ڪرڻ بدران اوپرا لڳن ٿا. جيئن ته ريفريجريٽر کي "پيٽي سِجوڪ" سڏجي ٿو. Peti معنيٰ پيٽي يا دٻو ۽ Sejuk معنيٰ ٿڏو. اهڙي طرح ٽرماس بدران "بوتل آير پاناس" لفظ گهڙيو ويو آهي. Botol معنيٰ بوتل يا شيشو. Air معنيٰ پاڻي ۽ Panas معنيٰ گرم. يعني گرم پاڻيءَ جو شيشو. ميڊيڪل جي سبجيڪٽ "گائني" جو ملئي نعم البدل لفظ Ilmupenyakit - Puan عِلمو پينياڪٽ پُئان يعني عورت جي بيماريءَ جو علم. يا جاگرافيءَ لاءِ Ilmu Alam لفظ رکيو ويو آهي- يعني عالم جيجاڻ.

آندي لاءِ ملئي ٻوليءَ ۾ Tali Perut (پيٽ جي رسي) لفظ ناهيو ويو آهي. Sarong معنيٰ گوڏ. ۽ جيئن ته لفافي لاءِ ملئي ۾ ڪو لفظ ناهي ته ملئي جا ٻه لفظ – Sarong۽Surat ملائي ناهيو ويو آهي. سرونگ معنيٰ گوڏ سورت معنيٰ خط. يعني خط جي گوڏ - سو ٿيو لفافو. هونءَ سرونگ نه فقط ٽنگن کي ڍڪڻ جي ڪپڑي کي چئجي ٿو. پر هر پوش، ڍڪ، جلد، گوڏ، وهاڻي جي چَوَ لاءِ اهوئي لفظ Sarong آهي. جيڪڏهن دڪاندار کان سرونگ جي آهستي آواز ۾ گهر ڪندائو ته گوڏ يا وهاڻي جي چَو بدران ڪنڌوم ڪيي ڏيندانوَ. چوجو برٿ ڪنٽرول جي ربڙ لاءِ ٻه ملئي لفظ Sarong يعني گوڏ آهي. اهڙي طرح چهري کي Burung Hantu- غيبات جو پکي سڏين جو اهو رات جي اونداهيءَ ۾ ڏنل جاين ۾ نظر اچي ٿو.

پر ريفرجريٽر جهڙن عام مروج لفظن کي زوريءَ 'پيٽي سجوڪ' بڻائڻ سان ڪو خاص فرق نه پيو آهي. آسانيءَ بدران ويتر وڌا ۽ ڏکيا نالا ٿي پيا آهن. جيئن ڪجهه عرصو اڳ اندنيا ۾ انگريزي لفظن کي هندي بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. پوءِ ڪجهه ته ڪاميابيءَ سان هندي ٿي ويا کي اوپرا ئي رهيا. جيئن ٽرين جو هندي نالو 'اگني رٿ' رکيو ويو. اگني معنيٰ باهه ۽ رٿ معني ڦيٿن تي هلندڙ گاڏي.

سي ڪان مزيدار نالو ان ريل کي بيهارڻ ۽ هلڻ جو اشارو ڪندڙ

books.sindhsalamat.com

لوهي سگنل جو تجويز ڪيو ويو هو. جيڪو هن ريت آهي:

"اگني رٿ، گامن اگامن، سُوچڪا تامبا ورنا لوها پاتِڪا" - يعني آگ گاڏي جي اڇڻ وڃڻ لاءِ اشارو ڪندڙ تامي جي رنگ جو لوهي پٽي- يعني سگنل.

ڪنهن چيو گاڏي بيهارڻ لاءِ جيسين ڪنهن کي حڪم ڏجي ته "اگني رٿ گامن اگامن سوچڪا تامبا ورنا لوها پاتڪا" کي مٽي ڪ، تيسين گاڏي ته استيشن ۾ ٽپي ويندي.

ائين ٻه نه آهي ته رڳو ٻين زبانن جا لفظ ملئي ۾ آيا آهن. ڪجهه ملئي جا لفظ ڏارين ٻولين ۾ پڻ جذب ٿي ويا آهن. جيئن انگريزيءَ جو لفظ Compound ملئي لفظ ڪمپونگ (Kampong) مان نڪتو آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڳوٺ، گهر، چوڌيواري. اهڙي طرح انگريزيءَ جو لفظ Amok پڻ ملئي مان نڪتو آهي. وڏو طوطو جيڪو آسٽريليا، انڊونيشيا، پاپا نيوگني ۽ هتي ملائيشيا ۾ جام ٿئي ٿو. ان جو انگريزي نالو Cockatooملئي لفظ Kakak-Tua مان ٺهيو آهي. ڪاڪا(ڪ) معنيٰ پيٽ ۽ تنا معنيٰ وڏي يا پوڙهي. اهو آڪسفورڊ جي ڊڪشنريءَ ۾ پڻ ڄاڻايل آهي. اهڙيءَ طرح سان Orang Utan هڪ پولڙي جو قسم آهي جيڪو ماڻهوءَ سان ڪافي ملي ٿو ۽ اهو فقط هن پاسي جي جهنگلن ۾ نظر اچي ٿو. انگريزيءَ جو لفظ "اورانگ اُوتان" در اصل ملئي لفظ "اورانگ هُوتان" مان ٺهيو آهي ۽ هتي ان پولڙي کي اورانگ- هُوتان ئي سڏين. Orang ملئي لفظ جي معنيٰ آهي ماڻهو ۽ Hutan معنيٰ جهنگل. يعني جهنگل جو ماڻهو.

اهڙيءَ طرح Tiadapa جيڪو ٺيٺ انگريزي لفظ لڳي ٿو پر اصل ملئي لفظ Tidak Apa Apa مان ٺهيو آهي. ان جي معنيٰ آهي ڪجهه ٻه نه. تِداق معنيٰ نه ۽ آپا آپا معنيٰ ڪجهه. ڪو امتحان ۾ فيل ٿي پوي ۽ ڪيس چئجي ته يار پڙهين ها ته پاس ٿي وڃين ها. هو ان تي بي پرواهي

www.sindhsalamat.com

ڏيکارڻ لاءِ چوندو تِداق آپا آپا. يعني مڙئي خير آهي. يا انگريزيءَ ۾ چئجي ته I Damn Care. "تِداق آپا آپا" سڄو لفظ چوڻ بدران ان جو مخفف تاپايا Tapaya پڻ چيو وڃي ٿو.

ان کان علاوه انگريزيءَ جا لفظ: Launch, Criss, Sampan ۽ Gutta Percha پڻ اصل ۾ ملئي جا لفظ آهن.

عورتن ۽ مردن جون ڇمارون

پنڌرهن ڏينهن جو هڪ ڪورس اسان جهازن جي چيف انجنيئرن ۽ ڪئپٽنن لاءِ رکيو ويو جنهن ۾ نئشنل يونيورسٽي آف ملائيشيا (جيڪا ملئي زبان ۾ يونيورسٽي ڪَبنگسآن ملائيشيا سڏجي ٿي)، UKMجي ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي مختلف پروفيسرن اسان کي سنو ماستر ٿي پڙهائڻ لاءِ مختلف عنوانن تي ليڪچر ڏنا. جهڙوڪ: گروپ ٽيچنگ، رهنمائي ۽ صلاح مشورو (Counselling)، شاگرد جو بئڪ گرائونڊ معلوم ڪرڻ جي اهميت، ليڪچر ڊيڊ ۽ ناهڻ جو طريقو وغيره وغيره. اهو ان ڪري ته جيئن اسان، جيڪي جهاز ته ڪٽي سنو هلائيندا هونداسين پر هاڻ هتي جي جهاز ران اڪيڈمي ۾ ماستر ٿي، سنو پڙهائڻ جو آرٽ پڻ سکي سگهون. يعني ان ڪورس ۾ اسان ويهارو ڪن جهونا جهازي "شاگرد" ٿي ويناسين. جيتوڻيڪ عمر جي لحاظ کان ان ڪورس ۾ اسان جا استاد اسان کان ننڍا هئا.

تحقيقاتي ۽ تعليماتي ليڪچرن جي وچ وچ ۾ ڪنهن ڪنهن پروفيسر اسان Sailors (جهازين) کي ڪو چرچو پوڳ پڻ ٻڌايو ٿي- جيتوڻيڪ ٻڌائڻ اسان کي ڪتو ٿي. آخر ۾ نيٺ ٿيو به ائين ٿي. موٽ ۾ اسان مان به ڪنهن نه ڪنهن همراهه اٿي ان ٿي - Length Wave ۽ فضا جي ڳالهه ٻڌائي ٿي.

نئشنل يونيورسٽي آف ملائيشيا (UKM) جي پروفيسر محمد جفنيءَ چيو شادي هر عورت سان ڪجي، پر ان سان هرگز نه جيڪا ڪنهن ميوزيم ۾ ڪم ڪندي هجي.

"چو پلا؟" ڪنهن جهازي شاگرد پڇيو.

"چوا ان ڪري جو ميوزيم ۾ جنهن به شيءِ کي ڪٽي هٿ لاءِ ته Don't Touch چھو نہ، چھو نہ جي رڙ ڪندي ڪندي جڏھن گھر پھچندي ته ساڳي رڙ مڙس تي به ڪندي ھوندي." مڙس رڳو ھٿ رکندو ھوندس ته وات مان نڪري ويندو ھوندس ڊونٽ ٽچ!"

سپ کلڻ لڳا.

انڊونيشيا جي ڪئپٽن صبردين چيو ھڪ ٻي نوڪري واري عورت سان به شادي نہ ڪجي.

"ماسترياڻي چا؟" اسان ۾ پروفيسر ڏُکا ھٽڻ شروع ڪيا.

"نہ."

"پلا ڊاڪٽرياڻي؟"

"نہ!"

"نرس؟" مئجسٽريٽ؟" ڳائڻي؟"

"نہ. نہ. نہ."

"پلا ڪير؟"

"ڪسٽم آفيسرياڻي." ڪئپٽن صبردين آخر ٻڌايو.

"اھو پلا ڪيئن؟" اسان پڇيس.

"اھو ھينءَ." ڪئپٽن صبردين پنھنجي عينڪ صاف ڪندي چڙ راز جي ڳالھ ٻڌائي، "ته ڪسٽم آفيسرياڻي ھر ماڻھوءَ کي چوندي وتندي آھي Please Open مھرباني ڪري پنھنجا ٽپڙ کول. ايئرپورٽ يا بندرگاھ تي سڄو ڏينھن سندس اھوئي ڪم ھوندو آھي_ ماڻھن کي سامان کولڻ لاءِ چوڻ."

انديا جي ڪئپٽن موھندرا چيو: "آئون به ڪجھ چوڻ چاھيان ٿو."

سنگاپور جي چيف انجنيئر دائود چيو: "مھرباني ڪري ڪلارڪ عورت لاءِ ڪجھ نہ چئجانءِ جو منھنجي زال ڪلارڪ آھي."

"نہ آئون عورتن جي خلاف ڳالھائڻ نٿو چاھيان." ڪئپٽن موھندرا

books.sindhsalamat.com

چيو. "آئون اھو ٻڌائڻ چاھيان ٿو ته عورت لاءِ آئيڊيل مڙس ڪھڙو آھي؟"

پروفيسر؟ نہ.

جھازي؟ نہ.

ڊاڪٽر، انجنيئر؟ نہ.

پائليٽ، جج، پوليس وارو؟ .... نہ.

"ٻڌو. آرڪالاجسٽ". ڪئپٽن موھندرا چيو. "آرڪالاجسٽ- جھونيون شيون ڳولڻ ۾ انھن کي سانڊيڻ واري جي زال جيئن جيئن پوڙھي ٿيندي ويندي تيئن تيئن ھن کي وٽڻ لڳندي."

Micro۽ Macro ٽيچنگ دوران ھڪ کي ڪنھن عنوان تي ڏھن منٽن جو ليڪچر ڏيڻو ھو جنھن جي وي سي آر ذريعي فلم ڪڍي پوءِ ان کي Replay ڪري پڙھائيندڙ جي اوٽاين تي ھڪ ملئيءَ پروفيسرياڻيءَ کي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻي ھئي، جيڪا مائڪرو ۾ مئڪرو ٽيچنگ ۾ ماھر ھئي ۾ آمريڪا مان ان سبجيڪٽ تي پي. ايڇ. ڊي ڪري آئي ھئي.

اسان سيني پنھنجي جھازي عنوانن تي ڳالھايو. ملئي ڪئپٽن عمر بن ترسائيءَ ماحول کي خوشگوار بڻائڻ لاءِ ٽيڪنيڪل سبجيڪٽ بدران ھڪ مزاحيہ عنوان ڪنيو_ عورت جون مختلف وھيون.

ھن ٻڌايو ته عورت چوڏھن کان ارڙھن سالن تائين آفريڪا کنڊ وانگر ورجن آھي. ڪٽان ڪٽان کا ٿورو گھٽو ڇھيل ڪٽي ھجي.

19 کان 26 سالن تائين ھوءَ آسٽريليا کنڊ وانگر تمام گھٽو ڊيولپڈ آھي. سندس جبل ۾ ماٽريون تمام گھٽيون نمايان آھن.

27 کان 35 سالن تائين ھوءَ آمريڪا وانگر تمام گھٽو ٽيڪنيڪل ۾ ائڊوانسڈ آھي.

36 کان 45 سالن تائين ھوءَ ايشيا کنڊ وانگر اڃا به گرم آھي.

46 کان 55 سالن تائين ھوءَ يورپ کنڊ وانگر آھي. جنھن جا ڪجھ حصا وٽندڙ آھن.

www.sindhsalamat.com

۾ پوءِ 56 کان اڳتي هوءَ ائنتارکتکا کنڊ آهي. هر هڪ کي ان جي موجودگيءَ جو تہ علم آهي پر کو بہ سندس ويجهو وڃڻ نٿو چاهي.

ڪئپٽن عمر جو مٿيون ليڪچر ٻڌي نہ فقط اسين مرد جهازي پر پروفيسرياڻي بہ محضوظ ٿي_ جيڪا اسان سيني کان عمر ۾ ننڍي هئي. ويجهڙائيءَ ۾ سندس شادي ٿي هئي. ڪلي چيائين:

"منهنجي مڙس کي عورت جون اهي وهيون نہ ٻڌائجو."

سريلنکا جي ڪئپٽن مانيڪ رڊرا چيو: "اهي تہ ٽيون عورتن جون وهيون، مرد جي وهين جي خبر اٿانوَ؟"

"اهي ست هزارون آهن جنهن ۾ هو پهرين ننڍڙو ٻار آهي. پوءِ چوڪرو ٿو ٿئي، پوءِ نوجوان..." ڪنهن چيو.

"نہ نہ. مرد جي زندگيءَ جا فقط ٽي دور ٽيندا آهن:

هڪ ٽراءِ ويڪلي

ٻيو ٽراءِ ويڪلي

ٽيون ٽراءِ ويڪلي."

سيني وٽي گوڙ ڪيو تہ اها ڪهڙي بڪواس آهي. ڪئپٽن مانيڪ چيو: "ائين سمجهہ ۾ نہ ايندو، ترسو تہ بورڊ تي انگريزيءَ ۾ لکان" ۽ پوءِ چاڪ کڻي هن بورڊ تي لکيو:

مرد جو پهريون دور Tri – Weekly آهي. معنيٰ هفتي ۾ ٽي دفعا. ۽ ٻيو دور هفتي ۾- Weekly Try آهي معنيٰ هو هر هفتي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ٽيون ۽ آخري دور Try – weakly آهي يعني هن جي ڪوشش تي ڪمزوري ڇانيل رهي ٿي.

ڪجهہ Toilets بابت ...

اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا جپان نہ ناهي هجي. ايجاد ڪٽي آمريڪا، فرانس يا انگلينڊ ڪئي هجي، پر جپان ان ۾ اهڙيون تبديليون ۽ سڌايون آنديون هونديون جو اها شيءِ پهرين کان وڌيڪ جتادار، ڪٽڻ ۾ هلڪي ۽ خريد ڪرڻ ۾ سَستي ثابت ٿي هوندي. مثال طور ڪئلڪيوليٽر يا ٽي وي ڪٽي آمريڪا ايجاد ڪئي هجي، واشنگ مشين انگلينڊ يا موٽر ڪار فرانس جرمنيءَ، پر ان کي هڪ ئي وقت قيمت ۽ وزن ۾ گهٽ ۽ سونهن سوپيا ۽ ٽيڪنالوجيءَ ۾ اُتم، جپان ٻڌايو آهي. ٻي وڏي لڙائيءَ ڪانپوءِ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سپ کان گهٽيون شيون جپان جون هلي رهيون آهن_ خاص ڪري اليڪٽرڪ، اليڪٽرانڪ، ڪمپيوٽر نموني جون- جن کي High - Tech يعني اتم ٽيڪنالاجي واريون شيون پڻ چئي سگهجي ٿو.

وي سي آر ڏسو! معمولي وي سي آر ۾ اڃڪلهہ انيڪ فنڪشن آهن. هڪ ئي وقت، آڱر جي معمولي ڇُهاءُ سان ٽي وي جو هڪ چئنل ڏسي سگهجي ٿو تہ ٻيو ٽيپ ٽي سگهي ٿو. ٽي وي پلي بند پئي هجي، پر توهان جي غير موجودگيءَ ۾ سجي هفتي جا گهربل پروگرام ٽيپ ٽي سگهن ٿا. پروگرام ۾ ٽرئڪنگ آهي تہ اها بہ ختم ٽي سگهي ٿي. هڪ طرف اهڙيون ڪيترين ئي سڌايون شامل ڪيون ويون آهن تہ ٻئي طرف ان کي تور، سائيز ۽ قيمت ۾ گهٽ رکيو ويو آهي.

جپاني عام هنڌن بسترن تي سمهندا هئا، پر پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي هنن اهڙا تہ ڪٽي پلنگ ۽ سوڙهون ايجاد ڪيون جن ۾ ڪيترين ئي اليڪٽرڪ / اليڪٽرانڪ جون شيون وجهي ڇڏيائون، ريڊيو، ٽيپ، بتي، نوڪر جي سڏڻ لاءِ بيل، وقت ٻڌائڻ لاءِ گهڙيال ۽ گهربل وقت تي اٽارڻ لاءِ

الارم - نہ فقط ايترو پر وهاڻي کي تلهو ڪرڻ لاءِ هوا پرڻ جو بندوبست ۽ بلاڪيت کي ڪوسو ڪرڻ لاءِ اليڪٽرڪ سپلاءِ گهٽجڻ ۽ وڌڻ لاءِ سوئچ رکيائون. جيئن ستي ستي آگر جي اشاري سان جيئن وڻي تيئن ڪري سگهجي. مطلب تہ هنن هر شيءِ ۾ اليڪٽرانڪ ۽ انٽيگريٽيڊ سرڪٽس (ICs) جو استعمال ايترو تہ ڪيو آهي جو هر شيءِ وڌيڪ خوبصورت، سهولت واري ۽ انسان جي خدمت ۾ سڪ لاءِ هر وقت تيار ٿي پيئي آهي.

جڏهن جپان وڃبو آهي تہ جپان جي هر شيءِ مان سائنس ۽ اتم ٽيڪنالوجيءَ جو ساءُ ايندو آهي. جيڪڏهن ڪا شيءِ ساڳي حالت ۾ نظر ايندي آهي تہ اهي فقط جپاني ڪاڪوس خانا (Toilets) آهن- سوڙها، بدبودار، ڊنل ... سياري ۾ ويهہ تہ جڙ ماٺهو برف جي سِر تيوينو. پر هاڻ اهي بہ ڏسندي ئي ڏسندي اتم ٽيڪنالاجي High – Tech جو انوکو مثال بڻجي ويا آهن. اڄ جي جپاني ڪاڪوسن ۾ گهڻ تہ اهي هوائي جهازن جي ڪاڪ پٽ لڳن ٿا ۽ ڪمود(Commode) پائليٽ جي ڪرسيءَ وانگر نظر اچي ٿو جنهن جي پر ۾ ڪيترائي سوئچ ۽ بٽڻ نظر ايندا. سڄو ٽوائليٽ ٽپ ٽاپ ۽ صاف ستڙو نظر ايندو. نہ تہ جپان جا عام ڪاڪوس خانا سنڊ جي سنداسن کان بدتر هئا. (ساڳيو حال ڪوريا جو هو.) جپان ۾ باهران ايندڙ ماٺهو، جيڪي فقط ڪجهہ ڏينهن لاءِ اتي جي وڏين هوٽلن ۾ رهي موٽن ٿا، انهن کي ان ڳالهہ تي يقين ئي نہ ايندو تہ جپان جا پبلڪ ڪاڪوس خانا گندگيءَ کان اهڙا مشهور هئا جو انهن کي چئن ڪافن سان سڏيو ويو ٿي: ڪِيتانائي (گدلا)، ڪُسائي (ڏپ وارا)، ڪُورائي (ڊنل) ۽ ڪُوائي (ڊپ وارا).

بهرحال هاڻ، ديرسان ئي سهي جپانين کي پنهنجن ڪاڪوسن جو خيال تہ ٿيو آهي تہ جن کي هنن مادرن ٽچ ڏني آهي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي بي افعالن ڪاڪوس خانن مان اهي هاڻ فيشني ٽوائليٽ ٿيندا وڃن. هاڻ جپانين جي جنهن بہ ڪاڪوس خاني ۾ گهڻ تہ اوچي پلاسٽڪ جا رنگين ڪمود نظر اچن ٿا جيڪي سياري ۾ گرم بہ رهن ٿا. بٽڻ دٻائڻ سان پاڻي ءَ جو وسڪارو

books.sindhsalamat.com

سڃي ڪاڪوس کي ميڙيو صاف ڪريو چڏي. اهي ڪمود Bidet جو ڪم پڻ ڏين ٿا جنهن لاءِ هڪ الڳ بٽڻ کي دٻائڻ سان، ڪمود ۾ اندر لڳل نلڪي مان پاڻي جي سنهي قوهاري جهڙي لار مٿي ايري ٿي جيڪا ڪنهن بہ طرف موڙي سگهجي ٿي ۽ هٿ خراب ڪرڻ بنا جسم جي صفائي ٿي سگهي ٿي. ان بعد ٽئين بٽڻ کي دٻائڻ سان گرم هوا هر شيءِ کي خشڪ ڪريو چڏي. ٽوائليٽ مان نڪرڻ وقت توهان جي شلوار يا پتلون اڏ ڏينهن تائين آلي نٿي رهي، جنهن مان هر هڪ کي خبر پئجي وئي ٿي تہ توهان واش روم ۾ هٿ ڏوئڻ لاءِ نہ پر وڏو معرڪو سر انجام ڏيڻ ويا هئائو.

جپان جي ڪمود ناهيندڙ مشهور ڪمپني Toto جو چوڻ آهي تہ واندو ٽيڻ بعد، صفائيءَ جي انتظام لاءِ پاڻيءَ جي قوهاري کي، هنن انهن ڪمودن ۾ بلڪل صحيح ڪنڊ تي رکيو آهي جيئن ان کي يا پاڻ کي هيڏانهن هوڏانهن چورڻ بنا، سڃي جسم جي چگي طرح صفائي ٿي وڃي. ان ڪاميابيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ هنن جي سائنسدانن، جپاني ماٺهن جي هينئينڊڙ جي ائناٽاميءَ جي ٻہ سال ريسرچ ڪئي هئي. شايد اهوئي سبب آهي جو سپ کان گهٽا ڪمود ناهيندڙ، هن ٽوٽو ڪمپنيءَ جو سلوگن آهي:

"Your Bottom will like it after three times"

۽ اهو سلوگن هن ڪمپنيءَ جي ڪمودن جي اشتهار سانگڙ لکيل هوندو آهي.

ٽوٽو ڪمپنيءَ هينئر جيڪو تازو ڪمود ماريکيٽ ۾ آندو آهي، ان کي - Queen Washlet صفائيءَ جي راڻي سڏجي ٿو. ان ۾ آخر ۾ خوشبوءِ واري اسپري جو پڻ بندوبست آهي. جيئن ٽوائليٽ جو در ڪلي ۽ همراهہ ٻاهر نڪري تہ چوڌاري آفيس يا گهر ۾ خوشبوءِ جي ٻهہ ٻهہ ٿي وڃي ۽ ڪنهن کي بهپنهنجي نڪ کي بند رکڻ جي تڪليف ڪرڻي نہ پوي.

هر روز ڪمودن ۾ ترقي اچڻ ڪري جپاني ماٺهن جي نفسيات تي وڏو اثر پيو آهي. اڄ جو جپاني ماٺهو، بيڊ روم کان وڌيڪ ٽوائليٽ تي ڌيان

www.sindhsalamat.com

ڏئي ٿو. جپاني تخت تي ويهڻ لاءِ ته فقط هيرو هتو جو اولاد ئي بادشاهه ٿي سگهي ٿو. پر توائليٽ جي تخت تي ويهڻ جو فيض ته هرڪو جپاني ماڻي سگهي ٿو.

ڪمود ناهيندڙ، جپان جي هن "ٽوٽو" ڪمپنيءَ هڪ ٻي ريسرچ پٽ ڪئي آهي ته جپاني گهرن توڙي آفيسن جون پتيون سنهيون هجڻ ڪري، توائليٽ جي اندر جا آواز باهر ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. نتيجي ۾ اهي زالون جيڪي طبيعت ۾ شرميليون آهن، هر وقت زنجير چڪينديون رهن ٿيون جيئن پاڻيءَ جي بئڪ گرائونڈ واري شپڪي ۾ باقي آواز ڏٻجي وڃن. هڪ جائزي مطابق هر جپاني عورت ٻه يا ٽي دفعا پاڻي ضايع ڪري ٿي. جيڪو وڏو قومي نقصان آهي- خاص ڪري جپان جهڙي ملڪ لاءِ جنهن جي چوڌاري سمنڊ جو کارو پاڻي ته جام آهي پر تازو پاڻي تمام مهانگو آهي.

ان ڳالهه کي منهن ڏيڻ لاءِ جپان جون ڪيتريون ئي ڪمپنيون ڪمودن ۾ ٻين شين سان گڏ ميوزڪ جو بٽڻ پڻ ڏئي رهيون آهن. جيئن اهي ماڻهو جن کي دست يا باديءَ جي شڪايت هجي اهي ضرورت وقت بٽڻ دٻائي توائليٽ اندر مار ڏاڙ واري ميوزڪ جو رڪارڊ هلائي سگهن ۽ سندن پيداڪيل گوڙ گڙڪا ان ۾ ڏٻجي وڃن. اهڙيءَ ريت باهر وينل اندر جي اقل بمباريءَ کان بي خبر رهن.

جپان ۾ ڪاڪوس خانن کي سڏارڻ ۽ سنوارڻ جو مقابلو ايڏو وڏي ويو آهي جو هڪ ڪمپني ڪاڪوس خاني ۾ ڪمود سان گڏ ننڍڙو ڪمپيوٽر هٽڻ جو پڻ ارادو رکي ٿي جيڪو ان ئي وقت پيشاب ۽ ڪاڪوس کي ٽيسٽ ڪري ان جي پٽالاجي رپورٽ ٻڌائي سگهندو. ان کان سواءِ توائليٽ جي ان ڪرسي يعني ڪمود تي ويني وينيِ پنهنجي دل جو ڏڙڪو ۽ بلڊ پريشر پڻ تپاس ڪري سگهبو.

اها قوم جنهن صديون زمين ۾ گڙڪا ڪري، مٽان سرون رکي ڪمٽپايو سا هاڻ پلي High Tech ڪمودن مان لست وئي.

books.sindhsalamat.com

آمريڪا جي مشهور ليکڪا ايرکا جونگ _ جنهن جا ٻه ڪتاب تمام گهڻو مشهور ٿيا: Fear of Flying ۽ ٻيو How to Save Your Own Life. انهن مان هن پنهنجي پهرين ڪتاب ۾ لکيو آهي ته Toilets مان ڪنهن به ملڪ يا قوم جي اٽڪي وهٽي، رهٽي ڪهٽي، ڪردار، ذهني سوچ ۽ صفائي سنائيءَ بابت اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ايرکا جونگ، بقول سندس، هڪ دفعي ڪاڪوس خانن (Toilets) جي بنياد تي، ماڻهن ۽ ملڪن جي Classification ڪئي ٿي ۽ ان ڪتاب جو نالو- "The History of the World Through Toilets" رکيو ٿي، جيئن ته :

انگريزن جا توائليٽ ....

اڄ ڪلهه انگريزن وٽ توائليٽ ئي وڃي بچيا آهن. قبضي ۾ آيل آفريڪا ۽ ايشيا جا مڙيئي ملڪ (بينڪي راڄ) ته ڪانئن ڇڏائجي ويا، هاڻ سندن گهرن جا توائليٽ ئي سندن آخري بينڪون آهن. پاڻي آهي سو وڪتوريا آبشار وانگر مٿان ڪٽ لڳل پائيپ مان پيو ٽمي ۽ توهان نوان ملڪ ايجاد ڪندڙ Explorer جي حيثيت ۾ هڪ پڳل / چٽريل "ميڊ اِن گريٽ برٽن" ڪمود تي وينا آهيو. پاڻيءَ جا چنڊا توهان جي مٽي، ڪنڊ ۽ جوتن تي پيا پون جڏ ته توهان جي جهاز سان سامونڊي ڇوليون ٽڪرائي رهيون آهن. هنگي بس ڪرڻ وقت هڪڙي ڪن پل لاءِ (جنهن وقت ڪمود جي زنجير چڪيو تا ۽ پاڻي گڙ گڙ ڪري اچي ٿو) توهان جي دل ۾ ستل احساس جاڳي ٿو ته :

Britannia Rules the World ... Again!

(برطانيا هڪ دفعو وري، سامونڊي لهرن تي راڄ ڪري رهي آهي.)

جرمنن جا توائليٽ ....

جرمن ڪاڪوس خاناسجي دنيا ۾ هينيرين ٽلهين کان مشهور آهن. ان مان اهو فائدو آهي ته ماڻهوءَ کي پنهنجي لَٽي جا چنڊا نٽا لڳن. ان

www.sindhsalamat.com

کان علاوه هوان کي الوداعي نظرن سان چگيءَ طرح غور سان ڏسي سگهي ٿو جيئن بيماريءَ جي حالت ۾ ڊاڪٽر يا پئٽالاجسٽ کي ان جو رنگ ۽ بوءِ، پٽڙائي يا ڏاڍائي ۽ منجهس شامل شين بابت ٻڌائي سگهي. جرمن کاکوس خانا هيرن جي کاٽين ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن لاءِ پڻ سنا ثابت ٿيا آهن، جيڪي ويني ويني سمگل ڪيل هيرا پنهنجي کاکوس مان چونڊي ميڙي سگهن.

اتليءَ جي ماڻهن جا ٽوائليٽ ....

اتليءَ جا کاکوس خانا سنا نهيل آهن، پر اگهڙ لاءِ نرم ۽ ڇُهندڙ ٽوائليٽ پيپر هجڻ بدران اخبارن جا ٽڪرا ملندا. انهن تي لکيل پراڻيون خبرون، اگهوتري، وجايل جوڏس وغيره وغيره، گهٽو کي ڪجهه پڙهي سگهجي ٿو جنهن جو مدار قبضيءَ تي آهي. زنجير چڪ سان پريشر سان پاڻي اچي ٿو ۽ جيسين توهان مُڙي پنهنجي لٽي تي هڪ تعريف جوگي نظر وجهو تيسين هر شيءِ غائب ٿيو وڃي. اهوئي ته آرٽ جو هڪ نادر نمونو آهي، جنهن کان اتلي وارا مشهور آهن.

ڪڙين جي بيمارين تي تحقيق ۽ تجربا ڪرڻ واسطي ملائيشيا ۾ هڪ تمام وڏو سينٽر آهي جيڪو Asean Poultry Disease Research & Training سينٽر سڏجي ٿو. هي ٽيويهه ڪروڙ رپين جي خرچ تي ٺهرايو ويو آهي، جتي آسين ملڪن: برونائي، ٿائليند، سنگاپور، ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ فلپين جا شاگرد - چوڪرا چوڪريون، ڪڙين بابت علم حاصل ڪرڻ لاءِ اچن ٿا.

دنيا ۾، مردن ۽ عورتن جي Toilets ۾ فرق ڏيکارڻ لاءِ انهن جي ٻاهران اڪثر عورت يا مرد جي تصوير هوندي آهي. يا ڪن هنڌن تي مردن جي کاکوس خانن ٻاهران مرداڻو بوٽ ٺهيل هوندو آهي ته زناني کاکوس خاني ٻاهران زنانو سئنڈل. يا وري تصوير بدران "روميو" ۽ "جوليٽ" لکيل ٿئي. Gents۽ Ladies ته جتي ڪٿي عام نظر اچي ٿو. ڪن ڪن هنڌ

books.sindhsalamat.com

مرداڻي کاکوس خانيٻاهران تماڪ چڪڻ جي سلفي ۽ زناني کاکوس خاني ٻاهران چوٽيءَ ۾ لڳل بڪل پڻ ٽئي. جيئن کاکوس خاني کي ڳولڻ ۽ فرق ڪرڻ سولو ٽئي، پر هن سينٽر ۾ مٿي ذڪر ڪيل نشانين بدران ڪُڪڙ ۽ ڪڪڙِ جي تصوير هنئي وئي آهي.

هن سينٽر ۾ نوان آيل ڪيترا مهمان ته اهي نشانيون ڏسي، کاکوس خاني ۾ اهو سوچي اندر گهڙي پوندا آهن ته شايد اتي به ڪڙين بابت ڪجهه تحقيقاتي ڪم هلي رهيو آهي. ڪيترا وري ڄاڻ هوندي به ته هي ٽوائليٽ آهن، صحيح ٽوائليٽ ڳولي نه سگهندا آهن ته ڪهڙو مردن جو آهي ۽ ڪهڙو عورتن جو؟ چو جو ڪڪڙ ۽ ڪڪڙِ جي تصوير ۾ ٿورو ئي فرق ڏنل آهي.

ان مونجهاري کي منهن ڏيڻ لاءِ واسطيدار عملدارن هاڻ ڪڪڙِ کي وڌيڪ زنانو روپ ڏيڻ لاءِ سندس ڪَنَ ۾ ايئرنگ پارايا آهن ۽ ڪُڪَڙَ کي وري ٽاءِ / بو هنيو آهي. ان کان علاوه انگريزيءَ ۾ انهن مٿان Gents ۽ Ladies پڻ لکرايو آهي.

مارڪس ۽ اينگلز کي خبر هئي ته "ڪميونسٽ" جو مطلب ڇا آهي. "هر ملڪ ۾، مزور طبقي جو اهو ترقي پسند ڪلاس جيڪو ٻين کي اڳتي وڌي هلي، ٻين جي رهنمائي ڪري."

پر پولينڊ ۾ هاڻ ڪميونسٽ جو مطلب اهو نه رهيو آهي. اتي کنهن کي ڪميونسٽ چوڻ عزت افزائي نه پر جڻ گار ڏيڻ آهي. اتي جي هاري پارٽي-Peasants پارٽيءَ جي اڳواڻ مسٽر رومن مالينوواسکي کي، اهو الزام هٽي لاهي ڇڏيائون ته هو ڪميونسٽ آهي- يعني هو پراڻي حڪومت سان مليل آهي.

پولينڊ ۾، ڪو ٻار سادي وڳي ۾ جاسوس کاتي جو پوليس وارو ڏسندو ته گهر اچي ڳالهه ڪندو ته هن ڪميونسٽ ڏنو. پولينڊ ۾، اڇڪلهه ماچيسن ۽ گوشت جي ڪوٽ جو ڏوهه پڻ ڪميونسٽن تي مڙهيو وڃي ٿو.

www.sindhsalamat.com

ڪن ڪن ڳالهين ۾ ڪميونسٽ لفظ چسي ۽ بيوقوف ماڻهوءَ لاءِ پڻ استعمال ڪيو ويو آهي ته ڪيترن هنڌ ڪميونزم نظام کان پوليندڙ جي ماڻهن جي ايڏي نفرت ٿي پيئي آهي جو مشهور ڪتاب -داس ڪئپيٽل، جيڪو هرهڪ لاءِ پڙهڻ ضروري سمجهيو ويندو هو، اهو هاڻ ٽوائليٽن ۾ پني بدران استعمال ڪيو ويو آهي ته. ان قسم جو هڪ ڪارٽون پوليندڙ جي اخبارن ۾ پڻ ڇپيو آهي.

هونءَ ٽوائليٽ ۾ ڪتاب رکڻ کا خراب ڳالهه نٿي سمجهي ويو. ڪيترن جو اهو خيال آهي ته ڪاڪوس خانو ئي اهڙي جاءِ آهي جتي ماڻهو سڪون سان صحيح طرح سوچي سگهي ٿو. ۽ سوچيل ڳالهه ذهن ۾ چگي ءَ طرح رکي سگهي ٿو ۽ ذهن ۾ رکيل ڳالهه تي عمل ڪري سگهي ٿو. ان ڪري اڄڪلهه جا Papers Toillet (اگهڙ جا پنا)، ڪورا هجڻ بدران ڇپيل ملن ٿا، جن تي مختلف شين جا اشتهار آهن. اهي Paper Toillet جن تي اشتهار ڇپيل آهن، ٻين کان تمام گهٽو سستا ملن ٿا جو ان جو اڌ خرچ اشتهاري ڪمپنين جا مالڪ پرين ٿا.

هونءَ ڪنهن کي سڄي ڏينهن ۾ وقت ملي يا نه پر ٽوائليٽ ۾، صفائيءَ لاءِ ان ڦاڙيل پني تي، باٿا جي بوٽ، سيون او ڪلاڪ بليڊ يا لڪس صابڻ جي خوبين جو اشتهار پڙهڻ لاءِ ضرور وقت ملي سگهي ٿو ۽ پنهنجي معلومات ۾ اضافو ڪري سگهي ٿو ته اهي شيون ملڪ جي ڏهن نالين فلم ائڪٽريسين مان نوڇٽيون پنهنجي منهن جي صفائيءَ لاءِ استعمال ڪن ٿيون، ۽ چو نه توهان به؟

دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ هاڻ ٽوائليٽ پيپر نه فقط اشتهارن وارا ملن ٿا، پر ڪن تي چرچا پوڳ، يا معما، ڪجهارتون پڻ ڏنل آهن جيئن قبضيءَ جا جهونا مريض پنهنجو وقت وندر ۾ گذاري سگهن.

ان قسم جي پنن جي ڪپت ۽ مشهوري ڏسي جپان جي حڪومت ڪيترائي انتظامي آردر ۽ ٽرئفڪ جا قاعدا قانون انهن تي ڇپرائڻ شروع

books.sindhsalamat.com

ڪيا آهن، جيئن اتي جي عوام کي اخبار پڙهڻ جو موقعو ملي يا نه ملي، پر صبح ساڻ ٽوائليٽ ۾ هڪ به اهڙيون اهم شيون ته سڪون سان پڙهي وٺن.

اهو پڻ جائزو ورتو ويو آهي ته هر ماڻهو صفائيءَ لاءِ مڙيئي به فٽ کن پنو ڦاڙي ٿو. ان ڪري Paper Toillet تي ساڳي خبر يا نياپو يا اشتهار، هر ٻن ٻن فٽن بعد ورجايو ويو آهي ته جيئن ٻيو ايندڙ همراهه ساڳي ڳالهه مٿان کان پڙهي سگهي.

جپان جي هڪ هوٽل ۾ جپانين لاءِ انگريزيءَ جي ڏکين لفظن جون، ۽ ڏارين لاءِ جپاني لفظن جون اسپيلون ۽ معنائون پڻ ٽوائليٽ پيپر تي نظر آيون.

www.sindhsalamat.com

ملئي ٽوئليٽ ...

ڪجھ ملائيشيا جي ٽوائليٽن بابت لکڻ ۾ ضروري سمجھان ٿو جتي لڳاتار اٺ سال گذارڻ جو موقعو مليو.

ملائيشيا گذريل ڏھاڪو سالن ۾ زبردست ترقي ڪئي آھي ۽ ڏينھون ڏينھن يورپ ۽ آمريڪا ٽيندو وڃي، پر ھن ملڪ جا "پبلڪ ڪاڪوس خانا" ايڏا ان ئي استيج تي آھن جتي پھرين ھئا. دڪانن، آفيسن، ريسٽورنٽن ۽ بس اسٽاپن وغيرہ جا ٽوائليٽ بيحد گدلا ۽ ڳچ پُريل آھن جن جو نہ در سڄو نہ ڪموڊ صحيح سلامت. نلڪن مان پاڻي ته ڇا سندن نل ۽ غائب ملندا. بجلي جي تار ھوندي پر بلب ۽ سوئچ گم. يورپي ٽوئرسٽ جتي ملائيشيا جي ٻين ڳالھين جي تعريف ڪن ٿا اتي ڪاڪوس خانن جي گلا ڪندي اپڙاڪ ڏين ٿا. پر بقول ھڪ ايشين ٽوئرسٽ جي ملائيشيا ۾ وري ۽ جھڙا تھڙا ڪاڪوس خانا ۽ آھن ته سھي! اسان وٽ پاڪستان، ھندستان ۽ بنگلاديش توڙي برما ۾ ته اھڙا ۽ نہ آھن. شل نہ ڪنھن کي گس پنڌ تي ٽوائليٽ جي ضرورت پوي. ان کي ڪيڏي نہ پريشاني ٿئيٽي. خاص ڪري عورتن لاءِ ته اسان جھڙن ملڪن ۾ ٻاھر نڪرڻ عذاب آھي.

ملائيشيا جي ڪاڪوس خانن جي ھڪ تعريف واري ڳالھ ضرور آھي ته پتين تي اھي گاريون گند ۽ فاحش قسم جا جملا ۽ ڊرائنگون نہ ملنديون، جيڪي اسان جي ملڪن توڙي آمريڪا ۽ يورپ ۾ ته ڪڏھوڪو عام آھن پر ويندي جھان ۾ ۽ شروع ٿي ويون آھن. ملائيشيا جي آفيسن جي انھن ڪاڪوس خاننن جون پتيون ۽ ان شعر شاعريءَ کان صاف نظر ايندیون جيڪي مردن ۽ عورتن لاءِ ساڳيا آھن.

بھرحال اھي ته ٽيا پبلڪ ڪاڪوس خانا، باقي ملئي گھرن جا

books.sindhsalamat.com

ڪاڪوس خانا گھر کان ٽورو پرپرو ٽين. ڳوناڻن گھرن ۾ ته اھي بلڪل سادا ٽين- انبن جي کوکن واري ڪاٺ جھڙين پتين جا ٺھيل جن جو در ۽ سنئون سبتو نہ ٽئي. ڪيئن خبر پوي ته ان ۾ ڪو پھرين کان ماڻھو موجود آھي؟ ان لاءِ ھتي جي وھنوار ۽ اخلاقيات موجب ٻاھرين ماڻھوءَ کي ڪاڪوس خاني جي ٽورو ويجھو پھچي کنگھڪار ڪرڻي پوندي آھي. جيڪڏھن اندر ڪو ماڻھو آھي ته اھو ۽ موٽ ۾ کنگھڪار ڪندو. جي کنگھڪار جو آواز نہ آيو ته معنيٰ اندر ڪير ڪونھي. 1958ع تائين ھالا جي ھاءِ اسڪول جا ڪاڪوس خانا ۽ اھڙا ھوندا ھئا. پوءِ جي خبر ناھي جو آئون پيٽارو ھليو ويس.

www.sindhsalamat.com

ڳالهه دل سان نٽي لڳي...

(ملائيشيا ۾ نوڪري ڪرڻ بعد ڪراچيءَ پنهنجي آفيس ۾ پهچڻ تي)

آفيس جو وقت جيئن ئي ختم ٿيو تہ ڪئپٽن بشير سان گڏ سندس ننڍڙي سوزوڪي ڪار ۾ اچي وينس- جيڪا ڪيس ڪمپنيءَ طرفان ملي آهي. بشير چيو: "ٻہ منٽ ترس، ٻہ ٻيا ٻہ پاسينگر (همراهه) هلٽا آهن. هڪ راڻيپور جو پير احمد شاهه ۽ ٻيو لاڙڪاڻي جو قاضي اشرف، جيڪو ڪمپنيءَ جي گاڏين جو انچارج آهي."

ڪا دير هيڏي هوڏي لوٽا ڦيري، ڪين آفيسن جي چوڌاري ڳولينڊا رهياسين پر سندن ڪو پَتو نہ پئي پيو. آخرڪار ٻئي ڇڻا لفٽ مان ظاهر ٿيا. ساٺن ٽيون همراهه ٻہ هو جنهن کي ڏسي اوور لوڊنگ جي خيال کان بشير کي چيم تہ تنهنجي ڪار ۾ چار تہ نهي سگهندا پر پنج ڇڻا ويهارڻ معنيٰ ڪُئي جي ٻَرَ ۾ هاڻي اماڻڻ.

بشير جواب ڏئي ان کان اڳ اهو پنجون همراهه پير صاحب ۽ قاضي اشرف سان ڏاڍا ٻڌا ٻڌا پاڪ پائي پنهنجي وڏي ڪار ۾ هليو ويو. بچيل هي ٻہ ڇڻا اچي اسان سان گڏ وينا.

بشير نقلي چڙ جو اظهار ڪري قاضي صاحب کي گهوري ڏنو.

"ادا معاف ڪجانءِ، ٿوري دير ٿي ويئي." قاضيءَ سگريٽ ڏُکائي دربند ڪيو.

"چگو چگو، نائو فاسٽن يور سيٽ بيلٽس ۽ استاپ سموڪنگ."

ڪئپٽن بشير ايئرهوسٽس جي اهل ڪندي چيو.

"صفا ڪو اهڙو اڏام ڪتولو اٿئي چا؟" قاضي صاحب ٽوڪ هٽندي چيو. "پر مهرباني ڪري هلائجانءِ آهستي."

books.sindhsalamat.com

"قاضي صاحب! غيرت اچڻ کپيو. ڪمپنيءَ جي گاڏين جا انچارج تہ توهان آهيو. ڪهڙي گاڏي مون کي ڏني اٿوَ نڪو ٿي ڪلچ ڪم ڪري نڪو بريڪ."

"تڏهن تہ چيم تہ آهستي هلائجو. اسين لهي وڃون پوءِ جيئن وڻيو تيئن ڏُوڙ پائجو."

"پلا اهو همراهه ڪير هو جنهن کي پاڪر پائي جهانين وانگر جهڪي جهڪي پئي موڪلايو؟" بشير برانچ روڊ تان ڪار موڙي مولوي تميز الدين روڊ تي آندي، انگريزن جي ڏينهن ۾ ان رستي جو نالو Queens Road هو.

"ادا اسان جو دوست هو، خيرپور پاسي جو آهي. بئنڪ جو وائيس پريزيڊنٽ آهي." قاضي اشرف چيو.

"اڇا!" بشير تڏو ساهه ڪٽي چيو. "مون سمجهيو تہ ڪمپنيءَ جو نئون ڊائريڪٽر آهي."

اسان سيني کان ڪِل نڪري وئي.

"چڏ يار پنهنجا ڊائريڪٽر آهن ڏينيو." قاضيءَ چيو. "ويجهو وڃين تہ ڇڻ ڏنگين ٿا. هي تہ هو اسان جو دلبر دوست. اهڙو ڪو ڊائريڪٽر ٿئي تہ ٻيو چا ڪپي."

"پر ادا!" پير صاحب چيو. "اهو ٻہ جي ڊائريڪٽر ٿيآيو تہ ٻين جيان Behave ڪندو."

"نہ سائين، اها ٻہ ڪا ڳالهه آهي. هي ائين هرگز نہ ڪري جيئن ٻيا باهه ٻاريو وينا آهن." ۽ پوءِ دريءَ جو شيشو کولي، هوا جو تڏو جهوتو. پاڻ ۽ اسان کي ڪارائي چيو: "ادا ڪنهن همراهه ڏينيوءَ ڪان پڇيو تہ پاڻ ڪير آهين؟"

وراڻيائين، "ڏينيو."

"پلا ذات چا اٿانو؟"

www.sindhsalamat.com

چيائين: "ككراٽي."

"همراهه چيس: "وڃ تہ سهي! باهه ۾ باهه!" سو اسان جا ڊائريڪٽر به باهه ۾ باهه آهن. الله ڏئي پناهه."

مون چيومانس: "قاضي صاحب توهان کي Sence of Humor ڏاڍو آهي. هيڪاندو مٿي يارهينءَ ماڙ تي آفيس ٽي پئي اٿوَ. مون واري ٻي ماڙ تي هجيو ها تہ هفتي ۾ هڪ ٻہ دفعو چانهه جي ٻهاني اچي توهان جي ڪچهري ٻڌي وڃان ها. مون کي، توهان کان لکڻ لاءِ ڏاڍو مواد ملي ها."

"ادا يارهين ماڙ تي ضرور آهيان، پر مون وٽ اچڻ لاءِ ڇا ضروري آهي تہ يارهن ڊاڪٽيون چڙهي اچو. هڪ نہ ٻہ، يڪيون ڇهه لفٽون ڪهڙي ڪم لاءِ آهن." قاضي وراڙيو.

P.I.D.C هائوس وٽان مڙياسين تہ پير احمد شاهه چيو تہ جنگ اخبار لکيل هو تہ هن سال پنهنجي ڪمپنيءَ کي ڪروڙها رپيا فائدو ٿيو آهي."

"اها حقيقت آهي." ڪئپٽن بشير زور ڏيندي چيو.

"واقعي حقيقت آهي يا انگن اکرن جي جادوگري؟" پير صاحب کي يقين نہ پئي آيو. پلا يقين ڪيئن اچي. اها هن سال ڪيئن فائدي ۾ وئي- ۽ سو به اڻ اعتبار جوگو فائدو.

"شاهه صاحب!" ڪئپٽن بشير چيو. "اسان تہ آهيون ئي ان ڊپارٽمينٽ ۾ جتي ان ڳالهه جي ڄاڻ پوي ٿي تہ سچ آهي يا ڪوڙ. اهو سؤ سيڪڙو سچ آهي."

"پوءِ پلا بونس به ملندو يا نہ؟" شاهه صاحب پڇيو.

"اهو ملي يا نہ ملي - اها ڌار ڳالهه آهي، پر ڪمپنيءَ کي واقعي ڪروڙن جو فائدو ٿيو آهي." بشير جوش ۾ اچي تقرير شروع ڪئي.

قاضي صاحب جنهن ايترو وقت ماڻ ڪري پئي ٻڌو، تنهن زور سان ٽوڪ واري نموني جو ٽهڪ ڏنو.

books.sindhsalamat.com

"چو سائين توهان کي اعتبار نٿو اچي ڇا؟"

بشير کي ڪُمهلو ٽهڪ هرگز نہ وڻيو. ان ڪري نہ جو اهو ٽهڪ گهٽ هو يا ٽوڪ زياده هئي، پر بشير هرحال ۾ مجائڻ چاهيو ٿي تہ هن کان اڳ ڪٽي افواهه هجن، پر هن پيري اها حقيقت آهي تہ ڪمپنيءَ ڪمايو آهي.

"يار دل تہ نٿي ميجي." قاضي صاحب شڪ جو وري اظهار ڪيو ۽ پير صاحب "جي هائو" چئي ڳالهه کي ٽيڪو ڏنو. "هونءَ تہ هميشہ نقصان ئي نقصان ۽ هاڻ ايڏو وڏو فائدو! ڪيئن ٿيو الائي، قاضي صاحب!"

اشرف قاضيءَ جواب ۾ هڪ دفعو وري ٽهڪ ڏيندي چيو: "ادا منهنجو وات نہ کولرايو تہ سنو. ڪنهن فقير وٽ هڪ ڪدڙو پهتو. فقير ڪيس اٽندي ئي چيو: "وڃ بابا توکي پٽ جمدو." ڪدڙي چيس: "فقير دعا تہ ضرور ڪريو ٿا، پر دل سان ڳالهه نٿي لڳي." سو سائين ڪمپنيءَ نفعي جو اعلان ضرور ڪيو آهي پر ڪدڙي وانگر اسان کي پنهنجي ڪمپنيءَ جي ٽپڙ جي خبر آهي. ڳالهه دل سان نٿي لڳي."

نثار وسطڑو اڇڪلهه حبيب بئنڪ جو وائيس پريزيڊنٽ آهي. 1968ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگلش ايم. اي ڪرڻ بعد سڌو بئنڪنگ ۾ آيو ۽ اڄ تائين حبيب بئنڪ سان وابسته آهي. سندس اڄ به نئين پوسٽنگ واري چرچائي ۽ ڪل خوشيءِ واري طبيعت هلندي اچي. ان ڏينهن پنهنجي هڪ دوست کي هڏي رنگ جي سفاري سوٽ ۾ ڏسي چيائين:

"مائٽ! چاشني جي ديگ ۾ ڪري پيو هئين ڇا؟"

۽ پوءِ مون سان منهنجي هڪ ڳوٺائيءَ جي شڪايت ڪندي چيائين: "يار تنهنجي فلاٽي ڳوٺائيءَ کي جڏهن به پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏيان ٿو تہ مون کي ٽوڪي ٿو تہ آيا ماني به کارائيندين يا نہ؟ سو نيٺ هڪ ڏينهن ماٺهن اڳيان چيومانس تہ ابا اسان وٽ بن جٽن جي ماني هروقت موجود هوندي آهي. هڪ مجاور جي ٻي ڪتي جي. مجاور تہ پنهنجو حصو سويرئي ڪٽي ويندو آهي باقي ڪتي جي تولاءِ هر وقت حاضر آهي. سو ان

www.sindhsalamat.com

ڳالهه تان هاڻ رسي ويو آهي."

قمر شهباز کي چيم: "يار وسطڙن جون خبرون واهه جون هوندیون آهن."

وراڻيائين: "کنهن جون ٿو ڳالهيون کرين. آئون ان موري، نوشهري، نوابشاهه پاسي رهيو آهيان ۽ کيترا وسطڙا دوست اٿم. سندن کڇهريءَ جو واقعي جواب ناهي."

پوءِ ٿوري دير ساهه پٽي چيائين: "صبح جو سوير واري گاڏي جهلڻي هجئي ته کنهن وسطڙي کي پاڻ وٽ ويهاري ڇڏ. سڄي رات کڇهري وينو کندءِ، نه پاڻ سمهندو نه توکي سمهڻ ڏيندو جو توکان گاڏي ڇٽي ويجي."

books.sindhsalamat.com

سئٽزرلئنڊ هڪ نرالو ملڪ

ان کان اڳ فقط ايتري ڄاڻ هيم ته سئٽزرلئنڊ ۾ واچون ٺهن ٿيون ۽ بنڪون جام آهن- جن ۾ امير ماڻهو راز فاش ٿيڻ کان بي ڊپا ٿي پنهنجو ناٽو رکائين ٿا.

پهريون پاڻيءَ جو جهاز جنهن تي مون سفر کيو ان جي انجڻ سئٽزرلئنڊ جي ٺهيل هئي. اها مون لاءِ نئين ڳالهه هئي ته سئٽزرلئنڊ ۾ اهڙيون ڳريون انجڻيون پڻ ٺهن ٿيون ۽ اهو معلوم کري ويتر تعجب لڳو ته سئٽزرلئنڊ افغانستان وانگر آهي جنهن جي چوڌاري کو به سمنڊ ناهي. سندس اتر ۾ جرمني آهي ۽ ڏکڻ ۾ اٽلي. ساڄي پاسي اوپر ۾ آسٽرياآهي ته کاپي پاسي فرانس. ان کري سئٽزرلئنڊ باءِ ايئر يا باءِ روڊ ته وڃي سگهجي ٿو پر ساموندي رستي هرگز نه.

اخبارن رسالن ۾ فرانس، جرمني ۽ انگلنڊ جي مقابلي ۾ سئٽزرلئنڊ جي بنهه گهٽ خبر چار نظر ايندي. شايد ان کري جو سئٽزرلئنڊ ۾ ايترو ته امن آهي جو کا ڳالهه- چوري چڪاري يا مار ڌاڙ جي واردات بنهه نه برابر ٿئي ٿي.

سئٽزرلئنڊ بيحد سهڻو ملڪ آهي ۽ کيترن ٽوئرسٽن لاءِ دلچسپي جو سبب ثابت ٿيو آهي. اها ڀي ڳالهه آهي ته مهانگائيءَ جي کري اسان جهڙن غريب ملکن جو ماڻهو هيڏانهن کو ورلي نظر اچي ٿو. گهٽا ٽٽا امير ملکن جا ڦرندا نظر ايندا. هن ملڪ جون کجهه اهڙيون ڳالهيون آهن جيکي کيس کيترن ئي ملکن کان نرالو ۽ نمايان بڻائين ٿيون.

انگلينڊ ۾ انگريزي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي ته فرانس ۾ فرينچ ۽ جرمني ۾ جرمن وغيره. پر سئٽزرلئنڊ جي کهڙي زبان آهي؟ اهو هڪ اهڙو

www.sindhsalamat.com

سوال آهي جيڪو فوجي توڙي شهري امتحانن جي عام معلومات ۾ پڇيوويندو آهي.

سنگاپور وانگر سئٹزرلئنڈ اهو ملڪ آهي جنهن جي ڪا به پنهنجي زبان ناهي پر پروارن ملڪن جون زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون. سئٹزرلئنڈ ۾ هڪ بدران ٽي زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون، جرمن، فرينچ ۽ اٽليين.

يورپ جي وچ ۾ سئٹزرلئنڈ هڪ تمام ننڍڙو ملڪ آهي جيڪو اسان جي ٽرپارڪ ضلعي جيڏو مس ٿيندو. سڄو جبلن سان پريو پيو آهي ۽ اهو جبلن وارو حصو جيڪر ڪيڊي فقط ماڻهن جي رهائش وارو حصو سارجي ته دادو يا شڪارپور ضلعي کان به ننڍو آهي. سڄي سئٹزرلئنڈ جي پکيڙ سورهن هزار چورس ميل آهي (سنڌ جي چوونجاهه هزار کن پاڪستان جي ٽي لک چورس ميل آهي.) ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سئٹزرلئنڈ ڪيڏو ننڍو ملڪ آهي.

سئٹزرلئنڈ ۾ نه هڪ جهڙي زبان آهي نه مذهب. نه ساڳيو ڪلچر آهي نه شڪل شبيهه. ويندي ڏرتي به هڪجهڙي ناهي. ڪٿي رڳو جبل ئي جبل (جن کي Alps سڏجي ٿو) ته ڪٿي ماڙيون ۽ سڌا پٽ. پر اهو سو ڪمال آهي ته سڄي ملڪ جي پاڻ ۾ ايڏي ٻڌي ۽ پيار محبت آهي جو هڪ ٽيو پيو هلي. ايامن کان جمهوريت ۽ امن امان قائم آهي. ڇا اها ڪمال جهڙي ڳالهه ناهي ته ست سؤ سالن کان سئٹزرلئنڈ ڊيموڪريسي قائم رکندو اچي. دنيا توڙي اوسي پاسي جي ملڪن ۾ جنگيون فساد ٿيندا رهيا، پر هن ملڪ جون سرحدون 1815ع کان اهي ئي قائم دائم آهن. پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ ۾ به سئٹزرلئنڈ نيوٽرل رهيو. نه هن پاسي نه هُن پاسي. اسان جي هڪ پاڪستاني يار کي سئٹزرلئنڈ جي اها ڳالهه نه وٺندي آهي. چوندو آهي: "سئٹزرلئنڈ پاڙي ملڪ آهي."

"ڇو پلا؟" اسان پڇندا آهيونس.

"اها به ڪا زندگي آهي جو ڪنهن سان جهيڙو جهتو نه ڪجي.

books.sindhsalamat.com

ڪنهن اوسي پاسي جي ملڪ جي معاملن ۾ نه پئجي. اسان کي ڏسو اسرائيل ۽ ڏکڻ آفريڪا جهڙن ڏورانهن ملڪن سان ته جهڳڙا اٽئون پر پاڙي وارن ملڪن کي به نٽا بخشيون. هندستان سان ڦڏو. افغانستان روس سان ڦڏو. ايران سان... ٻيو ڪو عمل ڪري يا نه پر اسان ان چوٽيءَ تي عمل ڪريون پيا ته مڙس ته ڦڏو نه ته جڏو."

سئٹزرلئنڈ جي نيوٽرل پاليسي هجڻ ڪري هن ملڪ ۾ انٽرنئشنل ايمنسٽي کان وٺي يونيورسل پوسٽل يونين جهڙا ٽي سئو کان به مٿي بين الاقوامي ادارا آهن.

هونءَ سئٹزرلئنڈ جو آفيشل نالو ڪجهه ٻيو آهي جيڪو اسان جهڙن لاءِ اچارڻ ۾ ڏکيو ته لکڻ ۾ به ڏکيو. اهو آهي Schweizerische-Eidgenossenschaft. انهن ٻن لفظن جي معنيٰ آهي: سويز ڪنفيڊريشن. اسان لاءِ ڏکيو آهي پر سويز ماڻهن لاءِ اهو نالو چوڻ ائين سولو آهي جيئن اسان لاءِ "خدا داد مملکت پاڪستان" يا "ڊينگاڻو بوزدار" چوڻ. (مثال الائي ٺهيو به يا نه).

سئٹزرلئنڈ جي هڪ ٻي ڏيان ۾ ڏرڻ جهڙي ڳالهه اها آهي ته جپان وانگر سندس ڏرتيءَ ۾ نه لوهه آهي ۽ نه ٽامون پتل. نه تيل آهي نه ڪوئلو گئس جنهن مان ڪو اپراسو ٿئيس. جپان کي ته وري به سمنڊ آهي جنهن ۾ هو جهاز راني ڪن ٿا. مڇيون مارين ٿا. سرسبز جبل ۽ ٽڪريون آهن جن تي ڪجهه نه ڪجهه پوک ٿئي ٿي. پر سئٹزرلئنڈ جا ٽڪر ٽڪريون حيدرآباد جي گنجي ٽڪر جهڙا آهن- سڪل ۽ خالي خولي. پر ان هوندي به سئٹزرلئنڈ ٽوئرزم ڪري دنيا جو اميرترين ملڪ آهي. ماڻهن جي رهائش جو معيار بلند ترين آهي جيڪي ڪويت ۽ برونائي وارن سان ذري گهٽ ڪلهو ملائي سگهن ٿا.

ملڪ ۾ امن امان ۽ Stability هجڻ ڪري هتي جي ناٽي- سويز فئنڪ جي ساک قائم آهي. ان جو اڳهه ڪِري نٿو. هر ڪو ماڻهو حفاظت

www.sindhsalamat.com

محسوس ڪري ٿو. ملڪي ماڻهو ته ملڪي پر ڏارين ملڪن جا ماڻهو به هتي جي بئنڪن ۾ پئسو رکائيندي خوف نٿا محسوس ڪن. ماڻهو هتي جي برفاني جبلن تي Skiing لاءِ اچن ٿا. سڄو ملڪ هوٽلن سان پريو پيو آهي جن ۾ ڏارين ملڪن جا ماڻهو گهمڻ دوران خرچ ڪن ٿا ۽ هتي جا ماڻهو ۽ هوٽلون ڪمائين ٿيون. هونءَ به سويز ماڻهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته خرچ گهٽ ڪن ٿا. هو پئسو ڪمائڻ بعد بچائين ٿا. بچيل پئسي کي واپار ۾ لڳائين ٿا. پوءِ ان مان جيڪو فائدو ٿئي ٿو ان جو فقط ڪجهه حصو خرچ ڪن ٿا.

سئٽزرلئنڊ ۾ رهڻ يا گهمڻ اسان جهڙي ملڪ جي ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهه ناهي جو اتي هر شيءِ تمام مهانگي آهي. چانهه يا ڪافيءَ جي ڪپ جي قيمت به چاليهه روپيا ڪن آهي. ڊبل روٽي مهانگي، ڪپڙو مهانگو. پيٽرول مهانگو. هوٽل جو ڪمرو مهانگو. پارڪ يا مندر ۾ رهڻ جي اجازت نه. پڳڙا يا چولا ملن نه. تڏهن ته اسان سئٽزرلئنڊ جي ڪنهن به شهر ۾ رات رهي نه سگهياسين. جڏهن به ايندا هئاسين ته جهاز تان ماني ڪائي صبح ساڻ نڪرندا هئاسين ۽ واپسيءَ تي وري اچي جهاز تي ماني ڪائيندا هئاسين. جهاز جڏهن به اٽلي يا فرانس ۾ هوندو هو ته ريل يا بس ذريعي سئٽزرلئنڊ جو چڪر ضرور هڻندا هئاسين. جيئن جدي ۾ جهاز بيهڻ وقت جهازي حج ڪرڻ لاءِ مڪي مدينو هليا وڃن ٿا. بهرحال سئٽزرلئنڊ ۾ ڪاڏوسين يا خرچيوسين ڪجهه به نٿي. رڳو اڪين جو ڏءُ ڪري موٽي ايندا هئاسين. افسوس جو سئٽزرلئنڊ جي ٽوئرسٽ انڊسٽريءَ جي ڪمائيءَ ۾ اسان کي به جوڳو واڌارو ته پري پر جهڙو تهڙو به نه ڪري سگهياسين. وڏ ۾ وڏ ڪافي يا چانهه جو ڪوپ پيتو هوندو سين. سو به وس پڄي ها ته جهاز تان ٽرماس ۾ ڪٽي سئٽزرلئنڊ اچون ها. هوٽل جو باقي مينو فقط پڙهندا هئاسين.

ڪجهه ڏينهن اڳ هتي ملائيشيا (جتان هي مضمون لکي رهيو آهيان) جي وزير جو هڪ بيان پڙهي پنهنجا هي نندپڻ جا ڏينهن ياد اچي ويا جڏهن 1968ع ڏاري ساڍا چار سؤ روپيا ماهيانو پگهار تي نوڪريءَ لاءِ جهاز

books.sindhsalamat.com

تي چڙهيو هوس. هتي جي وزير موصوف ملائيشيا ۾ ٽوئرزم وڌائڻ بابت زور پريندي چيو "ڏارين ملڪن کان ايندڙ ٽوئرسٽن جو اسان آڏرياءُ ڪريون ٿا جو انهن مان اسان جو ملڪ ناڻو ڪمائي ٿو. اها ئي ڳالهه آهي ته اسان جي ملڪ کي يورپ کان ايندڙ انهن "ڪوڪا ڪولا ٽوئرسٽن" مان ڪو به فائدو ناهي جيڪي فقط اسان جي مهيا ڪيل مفت جي سهوليتن مان فائدو وٺن ٿا. پارڪن ۾ گهمن ڦرن ٿا. پبلڪ ٽوائليت استعمال ڪن ٿا. ريلوي انتظار گاهن ۾ هوائي اڈن جي ايئرڪنڊيشن هالن ۾ فرحت وٺن ٿا. باقي پنهنجي هڙ مان خرچ ڪجهه به نٿا ڪن. ماني به پاڻ سان آندل کائين ٿا. هو وڌ ۾ وڌ فقط ڪوڪا ڪولا خريد ڪري پيئن ٿا."

چئبو ته اهي ڏنڊا فقط اسان جهڙن غريب ايشيائي ملڪن جي ماڻهن جا نه پر هاڻ پيٽرول جو اڳهه چڙهڻ بعد يورپين جا به وڃي ٽيا آهن. سبحان اللّٰه!

سئٽزرلئنڊ جي ڳالهه پئي هلي ته اسان جهڙن "ڪافي يا چانهه نموني جي ٽوئرسٽن" لاءِ سئٽزرلئنڊ ۾ هر شيءِ مهنگي آهي پر اتي جي ماڻهن لاءِ مهنگائي هوندي به ڪا پريشاني ناهي جو ڪين پگهار تمام وڏا ملنٿا. عام مزور يا ورڪر به مهيني ۾ ويهه هزار روپيا ڪن ڪمايو وڃي. انڪم ٽئڪس جو چڪ بگهڙ وارو چڪ ناهي. دوا درمل، اسڪول ۽ ٻيا بار سرڪار ڪنيو ٻيئي آهي. ٻيو ڇا ڪپي.

سئٽزرلئنڊ جي هڪ ٻي ذڪر جوڳي ڳالهه اها ته ڪيس ڪنهن به ملڪ کان جنگ جو خطرو ناهي. اها ئي ڳالهه آهي ته بري ۽ هوائي فوج ضرور اٿس. ملڪ جي آدمشماريءَ جو ڏهه سيڪڙو ماڻهو هر وقت فوج ۾ آهن. سئٽزرلئنڊ جهڙي نندڙي ملڪ جي ايڏي وڏي فوج هجڻ ڪري اهو مثال مشهور آهي ته سئٽزرلئنڊ ڪي فوج ناهي پر سڄو ملڪ آهي. فوجي سڪيا هر صحتمند ماڻهوءَ لاءِ ضروري ڪئي ويئي آهي ۽ ويهن کان پنجاهه سالن جي جمار تائين هر ماڻهو سال جا ٽي هفتا فوج ۾ رهي ٿو.

www.sindhsalamat.com

سئنزرلئنڊ جي ماڻهن لاءِ اهو به چيو ويو ٿو ته هرگهر ۾ هڪ کان وڌيڪ بندوق آهي. سئنزرلئنڊ جي اڇلهه آدمشماري ستر لک آهي ۽ سرڪاري انگن اکرن موجب ماڻهن وٽ پنجٽيهه لک بندوقون آهن- يعني هر ٻئي ماڻهوءَ وٽ بندوق آهي. انهن هٿيارن مان ويهه لک بندوقون، رائفلون ۽ پستول شڪار لاءِ آهن يا نشاني بازيءَ لاءِ باقي آٽوميٽڪ فوجي بندوقون آهن جيڪي سرڪار طرفان فوجين ۽ انهن کي مليل آهن جيڪي سال جا ڪجهه ڏينهن شهري دفاع لاءِ فوج ۾ سکيا ونڻ ٿا.

خوشقسمتيءَ سان سويز ماڻهو قڏيباز نه آهن. ملڪ ۾ ڏوهن جو تعداد نه برابر آهي. هڪ ٻئي سان غلط فهمين، ساڙ ۽ نا انصافين جا فيصلا پنهنجو پاڻ ڪرڻ بدران ڪورٽن ۾ ڪيا وڃن ٿا. پر ان جو مطلب اهو هرگز نه آهي ته هو بندوق نه رکن. هو بندوقون رکن ٿا پر انهن جو غلط استعمال هرگز نٿا ڪن. بقول انگريزيءَ جي هڪ چرچائي ليڪڪ جارج ميڪس جي: سويز ماڻهو سال ۾ هڪ دفعو بندوق ڪڍي ٿو- ڪنهن کي مارڻ لاءِ نه - پر ان کي پالش ڪرڻ ۽ تيل مکڻ لاءِ.

هي پنگياٽيون...

شروع ۾ هڪ مضمون ۾ ڪجهن جو ذڪر ٿيل آهي، جيڪي انسانن توڙي جانورن جي لاشن تي اچيو حاضر ٿين ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سواءِ هڏن جي هر شيءِ جي صفائي ڪريو ڇڏين. ان ڪم کي ڪجهه پکي ڪنهن به زبان ۾ سڏن لفظن ۾ ياد نٿو ڪيو وڃي. اهي ماڻهو جيڪي مئل جي مال تي مارو ڪن ٿا، ڪڏا ڪم ڪن ٿا، يا حد درجي جي لالچ ۽ حرص ڪن ٿا، انهن لاءِ ڪجهه جو لفظ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ڪيترن ملڪن ۽ زبانن ۾ ڪجهه موت ۽ لالچ جي علامت سمجهي وڃي ٿي.

نه فقط افعالن ۾ پر شڪل شبيهه ۾ پڻ ڪجهه هڪ بي ڍولو ۽ بدصورت پکي ڇئي سگهجي ٿو. ايتري قدر جو هن پکيءَ جي ڪچيءَ ۾ (Syrins) نه هجڻ ڪري، پکيءَ جي ناتي ۾ ڪو مٿو ٻول يا لات به آلاپي نٿي سگهي. ڪانگ جهڙو ڪارو پکي جيڪو سڄو ڏينهن ٽان ٽان ڪري مٿو ڪائي ٿو اهو به مود ۾ اچڻ تي مٿو سر ڪيانتي جي روپ ۾ ٻوليو وڃي. پر اهڙي قسم جي سُر، سونهن يا سيرت جي ڪا به ظاهري خوبي، ڪجهه پکيءَ سان وابسته نه آهي. ان هوندي به غور ڪيو وڃي ته قدرت هن پکيءَ کي دنيا جي سونهن ، سوڀيا ۽ صفائيءَ لاءِ سوچي سمجهي خلقيو آهي. هي پکي جنهن کي اسان وٽ آسماني پنگياٽي ۽ آمريڪا يورپ پاسي Garbage Man (گند ڍوئيندڙ همراهه) سڏيو وڃي ٿو- جيڪڏهن نه هجي ته دنيا ۾ مرندڙ انيڪ جانورن جي نيڪاليءَ جو وڏو مسئلو ٿي پوي ۽ انهن مان پيدا ٿيندڙ بدبوءِ ۽ ڪينئان اوسي پاسي ۾ رهندڙ انسان ذات لاءِ عذاب ٿي پون.

تازوئي ويجهڙائيءَ ۾، سنڌ ۾ سخت گرميءَ ڪري ڪيترائي ڍور ڍڳا ۽ وهٽ مري ويا جن کي ٻيءَ حالت ۾ نيڪال ڪرڻ ڏکوئاٽن لاءِ مسئلو ٿي

پوي ها. ڏينهن ٻن جي ڏوڻڊ بعد جتي انهن جي ويجهو کو ڪتو ٻلو يا جهنگلي جانور نڪي ويو اتي هنن پکين منٽ ڪري ورتا. جيڪب آباد پاسي هڪ همراهه ٻڌايو ته ڳجهن جي ميڙ، ٻکريءَ جهڙي جانور کي ڏهن منٽن اندر هڏائون پجرو ٻٽائي ڇڏيو ٿي. ساڳيو حال بنگلاديش ۾ طوفان بعد ٿئي ٿو ۽ آفريڪا ۾ ڏڪار ۽ خشڪ سالي‌ءَ ۾ ٿئي ٿو. يورپ آمريڪا جي اتراهن ملڪن ۾ سخت برفباري ۽ پاري ۾ ٿئي ٿو. پوءِ ڪيترائي جانور مريو وڃن ته هي پنگياٽيون، اچيو نازل ٿين ۽ سيڪڊهه هڙپ ڪيو وڃن.

ڳجهه جي مُڙيل ڇهنب، مضبوط پير ۽ نانگ جهڙي، وارن بناڪٽل ڳچي ان ڪم لاءِ جڙ خاص ناهي وئي آهي. پيرن تي پاڻ کي بئلنس ڪري، ڳجهه پنهنجي ڊگهي نوڙهي ڳچي، مردار جانور جي اندر تائين وجهي پنهنجي مُڙيل مضبوط ڇهنب سان آندا گجيون ٻاهر ڪڍيو وٺي. هي بيحد لالچي پکي آهي ان ڪري هڪ اڏ چڪ هڻي پڄي وڃڻ بدران کائيندو ئي رهي ٿو.

ڳجهه تي تحقيق ڪندڙ، سنگاپور يونيورسٽيءَ جي هڪ همراهه ٻڌايو ته هي پکي پنهنجي تور جي چوٽين حصي جيترو کائي ٿو. مثال طور کا ڳجهه تور ۾ ڏهه سير آهي ته هوءَ اڍائي سير ڏوڻڊ آرام سان کائي سگهي ٿي. ان بعد هوءَ بس ڪرڻ نٽي چاهي پر ان کان وڌيڪ کائڻ تي هن کي اڏام (Take – Off) ۾ مسئلو ٿئي ٿو.

مٿئين همراهه، ڳجهه جي مردار کائڻ واري خاصيت جي تعريف ڪندي چيو: "توهان جهڙن ملڪن: پاڪستان، سعودي عرب وغيره- جتي مينهن گهٽ ٿو پوي اتي سخت نٿهڻ اس ۾ مئل جانور ٻن ٽن ڏينهن ۾ سڪيو نٿ ٿيو وڃي، پر ڏُور اوپر ۽ ڏکڻ اوپر جي ملڪن: جهڙوڪ ملائيشيا، انڊونيشيا، لائوس، ويٽنام وغيره ۾، جتي هر وقت مينهوڳي ۽ پوسل رهي ٿي اتي ڳجهون نه هجن ته انسان ذات لاءِ مردار جانور عذاب ٿي پوي جو مينهن ۽ آلاڻ ڪري ان جي ڏپ ۽ ان ۾ پيدا ٿيل ڪينڪان هفتن جا

books.sindhsalamat.com

هفتا هلندا رهن ۽ چؤ طرف سخت بيماري پکيڑين.

"پلا ڳجهه اهڙو پکي آهي جيڪو هونءَ ته نظر نٿو اچي پر جيئن ئي کو جانور مري ٿو ته هڪدم اچيو سهڙجي. اهو ڪيئن؟ چا هن کي ڏوڻڊ جي ڏپ اچي ٿي؟" ڳجهن تي پي ايڇ ڊي ڪندڙ سنگاپوري همراهه کان مون پڇيو.

"ڳجهن کي سونگهڻ جو حواس بلڪل ناهي." هن وراڻيو. "ڪنهن مردار جانور کي ڪاٽ جي پيتيءَ ۾ بند ڪري، پوءِ پلي ڳجهن جي ويجهو رکو ته به هنن کي خبر نه پوندي. باقي ڳجهه جي نظر عقاب ۽ سرڻ وانگر تمام تکي آهي. هوءَ به هزار فٽن جي بلنديءَ تي اڏامندي، ڏرتيءَ تي هلندڙ کوئو ڏسي سگهي ٿي ۽ ان اتائين تان هڪ ئي وقت پنجاهه چورس ميل جي ايراضيءَ کي اک ۾ رکي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح ٻي ڳجهه، جيڪا هن کان چار ميل ڪن پري اڏامي رهي آهي اها به ايتري ئي پکيڙ کي جانچ ۾ رکي ٿي. ۽ اهڙيءَ طرح ٻيون ڳجهون. مطلب ته هڪ ئي وقت سوين ميل هنن جي اکين ۾ رهن ٿا. پوءِ جيئن ئي ڪنهن هڪ ڳجهه کي هيٺ موت جا آثار نظر اچن ٿا ته هوءِ هڪدم هيٺ گهُٽ هڻي ٿي. ان اوچتي لاماري مان پاڙي ۾ اڏامندڙ ڳجهن کي شڪ پوي ٿو. اهي به پَر ويڙهي هيٺ ٽُبي هڻن ٿيون ۽ ائين ڏسندي ئي ڏسندي ڪٽڪ ڳجهن جا مئل گڏهه، گهوڙي يا ٻئي ڪنهن جانور کي هضم ڪرڻ لاءِ پهچيو وڃن.

ٻين ڪيترن وڏن پکين ۽ جانورن وانگر، ڳجهه پکيءَ ۾ به واڌارو اچڻ بدران ڏينهون ڏينهن ڪوٽ اچي رهي آهي. جنهن جو وڏو سبب کاڌي جي ٽورڙائي آهي. جيئن جيئن ملڪ ۽ قومون، صفائي، سٿائي ۽ هائيجن جو خيال رکڻ لڳا آهن تيئن تيئن هنن پکين لاءِ جيئڻ عذاب ٿي پيو آهي. هنن کي ڳولينديو به ڏوڻڊ نٿو ملي.

www.sindhsalamat.com

گرم گرم حلوو کارايوس...

ڊاڪٽر گهاٽي نند ۾ ستو پيو هو ته آڌيءَ رات جو سندس ٽيليفون جي گهنٽي وڄي.

"هيلو" ڊاڪٽر فون کنيو.

"توهان ڪٽان پيا ڳالهايو؟" فون ڪندڙ پڇيو.

"دوزخ مان." ڊاڪٽر چڙ مان چيو. "ڪهڙو ڪم آهي؟"

"بس بس، اهو ئي معلوم ڪرڻو هو ته توهان جهڙو بدتميز ڊاڪٽر ڪٽي جنت ۾ ته نه پهچي ويو."

سنگاپور ۾ Coronet پبلشرن طرفان گرائمي گارڊن جو ڪتاب The best Medicine نالي ڇپيو آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽرن تي سوين لطيفا آهن. مٿيون لطيفو پڻ انهن مان هڪ آهي. گرائمي گارڊن پاڻ به ڊاڪٽر آهي ۽ انگلنڊ جو مشهور چرچائي اداڪار پڻ. هن ڪتاب مان ٽيندڙ فائدو، هن عذر وارن ٻارن جي علاج لاءِ ڈيڏو ڪيو آهي.

هونءَ ڊاڪٽر کي آڌيءَ رات جو نند مان اٿاري علاج پڇڻ اجايو آهي. هو ان ٽاڪي ڪڏهن به غور سان ڳالهه ٻڌي توهان کي مرض جو صحيح علاج نه ٻڌائيندو. في الحال ٽارڙ خاطر ائسپرو يا پئناڊال جهڙي سور جي يا وئليم جهڙي ڪا نند جي گوري، ڏَسي ڇڏيندو. جيئنمرض نه ته گهٽ ۾ گهٽ مريض صبح تائين پري هجي. ڏينهن ٽيڙ تي ڏنو ويندو. هن ڪتاب ۾ هڪ ٻيو لطيفو آهي جنهن ۾ آڌيءَ رات جو ڊاڪٽر جي نند ڦٽائڙ بدران، ڊاڪٽر پاڻ نل ناهڻ واري مستريءَ (پلمبر) جو سڪ ڦٽائي ٿو. لطيفو هن ريت آهي:

رات جو ٽين وڄي ڊاڪٽر پلمبر کي فون ڪيو:

books.sindhsalamat.com

"اسان جي باٿ روم جو گٽر چوڪ ٿي ويو آهي. هڪدم اچ."

پلمبر نندڪڙي حالت ۾ پٽڪندو پهتو. ڪيسي مان ائسپرين جون ٻه گوريون ڪڍي، گٽر ۾ اڇلي، ڊاڪٽر کي چيو:

"صبح تائين نه ڪلي ته فون ڪجانءِ". ۽ پوءِ هليو ويو.

هڪ ٻيو لطيفو مريض جي مائٽن بابت آهي جيڪي سندس آخري ديدار لاءِ سيراندي‌ءَ کان اچي گڏ ٿيا.

"تنهنجي مُنهن جي رونق مان لڳي ٿو ته هاڻ بهتر آهين." هڪ دلداري ڏنس.

"ڊاڪٽر رات ٻڌايو پئي ته تنهنجي رت جا ٽيسٽ به صحيح آيا آهن." ٻئي چيو ۽ ٽئين نبض ڏسي دلداري ڏنس: "تنهنجي نبض به نارمل ماڻهن وانگر لڳي رهي آهي."

جواب ۾ مريض چپن تي مرڪ آڻي چيو: "اهو ٻڌي عجيب ڪيفيت طاري ٿي رهي آهي ته آئون بيماريءَ جي حالت ۾ نه پر چگيلائيءَ جي حالت ۾ مرڻ وارو آهيان."

ان سان ڪجهه ملندڙ جلندڙ چرچو ياد ٿو اچي جيڪو جيتوڻيڪ ان ڪتاب ۾ ته نه آهي، پر هتي ڏيڻ بي مهل نه ٽيندو: اهو ان مڪر واري مريض بابت آهي جنهن کي ٽيو ڪجهه نه هو پر ساٿو ٿي بستر تي ڪِري پيو هو. پڇڻ وارن مٽن مائٽن مان ڪو چوي ته ڏينهن لڳو اٽس گلوڪوس جي ڊرپ هڻوس. ڪو چوي ته مٿي تي ٺڏو پاڻي وجهوس. ڪو چوي ته فلاڻي دوا گهوٽي پياريوس.

در وٽ بينل هڪ همراهه پنهنجي جهيڻي آواز ۾ ذري ذري چئي رهيو هو: "بابا هن کي گرم گرم حلوو کارايوس پاڻهي صحيح ٿي ويندو." پر ان ڏي ڪنهنجو ڌيان نه پئي ويو. آخر مريض پاڻ رڙ ڪري چيو ته "ٻيلي هن جي به ته ٻڌو جيڪو در جي ٻاهران بيهي ڪجهه چئي رهيو آهي).

مريض جي وفات بعد، سندس وصيت جي پوئيواري ڪندڙ وڪيل

www.sindhsalamat.com

وٽ، ڊاڪٽر پهتو- جيڪو آخري ڏينهن ۾ مريض جو علاج ڪري رهيو هو.

"وڪيل صاحب! منهنجي علاج جي فيءَ لاءِ ضروري سمجهو ته قسم نامون ٻه لکي ڏيانوَ ته مريض مرڻ وقت منهنجي علاج هيٺ هو."

" ان جي ڪا ضرورت ناهي." وڪيل ڏيرج سان وراڻيو. "هن جو موت ئي وڏي ثابتي آهي ته هن ضرورتوڪان علاج ڪرايو هوندو."

هڪ مائيءَ کي ننڍ نہ اڇڻ جي بيماريءَ جي علاج لاءِ ڊاڪٽرياڻيءَ چيس:

"ڪڏهن ٻه خالي پيٽ تي نہ سمهندي ڪر، پريل پيٽ تي ننڍ جهٽ اچي ٿي."

"پر گذريل سال ته تو مون کي ڪائي سمهڻ کان منع ڪئي هئي."

ڊاڪٽرياڻي ڪياڙي ڪنهندي چيو: "ها اها پَر سال جي ڳالهه آهي، ان کان پوءِ ميڊيڪل سائنس ۾ تمام گهڻي تبديلي آئي آهي".

هڪ ٻئي لطيفي ۾ آهي ته ڊاڪٽر ان مريض کان پڇيو جيڪو ٻئي ڪن ساڙي، هن وٽ علاج لاءِ پهتو هو:

"توسان اها ويڌن ڪيئن ٿي؟"

"تي وي ڏسڻ مهل منهنجي زال استري پئي ڪئي، استري بلڪل فون پرسان رکي هئي. جيئن ئي گهنٽي وڳي ته پل ۾ مون ڪٽي استري ڪن تي رکي."

" پر پوءِ ٻيو ڪن ڪيئن ساڙيئي؟" ڊاڪٽر پڇيو.

" ان بعد منهنجي زال پنهنجي پر ۾ عقلمدي ڪري استريءَ کي فون واري جاءِ تي ۽ فون ويجهو ڪري رکيو. مون کي خبر ئي نہ. سو جيئن ئي ٻيو دفعو فون جي گهنٽي وڳي ته مون وري پنهنجي عقل جي ڊوڙ ڪري هٿ ڊگهيڙي پري رکيل شيءِ کي فون سمجهي ڪٽي ڪن تي رکيو ته ٻيو ڪن ٻه سڙي ٻيو."

ڊاڪٽر مريض کان پڇيو: "ڪنگهه جي دوا سپ پيتئي يا نہ؟"

books.sindhsalamat.com

مريض: "نہ مون پهرين ئي سُرڪ پري اهو فيصلو ڪيو ته اهڙي دوا کان ته ڪنگهه پلي آهي."

بيمارين، دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي اچي ڳالهه نڪتي. هڪ همراهه چيو:

"ڊاڪٽر وٽ وڃان ٿو ته ٻُڪَ ٽڪن جا هن کي ڏيان ٿو. آخر هن کي ٻه ته جيئرو رهڻو آهي. اهڙي طرح دوا لاءِ ڪيمسٽ وٽ وڃان ٿو. آخر ان کي ٻه ته جيئرو رهڻو آهي. ان کان دوائون وٺي اچيو گند جي ڊبي ۾ ڦٽيون ڪريان. آخر مون کي ٻه ته جيئرو رهڻو آهي."

ڊاڪٽرياڻيءَ پريشان همراهه کي فون تي چيو: " توهان زال جي علاج جو بلڪل فڪر نہ ڪريو. بس ائين سمجهو ته اسپتال مان جڏهن توهان جي گهر ايندي ته بلڪل نئين زال هوندي."

"سچ" خوش ٿي همراهه وراڻيو. "پر منهنجي زال کي خبر پئجي وئي ته..."

بي وقتو مريض کي ايندو ڏسي ڊاڪٽر چيس:

"توکي خبر ناهي ته منهنجي اسپتال جو وقت صبح جو نائينڪان شام جو چئين وڳي تائين آهي؟"

"ها سائين" مريض وراڻيو. "مونکي ته خبر آهي پر پاڙ واري گهٽيءَ جي ڪتي، جنهن مون کي چڪيو آهي، تنهن کي خبر ناهي."

هڪ عورت ايمرجنسي وارڊ ۾ فون ڪيو:

"ڊاڪٽر صاحب! منهنجو پٽ اندپين ڇِهِي ويو آهي."

ڊاڪٽر: " آئون اوزار ڪٽي هينئر ئي ٿو پهچان. تيسين تون چاٽي ڪرين؟"

عورت: "تيسين آئون ڪٽي پينسل سان ئي ٿي لکان."

ڪنهن مريض ڊاڪٽر جي گهر جو بيل وڄايو.

ڊاڪٽر جي زال در کوليو.

مريض: "ڊاڪٽر آهي؟"

www.sindhsalamat.com

زال: "نہ. هليو آءُ".

ڊاڪٽر گارڊن مٿيئن ڪتاب کان علاوه ٻئي ڪتاب The Hypochondriac's Almanac جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. جنهن لاءِ گهٽن جو اهو رايو آهي ته اهو ڪتاب ان شخص لاءِ بهترين تحفو آهي جنهن وٽ هر شيءِ هجي.

ظاهر آهي هن ۾ ڪيترائي لطيفا ماهر نفسيات Pascyhiatrists تي آهن.

نفسيات جي ماهر هڪ مريض کان پڇيو:

"مون کي پاڻ بابت، متان کان وڌي ڪجهه ٻڌاءِ."

"ها ڊاڪٽر صاحب." مريض وراڻيو. "پهرين پهرين مون اپ اپايو، ان بعد هيءُ ڏرتي..."

هڪ ٻئي مريض، نفسيات جي ڊاڪٽر کي ٻڌايو ته خبر ناهي چو هو پنهنجو پاڻ کي هر وقت ڪتو ٿو سمجهي.

ماهر نفسيات: "ڀلا اهو احساس توکي ڪڏهن کان آهي ته تون ڪتو آهين؟"

مريض: "جڏهن کان آئون پونگڙو هوس."

ماهرِ نفسيات : ڏاڍي ٻڌائيئي. چگو ڀلا ڪوچ تي ليٽ ته ڪجهه ٻيا سوال پڇيانءِ."

مريض: "مون کي ڪرسي، پلنگ يا ڪنهن ٻئي فرنيچر تي ويهڻ جي اجازت ناهي."

هڪ ماهرِ نفسيات ٻئي کان پڇيو: "تو Schizophrenics مريض جي علاج ۾ ماهريت حاصل چو ڪئي آهي؟"

وراڻيائين: "ان کان علاوه ٻئي ڪهڙي مريض کي توهان مهيني ۾ ٻه بل موڪلي سگهو ٿا؟"

(ياد رهي ته Schizophrenics وارا شخصيت وارن

books.sindhsalamat.com

نفسياتي مريضن کي سڏجي ٿو.)

نفسياتي علاج جي ڪلينڪ تي هڪ مريض تمام منڊل حالت ۾ پهتو.

"ڊاڪٽر صاحب! مون کي ڊپ وارا خواب نظر اچن ٿا." هن پنهنجي پريشانيءَ جو سبب ٻڌايو. "روزانو رات جو خواب ۾ اٺ ڏهه ٽلهيون متاريون چوڪريون مون کي پاڪرن ۽ چمين سان ورايون وجن."

"سو ان ۾ خوف يا پريشانيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟" ڊاڪٽر پڇيو.

"خواب ۾. آئون به چوڪري هوندو آهيان."

مسٽر گارڊن جي هنن لطيفن جي مجموعي جو گهٽو ياگو آپريشنن بابت آهي.

هڪ مريض آپريشن وقت سرجن کي چيو: "سائين ڏاڍو ڊڄان ٿو. ڇا ڪريان. منهنجي زندگيءَ جو هيءُ پهريون آپريشن آهي."

سرجن وراڻيو: "تنهنجي پريشاني چگيءَ طرح سمجهي سگهان ٿو. در اصل منهنجو به هيءُ پهريون آپريشن آهي."

هڪ ٻي آپريشن وقت مريض سرجن کان پڇيو:

"ڇا توهان ڊاڪٽرن کي پڪ آهي ته هيءُ آپريشن ڪامياب ويندو؟"

"اهو ئي ته معلوم ڪرڻ لاءِ اسان هيءُ آپريشن ڪري رهيا آهيون."

سرجن ڏهه ڀهه وراڻيو.

ڪنهن آپريشن بابت ڊاڪٽر مريض کي ٻڌايو ته سرجن ان آپريشن جا ٽي سئو پائونڊ ونندو.

مريض: "ڇا اهو ممڪن ناهي ته سرجن ڪجهه گهٽائي ٻه سئو پائونڊ وٺي."

ڊاڪٽر: "ها ائين ٽي سگهي ٿو. پر ان صورت ۾ هو مڊا اوزار استعمال ڪندو."

هڪ سرجن ٻئي سرجن کي ٻڌائي رهيو هو:

www.sindhsalamat.com

”فلاڻي سيٽ جو آپريشن، اسان چگو جو وقت اندر ڪري ورتو. هفتو ڏيڍ ۾ دير ڪريون ها ته هو بنا آپريشن جي ئي ٺيڪ ٿي وڃي ها.“

هڪ شڪي مريض پنهنجي سرجن کي چيو:

”سائين هو فلاڻو ڊاڪٽر ته منهنجي مرض جو ڪجهه ٻيو ئي علاج ٻڌائي ٿو.“

سرجن وراڻيو: ”ها مون کي خبر آهي پر پوءِ تنهنجو پوسٽ مارٽم ثابت ڪندو ته آئون سچ تي آهيان.“

آخر ۾ هڪ دفعو وري نفسياتي ماهر بابت هڪ ٻيو چرچو:

هڪ پوڙهو همراهه پنهنجي نوجوان پٽ کي نفسيات جي ڊاڪٽر وٽ وٺي آيو.

ڊاڪٽر پڇيس: ”هن کي ڪهڙي بيماري آهي؟“

پيءُ ”سائين هي سمجهي ٿو ته هي ماڻهو نه پر ڪڪڙ آهي.“

ڊاڪٽر: ”اهو وهم هن کي ڪڏهن کان دماغ ۾ وينل آهي.“

پيءُ: ”ان کي ٽي سال کن اڇي ٿيا آهن.“

ڊاڪٽر: ”ٽن سالن بعد هاڻي وٺي آيا آهيوس. هن کي پهرين ئي ڇو نه وٺي آيئو؟“

پيءُ: ”ان ڪري جو هيستائين اسان کي بيضن جي ضرورت هئي.“

مٿيون مضمون لکي هڪ ڳوناڻي کي پڙهيم ته هن به ڊاڪٽر بابت هڪ لطيفو ٻڌايو. جيڪو ڊاڪٽر بابت ته نه پر ان همراهه بابت آهي جيڪو پنهنجي زال مان سخت بيزار هو.

ڊاڪٽر زال جي تپاس ڪري همراهه کي چيو:

”اهو ٻڌي توکي پريشاني ٿيندي ته تنهنجي زال مهيني کان وڌيڪ مس جيئري رهندي.“

همراهه: ”مڙيئي خير آهي، ڊاڪٽر صاحب! جتي ٽيهه سال گذري ويا اتي باقي مهينو به گذري ويندو.“

سئٽزر لئنڊ جو سهڻو نظارو.



www.sindhsalamat.com



ملائيشيا جو مشهور ائڪٽر حڪيم پنهنجي ڏيءَ ماريسيا دانيا سان گڏ.




ملائيشيا جي مشهور گائڪي، ملڪ ترنم سيتي نور حاليزا.



سنگاپور جي نانگن جي پارڪ ۾



ملائيشيا جو پوليس چيف امر سنگھ سِکُ آهي. هن کان اڳ هڪ پاڪستان جو پناڻ زمان خان به رهيو.



هاٿين جو تولو هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ روانو ٿي رهيو آهي .



تان سري ٽوني فرنانڊس پنهنجي ايئر لائين جي ٻن ايئرهوسٽسن سان گڏ.



ملاکا جي گوردواري ۾ سِکن جو ڏرمي راڳ.



ٿائلنڊ ۾ هاٿين کان دعا ٻه ورتي وڃي ٿي .



مادرن توائليٽن ۾ ڪيترين ئي خوبيون آهن جيڪي رموٽ ڪنٽرول تي ڪم ڪن ٿيون.



جپان جا مادرن توائليٽ .

الطاف شيخ جا چپيل ڪتاب

1 انااميڪا
2 منهنجو ساگر، منهنجو ساحل
3 پيار جي گُهتَ
4 وايون وڃارن جون
5 سي ٻيڙيون رکين ٻاجھ سين
5 دنيا آهي ڪاڪ محل
6 سموند جن ساڻيھ
7 بندر بازاريون
8 سموند جي سيوين
9 سي جوپن ڏينھن
10 بندر ديسان ديس
11 خبرون ڪيڙائن جون
12 ڪويت ڪنارا
13 چا جو ديس چا جو وديس
14 جاني ته جھاز ۾
15 جپان جن جي جيءَ ۾
16 ڳالھيون تنھن جپان جون
17 خدا ڏي خط
18 جپان رس
19 سانپاھو سموند جو
20 موج نہ سھي مَڪڙي
21 الطاف شيخ جي نوٽ بڪ تان
22 بھترين سفرناما
23 لنڊن تائين لفٽ
24 ٻارن جون آکاڻيون
25 ٽوڪيو جي گيشا گرل
26 مڪليءَ کان ملاکا تائين
27 سنگاپور ويندي ويندي
28 ڪوالالمپور ڪجھ ڪوھ
29 ماسٽر هريام جو ٻئنڪاڪ وڃڻ
30 ڏُنگيءَ منجھ درياھ
31 ڏاھي جھرڪي
32 جت جر وھي ٽوجال
33 يادن جي انڊلڪ
34 ڳالھيون آھن ڳچ
35 اي جرني ٽو ٿائليند
36 Far East Proverbs Of
37 اوھريا جي عميق ڏي
38 اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا
39 ملير کان مالمو
40 جت برف پئي ٽي جام
41 ڪراچيءَ کان ڪوپن ھيگن
42 ارائوند دي ورلڊ
43 رڻ آهي گھوٽ سان
44 يورپ جا ڏينھن راتيون
45 اي رود ٽو مدينا
46 ھيلسنڪي جي حسينا
47 سنگاپور ٽو سڊ ڪري
48 آل ابائوٽ سنگاپور
49 ملائيشيا منھنجي من ۾
50 پلي پار تان پيرو
51 هي ٻيٽ هي ڪنارا
52 بوتلن جو سفر
53 سوزيءَ سان پيار
54 جل پريون
55 ملائيشيا 12 سالن بعد
56 تيستائين گڊ باءِ
57 جپان پنجويھ ورھين بعد
58 ڪراچيءَ کان ڪوڪورا
59 دھليءَ جو درشن
60 نيو ھالا کان نيويارڪ
61 بخشو لغاريءَ کان بالتيمور
62 ايران ڏي اُڏام
63 چند چوانءِ سچ
64 هلي ڏسجي هندستان
65 پکي اُڏاڻا پنھنجي ديس
66 ممباسا، شيدي بادشاھ همباشا
67 ڏيھ پرڏيھ جو سفر
68 بمبئي منھنجي پاکر ۾
69 هليو آ، هليو آ، ملائيشيا

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

70 مونکي موهيو ملائيشيا
71 وسي وڃ ڦڙو
72 نہ سي سڙھ سکان
73 بنارس کان برمودا
74 برونائيءَ کان برازيل
75 گھاتو گھر نہ آيا
76 جل پريءَ جي اڳڪٿي
77 ڪئپس جا ڏينھڙا
78 تاريخ جو سفر
79 جيءَ اندر جھاتي
80 واٽ ويندي
81 ڳوٺ جروار کان جپان
82 جي وجين تون جپان
83 وري ياد آيا
84 آرڪٽڪ سرڪل جي آسپاس
85 دنيا رنگ رنگيلي
86 جھونا ٽيا جھاز
87 پھتا آت پانڊيئڙا
88 چين ڪيو بي چين
89 جپان جپان آھي
90 زئيزيبار... جھنگبار

اردو میں

91 سمندر کے دن
92 ملائیشیا کے دن
93 یورپ کے دن
94 کراچی سے کوپن ہیگن
95 ایران کے دن
96 گیشائون کے دیس مین
97 جہاز چلانے کے دن
98 جپان کے دن
99 کنارے کے دن
100 میں چلا ممباسا
101 چلو چلیں ہندوستان
102 ملائیشیا نے مجھے موہ ل یا

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آھي ۽ پڙ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان ھلڻ جو سانباھو آھي، جو تہ تاريخ ھميشہ انھن قومن جو احترام ڪيو آھي جن پنھنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آھي. سنڌ سلامت پڙ پنھنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنھنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، ھنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آساني ۽ سان پھچائڻ جو عزم ڪيو آھي.

اسان جي خواھش ھئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل ھڪ اھڙو ڪتاب گھر قائم ڪجي جتي ھر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان ھجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت ھر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙھي سگھجي.

۽ اھو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گھر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگھيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گھر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گھر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنھنجو پورو سات نياڻيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گھر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي ھن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book